# زندگيءَ جي ٻئي تصوير

(ڪهاڻيون)

بيوس محرم مغيري

انٽرنيٽ ايڊيشن: عباس ڪوريجو ويب

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو

www.abbaskorejo.com

ڪنول
پبليڪيشن
قنبر

BOOK NO: (68)

◊ zindgi je bee taswear    ◊ زندگيءَ جي ٻئي تصوير
(storys)    (ڪهاڻيون)
◊ bewas muhram mugheri    ◊ بيوس محرم مغيري
FIRST EDITION 2010    ڇاپو پهريون: جنوري 2010ع
With All Rights Reserved
ڪمپوز/ٽائيٽل: ڪنول گروپس قنبر
© KANWAL
ڪنول
Publication Kamber    پبليڪيشن قنبر

ملهه: 100 روپيه

# ارپنا



بابا سائين
محمد عثمان مغيري جي نالي
جنهن جون آڱريون پڪڙي
پونءِ تي پير ڪوڙڻ سکيم.
جنهن پنهنجي ساهہ تي لت رکي
منهنجي لاءِ خوشيون تراشيون.
سندس اٿاهہ پيار
منهنجي زندگيءَ جو اثاثو هو.
سندس سايو
منهنجي مٿان وڏي چير ڇانوَ جيان هو.
منهنجي هر ننڍي وڏي خواهش کي پورو ڪيائين.
صرف منهنجي چهري تي مرڪ ڏسڻ خاطر ....
آڪاش جي ڏور پولارن ۾ وڃڻ ڪان اڳ بابا ....!
اهو تہ سوچين هان .....!
”آءٌ هِن کي ڪنهن جي سهاري ڇڏيون ٿو وڃان ...“

بيوس محرم مغيري

## اداري پاران:

مختصر ڪهاڻيءَ جي هِن دؤر ۾، بيوس محرم مغيري جو ڀريون ادبي سڃاڻپ ڪارڊ 'زندگيءَ جي ڀڃي تصوير' مجموعي لحاظ کان ڀرپور ذات جو شهڪار نمونو آهي. بيوس محرم مغيري (1989_07_18) بنيادي طور سماج سڌارڪ ڪتاڪار جي روشن روح جو مظهر آهي. وتس ڏانءُ به انهيءَ الهڙپن رکندڙ نينگريءَ جي ور وڪڙ وارن وارو آهي، جيڪي هڪ اينگل کان سُلجهيل نظر ايندا آهن ته ٻي طرف کان اڻ نبريل پيا محسوس ٿيندا آهن. قنبر ويجهو ڳوٺ الهه بخش مغيري ۾ جنميل هي ڳڀرو ڪهاڻي نويس، نوجوانيءَ جي جنون ۾، ڪهاڻي رکندڙ هر ڀڃي منظر نامي کي پنهنجي اندروني اک سان پرکي، اُن کي پنهنجي ڍنگ سان، پڙهندڙ اڳيان اهڙي ڪهاڻي پٽي سان پيش ڪري پيو، جيڪو شايد اڳ به هُن ٻُڌو هوندو پر ائين نه پڙهيو/ٻُڌو هوندو، جيئن بيوس محرم مغيريءَ سندس اڳيان آندو آهي.
پراڻين روايتن کي نئين وقت جي تقاضائن تحت ڏسندي، بيوس محرم مغيريءَ جون گهڻيون ڪهاڻيون مادي ترقي پويان ڊڪندڙ، روحاني پيچ ڊاهه جو شڪار اڄوڪي سماج جو اُهو تلخ عڪس آهن، جيڪو شايد ڪوئي ماڻهپي وارو منُ ڏسڻ چاهيندو. پر اُها المياتي حقيقت آهي ته اسان جو سماج اهڙن اُبتڙ روين جو مظاهرو فخر جوڳي انداز ۾ عام جام ڪرڻ لڳو آهي، جن جو ڪجهه اظهار هنن ڪهاڻين ۾ رقصان آهي.
شديد سچ جو شائق رائيٽر بيوس محرم مغيري پنهنجين ڪهاڻين ۾ ڏنل موضوعن کي نفسياتي لحاظ کان نئين معنيٰ ارپي رهيو آهي. سندس ڪهاڻيون گواهي ڏين ٿيون ته اُهي نئين دؤر جي نفسياتي/مايائي/ڀُڇيڙائي جهڙن وائرسن جون اگهاڙيون تصويرون آهن، جن کي پرکي ڪيرُ پنهنجو پاڻ سڌاري ته جيڪر تباهيءَ ڏانهن وڌندڙ سماج صحيح رُخ ۾ ترقي ڏانهن سفر ڪري.
ادبي سنگت قنبر جو هي سرگرم ڪهاڻيڪارُ چند مشاهداتي غلطين کان پاند آجو ڪرائي، ايندڙ ڪهاڻيڪار ٿيءَ ۾ ضرور اڳيرو ڪٿبو.

سعيد سومرو
ڪنول پبليڪيشن قنبر
saeedsoomro4@hotmail.com
0333_75_23132

# سٿاءُ

* زندگيءَ جي باب مان چورايل لفظ ـ 07
بيوس محرم مغيري

# ڪهاڻيون

† سلجهيل شهر جا واهيات فرد ــــــ 12
† ٻه ٽڪر ٽيل چنڊ ــــــــــــــ 15
† اڇا ڪپڙا .... ڪارا ماڻهو ـــــ 19
† چنڊ جهوليءَ ۾ ــــــــــــــ 24
† مهمان جي ميزباني ــــــــــ 28
† دنيا دورنگي ــــــــــــــــ 31
† گونگو، ٻوڙو ۽ چريو اديب ــــــ 36
† دوزخ پرسان جنت ــــــــــــ 41
† هو پاڻ ڪهاڻي بڻجي ويو ـــــ 45
† جذبن جي ڪربلا ــــــــــــ 49
† اڇا ڪي آهين! ــــــــــــ 52
† سچ خودڪشي ڪري ڇڏي ـــــــ 56
† خواب جو پٽ! ــــــــــــــ 59
† سفر ئي سفر ۾..! ـــــــــــــ 63
† زندگيءَ جي پي تصوير ــــــــ 67
† 420 تي 840 ـــــــــــــ 69
† ڪچا رنگ دوستيءَ جا ـــــــ 71
† هوءَ به هن جيان ...! ــــــــــ 74
† ٽڪرا تي ويل خوابن جو گنهگار ـ 76

† شڪ جو ڪندو ____________ 78
† محرم / نامحرم ____________ 80
† بدلو ____________ 82
† اڻ ڏٺي قتل جا پيرا ____________ 84
† انوکو فن ____________ 86
† مُنهن ۾ منڪر.. اندر اجرو! ____ 87
† گهروڙي ڏنل بجي مان نڪتل پيسا 88
† دنيا گول آهي ____________ 89
† اڄ جو الميو ____________ 90
† ”گلاب“ جو ”گل“ ____________ 91
† اڄ جي پوليس ____________ 92
† مهڪيل ادائون ____________ 93
† احساس ٻٽيا رانديڪا ____________ 94
† تون ڪٿي آن آزادي؟ ____________ 95
† سماج ____________ 96

# زندگيءَ جي باب مان چورايل لفظ

**(موت ڪيئن نہ ڪاوڙيل هوندو دوست....! اسان سندس زندگي جو چورائي ورتي آهي!)**

**زندگي ڇا آهي؟**
**ڪٿي آ.......؟**
**نظر ڇو نہ ٿي اچي....؟**
**ڇا ڪڏهن اسان سوچيو آهي تہ زندگيءَ جي رڻ ۾ دردن جا ايترا ٿوهر ڇو ڦٽندا آهن؟**
**شايد ناهي سوچيو.....! پر جڏهن مان اهڙن سوالن تي غور ڪندو آهيان تہ پنهنجو پاڻ منجهي پوندو آهيان. اڪثر ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ جاءِ بت بڻجي سوچن جي سمونڊ ۾ ترندو رهندو آهيان .... شايد تڏهن ئي تہ منهنجي من ۾ اِها ڪهاڻي اُيري....!**

***تلاشِ زندگي***

**وڻن ايامن ڪان پوءِ ملي.**
**پڇيائين "ڪيئن پئي گذري زندگي...؟"**
**چيومانس: "ڪٿي آ زندگي .....!؟"**
**"تنهنجي جيءَ سان جڙيل آهي...!"**
**"نظرن جو فريب آهي اِهو....!"**
**تلخ جواب ڏئي خاموشيءَ سان گهورڻ لڳي ٿي تہ پڇانس ٿو.**
**"ڇا پئي ڏسين...؟"**
**"زندگيءَ کي ڳوليان پئي...!"**
**"منهنجي چهري ۾...؟"**
**"ها...!"**
**"اُها تہ ڪڏهوڪ ختم ٿي چڪي آ...!"**

*

**ها، اها حقيقت آهي! مون پنهنجي زندگيءَ کي گهٽو ڳوليو آهي! مون ۾ ۽ قلم جي نوڪ ۾ ايتري طاقت ناهي جو زندگيءَ کي قلهورڻ واري ڪٿا جي جذبن جي ترجماني ڪري سگهون....!**
**ها، مون پنهنجي زندگيءَ کي ڏسڻ تي گهريو، ها .... مون سندس چهري تي پنهنجي زندگي (مرڪ) ڏسڻ تي گهري....!پر منهنجي نيڻن جي پاڳ ۾ زندگيءَ جو عڪس ڪٿي....؟**

جڏهن زندگيءَ ۾ زندگي نہ رهي تہ موت سان ملاقات ڪرڻ جو سوچيو هئم. صرف سوچيو نہ هئم پر هڪ اٽل فيصلو ڪيو هئم. دنيا جي دردن، رشتن جي رهزنيءَ، مفلسيءَ جي باهہ ۽ جڳ ۾ نفرتن جي هجوم کان فراريت جو رستو اپنائيندي اڻ ڏٺل زندگيءَ جي پڄاڻي ڪرڻ نڪتو هوس .....!

رستي دوران جيڪڏهن هوءَ مون سان حادثاتي طور نہ ملي ها تہ شايد مان هي سٽون لکي نہ سگهان ها .....!

هن جي پڇڻ تي ڪيس سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيم .... چڻ تہ باهہ جي مچ ۾ پيٽرول هاريو هئم. شروع ٿي وئي ....! هن جا لفظ، هن جا جملا، هن وقت تائين منهنجي ذهن جي رڳن ۾ ڊوڙندا آهن. چيائين: "صرف پنهنجي زندگيءَ ڪي ناهي ڳولبو...! انهن جي زندگين کي بہ ڳول، جيڪي تنهنجي جيءَ سان جڙيل آهن ...! انهن زندگين کي بہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪر .... جيڪي تو منجهہ پنهنجي زندگيءَ جو عڪس ڏسي جيئندا آهن...! توکي پنهنجي زندگي نہ ملي تہ بس، انهن زندگين جو ڇا... جيڪي تو ۾ پنهنجي زندگي ڏسندا آهن! ڇا انهن زندگين جي توکي پرواهہ ناهي...؟ انهن زندگين جي ارٿين کي شمشان جي چتا ۾ جلائي تنهنجي روح کي شانتي ملندي ...؟ ايتري جلديءَ ۾ ڪنهن کي ٿي پنهنجي زندگي ملي....؟ جو تون حوصلو هاري ويٺو آهين ...؟ تلاش ڪر پنهنجي زندگي....! ڪٿي نہ ڪٿي تنهنجي زندگي تنهنجي لاءِ مرڪندي هوندي ...!"

سندس انهن لفظن مون کي جيئندان ارپيو ۽ مان بزدل ڇوڪري مان بهادر مرد بڻجي ويو هئم، شايد تڏهن ئي لکيو هئس ...!

زندگي ....
تنهنجي ڪومل ڪومل نيڻن کي
مون پنهنجون ننڊون ارپنا ڪيون هيون ...!
ننڊ بنا
گذريل منهنجو هر پل
تنهنجي حسن کي سجدا ڏيندي
منافقيت جي راهہ تي رمندو
توکي ڪنهن
مندر ۾ تراشيل
مورتيءَ جيان چاهيندي گذريو هو ....!
پر تو مون کي
ڊسٽ بن کان وڌيڪ
ڪجهہ بہ نہ سمجهيو هو.
جڏهن بہ تنهنجي دل چاهيندي هئي،
منهنجي وجود ۾
دردن جا خنجر لاهي ڇڏيندي هئينءَ!
اذيتن سان پنهنجي شڪل بگاڙي
من جي معصوم ٻارکي ڊيڄاريندي هئينءَ!
گجگوڙ ڪري
بي رخين جا بادل وسائيندي هئينءَ!

ها .... زندگي ياد تہ هوندئي ....؟
تنهنجي وفا لئہ
توکي ڏسڻ لئہ
ڪيڏا ڪشالا ڪٽيا هيم ...!
تو تہ وفا ڪونہ ڪئي!
پر آءٌ توسان
جفا ڪري موت سان ياڪر
ڪونہ پائيندس ....!
چو تہ آءٌ
بزدل ٿورئي آهيان .....!

*

اڄڪلهہ ڪهاڻيءَ جا نوان نوان چهرا ڏسڻ لاءِ ملي رهيا آهن...! طويل ڪهاڻي، پوري ساري ڪهاڻي (جنهن ۾ پٽاڙ ۾ ڏيگهہ نہ هجي) مختصر ڪهاڻي، بنهہ مختصر ڪهاڻين ڪان ويندي ٻڙي اکر ڪهاڻي، پڙهڻ ۾ سرجڻ لڳي آهي.
سُسندڙ ڪهاڻين جو سبب شايد پڙهندڙ ئي آهن، جيڪي گهٽ وقت ۾ گهڻو ڪجهہ سمجهڻ چاهين ٿا...! تنهن ڪري ليکڪ بنهہ ننڍڙيون ڪهاڻيون سرجڻ لڳا آهن، يا ان جا ٻيا بہ سبب ٿي سگهن ٿا....!
توهان ڪٿي منهنجو ئي مثال وٺو، مون بہ ڪافي ننڍڙيون ڪهاڻيون لکيون آهن، پر انهن جو مون وٽ پنهنجو جواز آهي.
هوائن جي سرگوشيءَ ۾ ذهن جي آڳر تي ڪهي آيل ڪي ننڍڙا سهڻا خيال...! مون سدائين انهن خيالن جي عڪس ڪي يا ڪٿي ائين چئجي، فڪر جي گهرائيءَ مان لڌل ڪجهہ خوبصورت خيالن کي، ڪاغذن جي جهوليءَ ۾ پناهہ ڏيڻ چاهي آهي. ائين بہ ناهي تہ ڪنهن بہ هڪڙي خيال کي ڪهاڻي چئي سگهجي، جيستائين ان خيال ۾ ڪهاڻيءَ جون گهرجون نہ شامل ڪيون وڃن!
هونئن تہ ڪهاڻيءَ جي گهرجن متعلق هر ڪنهن جا پنهنجا خيال/ نظريا آهن. پر مان ائين چوندس تہ مختصر ڪهاڻين جون ٽي گهرجون آهن.

1 : شروعات
2 : واقعو
3 : پڇاڙي.

طويل ڪهاڻين جون گهرجون.

* : شروعات
* : پلاٽ
* : ڪردار
* : ڪلائيميڪس

جيڪڏهن طويل يا مختصر ڪهاڻين ۾ اينتي ڪلائيميڪس اچي وڃي تہ اڃا بہ بهتر.
ڪهاڻي چوڻ ۾ 'پنجن لفظن جو هڪ مجموعو' آهي پر ڪهاڻيءَ جي دنيا تمام وسيع آهي، جيئن سوچن جي دنيا...... دماغ جي رڳن ۾ ڊوڙندڙ خيال .... جيڪي پل پل متجندا رهن ٿا.

ڪهاڻيون صرف خيالن جون نه ناهن ٿينديون پر ڪهاڻيون ٻانورن احساسن جو نالو نه آهن ـ ڏکن ۽ دردن جو نه باب آهن ـ ڪهاڻي سچيتائي آهي، ڪهاڻي اُس جي آتشيءَ ۾ ٻرندڙ ڌرتيءَ تي ويٺل اُن پوڙهيءَ جي ڪش جيان آهي، جنهن ڪش جي دونهين ۾ اها پوڙهي پنهنجن دردن کي منتشر ٿيندي اڏامندي ڏسندي آهي. ڪهاڻي حسرتن ۽ مسرتن جو عڪس آهي ....!

هاڻ آءٌ کهڙا کهڙا جذبا ميڙيان ...؟ بس ايترو چوندس ته نظر جي قُملاءَ ۾ ڪهاڻي ئي ڪهاڻي آهي ... پر شرط ته ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ واري نظر هجي، ٻين جي جذبن کي پروڙڻ واري وسيع نظر هجي.

سوچيان ٿو ته پنهنجي هڪ هڪ ڪهاڻيءَ تي توهان سان دل کولي ڳالهايان پر مون کي لڳي ٿو ته توهان جي راءِ ئي منهنجي ڪهاڻين جي جذبن جي ترجماني ڪري سگهي ٿي. توهان جي معتبر راءِ ئي منهنجي "ڪجهه" کي "سڀ ڪجهه" بڻائيندي. تنهن ڪري مون کي پنهنجي راءِ کان محروم رکي ائين نه سوچجو ته هي 'محرم' اسان لاءِ به 'نامحرم' آهي.

هن منهنجي پهرين تخليقي پورهيي کي جن سڄڻن توهان جي نيڻ نهار تائين پهچائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي آهي انهن ۾ سائين رياضت ٻرڙو، بشير احمد آچر، عباس ڪوريجو، سيف الحق 'سيف'، نورالحق 'نور'، 'ايس سرمد'، عزيز قاسماڻي ۽ محمد پناهه مغيري، جن جو آءٌ نهايت شڪر گذار آهيان.

ڪجهه پنهنجن ويجهن دوستن، جن منهنجي احساس کي ميرو ٿيڻ کو نه ڏنو. ياءُ محمد عرس مغيري ۽ راجا مغيري، دوست احمد علي بليدي، سڪندر آرزو، عزيز بليدي، عابد حسيني، علي دوست، وفا جبار مغيري، ۽ آغا نيڪ محمد، جن جا احسان لاهڻ جوڳا ناهن، ڇو ته اهي ئي ته دوست آهن جيڪي مون کي سدائين لکڻ لاءِ همٿائيندا رهيا آهن.

آخر ۾ وڏا وڙ ڪنول پبليڪيشن قنبر جي معتبر شخصيت سعيد سومري جا، جنهن منهنجي منتشر ٿيل احساس کي ڪتابي صورت ڏني.

توهان جي قيمتي راين جو انتظار رهندو.

بيوس محرم مغيري
bewasmugheri@yahoo.com
Cell: 0333 7524034

ايڊريس: بيوس محرم مغيري،
گل برتن اينڊ ڪراڪري اسٽور
شاهي بازار قنبر علي خان ـ سنڌ

## سلجهيل شهر جا واهيات فرد

سڄي رات فيڪٽري ۾ ڪم ڪري، صبح جو بستري تي ليٽي ڪمبل اوڍي ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ته ساهه ٻوساٽجڻ لڳس. سياري جي سرد راتين ۾ ڪم ڪندي زڪام مٿس حاوي ٿي ويو هو. نڪ بند هئڻ سبب ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿيڻ لڳس، ساهه کڻڻ جي لاءِ منهن کي ڪمبل جي قيد مان ڇڏائي ساهه کڻڻ لڳو، گهٽو سيءُ هئڻ ڪري وري منهن کي ڪمبل جي قيد ۾ پيو آڻي. هڪ عجيب بيچينيءَ جي ڪشمڪش ۾ مبتلا هو، پاڻ تي خار ۾ چڙ آيس ته سياري جي سرد راتين ۾ ڪم دوران جيڪيٽ پائي ها يا رومال سان منهن ويڙهي ها ته اڄ اهو ڏينهن ڏسڻو نه پوي ها. هو ننڊ ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو.
مٿان واري ڪمري مان سندس پاڙ ۾ پاڇائيءَ جو جهيڙو هن جي ننڊ ۾ خلل وجهڻ لڳو، سندس پاڇائي چئي رهي هئي.
“تو سان شادي ڪري مون پنهنجو جيون جهنم بڻائي ڇڏيو آهي....”
“پنهنجي لاءِ ته جهنم بڻايئه، هاڻي منهنجي زندگيءَ کي جهنم چو ٿي بڻائين، مون کي ته سڪون سان رهڻ ڏي. هونئن به توسان شادي ڪري مون ڪهڙو سک جو ساهه کنيو آهي!”
“منهنجي ته قسمت ئي ڦٽي وئي آهي...”
“تنهنجي قسمت ڦٽي وئي آهي ته منهنجي قسمت چو ٿي ڦٽائين؟”
“تنهنجو سهٽو ڦوٽو ڏيکاري والدين مونکي توسان پرڻايو، مون کي ڪهڙي خبر ته تون شڪل جو سانورو هئڻ سان گڏوگڏ اندر جو به ڪارو هوندين!”
“مان تو چوان چپ ڪر.... نه ته....”
“نه ته ڇا ڪندين ....!؟”
۽ هڪ زوردار ٺڦڙ جو آواز هن جي ڪن ۾ داخل ٿيو ۽ ان ڪان پوءِ سندس پاڇائيءَ جي روئڻ جو آواز...!
هو پٽڪڻ لڳو: ‘مون کي زڪام ۽ هنن جو جهيڙو سمهڻ نه ڏيندو.’ هو ڪمبل هٽائي، بستري مان اٿي ٻاهر نڪري ٿو.
سيءَ جي هڪ لهر سندس جسم ۾ ڊوڙي ٿي. ٻنهي ٻانهن سان پاڻ کي ٻاڪر پائي سيءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ جو جتن ڪرڻ لڳو ۽ جهٽ ۾ پاڻ کي ٻاڪر جي قيد مان ڇڏائي، کيسي مان رومال ڪڍي نڪ کي صاف ۽ رومال کي خراب ڪري کيسي ۾ رکي، پاڻ کي ٻاڪر پائي روڊ تي ايئن هلڻ لڳو هو، ڄڻ هو ڪوئي انجينئر هجي، ۽ روڊ ماپڻ جو ڪم هن کي سونپيو ويو هجي!
منهن ورائي پوسٽ آفيس ڏي نهاري ٿو. جتي مردن ۽ زائفن جي ڏاڍي رش هئي، شايد زڪوات جي ڪري بيٺا هئا، دل ۾ سوچڻ لڳو: “اهي لائين سان چو نه ٿا بيهن ته واري واري سان ڪين زڪوات ملي. اسان جي ملڪ مان هي جهالت ڪڏهن ختم ٿيندي..؟”
ٿورو مس اڳتي ٿو هلي ته هڪڙي هوٽل مان هلندڙ ڳاني جو فل آواز سندس ڪنن جي پردن کي چيريندي دماغ جي رڳن کي لوڏي ڇڏي ٿو. پنهنجي منهن پٽڪڻ لڳو: “واهيات انسان آهن، ڪنهنجي پرواهه ئي ڪانه اٿن. ڪنهن جو موڊ ڪئين آهي، ڪو پريشانيءَ جي ور چڙهيل آهي، ڪنهن جي مٿي ۾ سور جا گهنڊ ٿا وڄن، هي واهيات انسان پنهنجي مستيءَ ۾ فل واليم ڪيون وينا آهن. انهن کي ڪنهن جي ڪا پرواهه ئي ناهي..!؟”
تيزيءَ سان اتان وڌندي نظرون ڊوڙائي ٿو ته مانديءَ جي پرسان بيٺل هڪ شخص تي سندس نظر بيهي ٿي. جنهن جي چهري مان وحشت بکي رهي هئي، جيڪو تماڪ سان پريل پان وات ۾

وجهي ڇپاڙڻ لڳو هو. پنهنجي منهن ڀڻڪڻ لڳو: “ اِهي ڇٽ ماڻهو ڪڏهن سڌرڻ جو لباس پنهنجن جسمن تي اوڍيندا...؟ پنهنجي تباهي ڀويان پاڻ ٺا ڍڪندا وتن.”

دل ۾ خيال آيس تہ وڃي ڪيس سمجهائي، تہ تون جيڪو ڪجهہ صبح سان ڪائي رهيو آهين، اُهو هڪ ڏينهن توکي ڪينسر ۽ ٻين موذي مرضن ۾ مبتلا ڪندو ۽ تون ان وقت ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندين...؟ پر ٻي سمي ان خيال کي من ۾ ئي مدفن ڪري سوچڻ لڳو: “مان ڪهڙو قوم جو ليڊر آهيان، مان ڪيترن کي سمجهائيندس، خبر ناهي اِهي منهنجو چوڻ مڃن بہ الاءِ نہ...؟”

ان رستي کان نڪري روڊ تي اچي پنهنجي نيستي وجود کي گهلڻ ٺو لڳي. جتي ٽرئفڪ جو شور هن جي ذهن کي مائوف ٿو ڪري ڇڏي. پاڻ تي مَنيان اچڻ لڳس تہ مان گهر کان ئي ٻاهر ڇو نڪتو آهيان..؟ سڄي رات اوجاڳي سبب سندس اکيون رت هاڻيون ٿي پيون هيون، سامهون کان هڪ سفيد ڪلر جي ڪار سندس پرسان گذري، جنهن جي فرنٽ سيٽ تي اونچي نسل جو ڪو ڪتو ويٺو هو. هو سوچڻ لڳو، ‘اڄڪلهہ غريب ماڻهو فٽ پاٿ تي سٽل نظر ٺا اچن ۽ هي ڪتو ڪار جي نرم و ملائم سيٽ کي پنهنجي پيءُ جي جاگير سمجهي ويٺو آ’.

سج بہ ڪانا مٿي چڙهي آيو هو پر هوا لڳڻ ڪري سيءُ گهٽ ٿيڻ جو نالو نہ پئي ورتو. روڊ کان پرتي نظر اڇلايائين تہ اتي چولن جي اسٽال تي ڪيس هڪ وڏو هجوم نظر آيو. ٽرئفڪ دوران روڊ ڪراس ڪري هجوم کي چيريندو اڳتي وڌيو اتي ڪيس ٻہ همراهہ وڙهندي نظر آيا ۽ باقي سڄو هجوم انهن ٻنهن جي چوڌاري تماشائي وانگر بيهي لطف اندوز ٿي رهيو هو، ڄڻ انهن جي سامهون ريسلنگ پئي هلي....! ٺونشن ۽ مڪن جو زيپٽ ... گارين جي ڏم ...

هُن هجوم مان هڪڙي کان پڇيو: “ڀائو اِهي ڇو پيا وڙهن؟”

هُن وڙهندڙن مان هڪڙي ڏي اشارو ڪندي چيو:

“هو چولا ڪائي وڃي رهيو هو ۽ هُن ڪائنس چولن جا پيسا گهريا، هُن پئسا ڏيڻ بجاءِ ڪيس پٺي گار ڏني ۽ هاڻي وڙهي رهيا آهن.”

هن ڪيس چيو: “ايتري ڳالهہ تي پيا وڙهن، توهان انهن کي ڇو نٿا ڇڏايو!”

هو چوڻ لڳو: “پرائي ڦڏي ۾ اسان جو ڪهڙو ڪم..!؟”

اهڙو جواب ٻڌي بہ هُو اڳتي وڌي ٻنهن کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ هڪڙو زوردار ٺونشو اچي نڪ ۾ لڳس. ڏينهن ۾ ڏسڻ جي لاءِ تارا ملي ويس. هجوم ۾ بيٺل ٻئي همراهہ هن کي ٻاڪر ۾ ڀري ٻاهر ڪڍندي چيو.

“ ڇو ٿو پرائي ڦڏي ۾ پنهنجو پير اٽڪائين ...!”

زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪيس ايئن لڳو تہ ڪير صحيح پيو چوي، جيڪڏهن ماڻهو ٻاهہ جي مچ ۾ هٿ وجهندو تہ نتيجي ۾ هٿ تہ ضرور سڙندس. نڪ تي هٿ رکي هجوم مان ٻاهر نڪري سوچڻ لڳو.

‘سڄي دنيا ترقي ڪري رهي آهي، صرف اسان جا جاهل ۽ واهيات قسم جا ماڻهو ڪڏهن بہ ترقي نہ ڪري سگهندا، انگريز وڃي چنڊ تائين پهتا آهن ۽ اسان جا اڻ پڙهيا ماڻهو زمين سان چنبڙيا ويٺا آهن، اڄڪلهہ ڇڳائي جو دور ئي ناهي، ڇڳائي ڪرڻ ويندين تہ اجان بہ ٿي لتون ڪُڪ ۾ لڳنديءِ. بہ ٿي ڏينهن اڳ اخبار ۾ شهر جي ناظم جو بيان لڳل هو، هاڻي اسان جو شهر سلجهيل شهرن ۾ ڳڻجڻ لڳو آهي.

هُو زور سان ڀڻڪي ٿو، ‘سلجهيل شهر جا واهيات فرد آخر ڪڏهن سڌرندا.’

هُو روڊ تي پنهنجي منهن ڀڻڪندو هلندو ٿو رهي. نڪ ۾ آيل سنگهہ کي هٿ ۾ زور سان سڻڪي ڦهڪو ڪري اڇلايائين، جيڪا روڊ جي سائيڊ سان ٺهيل ڀت تي ٺقجي وئي. اوچتو سندس پرسان هڪ سوٽ بوٽ ۾ همراهہ گذريو. ڀت تي ۽ هن تي نظرن جا تکا تير اڇلائي چوڻ لڳو:

"oh shit ! پت ئي خراب ڪري ڇڏئين، سلجهيل شهر جا واهيات فرد آخر ڪڏهن سڌرندا....!؟"

*

## ٻه ٽڪر ٽيل چنڊ

سورنهن سالا ڇوڪريءَ جون دانهون ڪمري جي ڇت ۾ پٽين سان ٽڪرائجي رهيون هيون ....! شديد تڪليف ۾ سندس لڱ ڀڄي پيا هئا ...! ڪپڙي جي هُڪڙي ليڙ ڪان به محروم ٻٽيل هئي ....! زيرو بلب جي روشنيءَ ۾ سندس جسم جو هڪ هڪ انگ ڏڪڻ باوجود چنڊ جيان ٻريو پئي ...! وهي ڪان تڙيل ۾ ڪاراٽيل، ڪپڙن ڪان بي نياز وجود سندس ڪير جهڙي وجود سان چور وانگر چنبڙيل هو ...! هوءَ پاڻ ڇڏائڻ جا ناڪام جتن ڪري رهي هئي .... پر هو شراب جي نشي ۾ ڌت، سندس ڇڏائڻ جي هر ڪوشش کي ناڪام بڻائي رهيو هو ....! سندس آهن ۽ دانهن کي بند ڪرڻ لاءِ هن پنهنجا ڪاراٽيل چپ هُن جي گلاب جي پنکڙين جهڙين نرم و ملائم چپن ۾ پيوست ڪري ڇڏيا ....! جنهن منجهان شراب جي بدبوءِ سندس جسم ۾ ڦهلجڻ لڳي هئي ۽ سندس آهون ۽ دانهون چپن ڪان نڪرڻ ڪان ئي اڳ جسم جي قبر ۾ مدفن ٿيڻ لڳيون هيون، ٻيڊ جي لڏڻ سان عجيب آواز جنم وٺي رهيا هئا. هڪ طرف سڏڪا هئا ۽ ٻئي طرف سسڪاريون ...!

جڏهن جوش ٺڏو ٿيس ته ڇوڪريءَ کي ٻڪ هٽي سمهي پيو. جا سور ڪان ٻيٽي ٿيٽي ٿي پئي هئي. ڪجهه سمي ڪان پوءِ ننڊ جي ديوي هن حوس پرست جي مٿان مهربان ٿي وئي ۽ ڇوڪريءَ جا سڏڪا گونجڻ لڳن ٿا. ۽ اهڙي ريت هن ڪاريءَ رات هڪڙي گناهه کي پنهنجي پيٽ ۾ ڍڪي ڇڏيو ...!

صبح جو جيئن ٻاڪ ڦٽڻ لڳي، پکي پکڻ ڪاڏي جي تلاش ۾ اڏرڻ لڳا. هو به اٿيو ۽ هڪ نظر ڇوڪريءَ جي چهري تي اڇلايائين. جنهن جو چهرو ڪوماٽيل گلاب جي گل جيان هو، ڪاري رات ڪان اڳ سندس چهرو هڪ اهڙي ٽڙيل گلاب جي گل وانگر هو، جنهن مٿان ڪنهن به پوئنر پيرو نه پريو هو، پر اڄ هوءَ بلڪل ڪومائجي وئي هئي، اکين مان نڪرندڙ موتين سندس ڳلن تي ميرانجهڙا رستا ٺاهي ڇڏيا هئا. اڄ هوءَ ڇوڪريءَ منجهان عورت بڻجي وئي هئي، سندس ريشمي ذلف اندر ۾ پيچ ڊاهه ٽيل عضون جيان وڪريل هئا. ڇوڪريءَ جي چهري تي سرسري نظر وجهي ليٽرين طرف هليو ويو، وهنجي سنهجي ڊرائنگ روم ۾ آيو، جتي اخبار سندس منتظر هئي.

ڪرسيءَ تي ويهي اخبار جي سرخين تي نظرون ڦيرائڻ لڳو، سندس هڪ نوڪر چانهه سان گڏ بسڪيٽ ميز تي رکي ساڻس ڳالهائڻ جي جرئت ڪري ٿو.

"سائين! نبوءَ جي فون آئي هئي، چيائين پئي ته مان اڄ نه اچي سگهندس، تنهن ڪري ڇوڪريءَ کي وٺڻ سندس ماءُ ايندي ....."

"ٺيڪ آهي تون وڃ ....." هڪ نظر نوڪر تي وجهي وري نظرن جو مرڪز اخبار کي بڻايائين.

چانهه پيئندو رهيو ۽ اخبار جي سرخين تي به نظرون ڊوڙائيندو رهيو ..! اخبار مان ڪجهه پڙهي، پنهنجي منهن ٽڪڻ لڳو.

"ڪيڏا نه ماڻهو بيوقوف آهن، جو شاديءَ جون زنجيرون پنهنجي پيرن ۾ ٻڌي، ٻاهرين برياني کائڻ کان لنوائيندا آهن، شادي هڪ تعدي مثل آهي، شادي کان پوءِ زال جا نخرا ۽ مهڻا سهڻا پوندا آهن، وري ٻارن جي ذميواري ڪٽڻي پوندي آهي، انهن کي ڪارائڻ جو بلو به ان شخص تي هوندو آهي، جنهن تعدي کي پنهنجي ڳلي ۾ وڌو، تعديءَ جون تلوارون نه سهندي هو مري ويو ۽ هاڻي

اخبار جي سرخين جي زينت بڻيو آهي ....! الله سائينءَ جا لک قرب آهن مون تي ... جو شاديءَ جهڙي تعديءَ کان بچائي ڇڏيائين ....! رب جو عطا ڪيل سڀ ڪجهه آهي، عزت آهي، شهرت آهي، دولت آهي، جنهن کي اڪيلو ڪائي نٿ پيو ڪريان .... جيڪڏهن نبوءَ جو ساٿ نہ هجي ها تہ شايد آءٌ بہ شاديءَ جي زنجيرن ۾ ٻڌجي وڃان ها .....! پر جيڪو ميوو اڄ چکرايائين، ان جا ٿورا تہ ڪڏهن بہ لاهي نہ سگهندس ....!"

چانهہ جو ڪوپ خالي ڪري اخبار جو پنو اٿلائي، رنگين ڦوٽن جا نظارا پسڻ لڳو. سندس نظر وڃي هڪ جوڙي تي پئي، جنهن جي هيٺان لکيل هو: "گهوٽڪيءَ مان هڪڙي جوڙي گهران ڀڄي عدالت ۾ شادي ڪري ورتي، مالڪن طرفان مارڻ جون ڌمڪيون، ڪين بچائڻ لاءِ عدالت کي اپيل."

هن ان جوڙي واري ڇوڪريءَ جي عڪس کي چتائي ڏٺو تہ کيس شهنازِ ياد اچي وئي.

اُها شهناز، جنهن سان هن جي ملاقات جوانيءَ جي دور ۾ ڪاليج ۾ ٿي هئي، هڪڙي ملاقات کان پوءِ ٻگهين ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿيو، پوءِ ٻنهين جي دلين ۾ پيار جي خوشبوءِ ڦهلجي وئي، گڏ جيئڻ ۽ مرڻ جا واعدا وچن ڪيا ويا، هڪٻئي جي ايترو تہ ويجهو اچي ويا، جو جوانيءَ جي جوش ۾ هنن کان نہ ڪرڻ جهڙي غلطي ٿي وئي، ڪجهہ مهينن کان پوءِ شهناز کيس ٻڌايو تہ هوءَ سندس اولاد جي ماءُ ٿيڻ واري آهي، تہ هن جي من ۾ قيامت برپا ٿي، عقل منتشر ٿي ويس، اهڙي خبر هن جي جسم ۾ زلزلي کي جنم ڏنو، ان زلزلي هن کي ڏڪائي ڇڏيو.

شهناز کيس چيو تہ "هاڻي اسان ٻنهي کي شادي ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ اسان ٻنهي جي ڀلائي آهي."

وڪريل جذبن جي حصن کي ميڙي، اوچتي آيل ان زلزلي ۾ جسم جي اندر پيچ ڊاهہ ٿيل عضون کي آهستي آهستي سميٽي، من ۾ برپا ٿيل قيامت کي سوچ جي وهڪري سان پاسو ڪري کيس چوڻ لڳو.

"نہ ...... ايئن نہ ٿو ٿي سگهي."

"هي تون ڇا پيو چوين جواد ....!؟" شهناز سراپجي وئي هئي.

"صحيح تہ چوان پيو.... !!"

"تون تہ مون سان پيار ڪندو آهين ...! تو تہ مون سان گڏ جيئڻ ۽ مرڻ جا واعدا ڪيا ها ..... تون ايئن نہ ٿو ڪري سگهين ...! مون کي بدنام نہ ڪر...! پليز ائين تہ نہ چؤ....! آءٌ برباد ٿي ويندس ..... لٽجي ويندس، ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جي لائق نہ رهنديس ..!" شهناز جون اکيون ڀڃڻ لڳيون هيون.

"ها..... چيو هوندم، پراهو ڪوڙ هو، تون ٽرڊ ڪلاس گهراڻي جي ڇوڪري ... ۽ مان پنهنجي پوڙهي پيءُ جي بي انتها دولت جو اڪيلو وارث ... تون زمين جي ڌڌڙ ۾ ڌتل هڪ عورت .... ۽ مان آڪاش جي پولارن جو بي تاج بادشاهہ ...! اهو هرگز ڪونہ ٿيندو..... جيڪو تون ٿي چاهين، ڇري زمين ۽ آسمان ڪڏهن بہ ناهن گڏبا .... ۽ چنڊ ڪڏهن بہ ٻہ ٽڪر ناهي ٿيندو..... !"

"جواد مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ تنهنجي معصوم چهري پٺيان هڪ وحشي جو ڀيانڪ چهرو لڪل هوندو، تنهنجي زبان مان نڪتل هر لفظ مون کي امرت جيان مٺو لڳندو هو، ڪاش مان ان وقت ئي محسوس ڪري سگهان ها تہ تنهنجن مٺڙن جملن اندر ڀيائي ئي ڀيائي آهي. دوکو آهي ... جواد ....تون وڏو ڪميڻو آهين ... ٻڌي ڇڏ ... زمين ۽ آسمان اڄا تائين ناهن گڏيا، پر گڏبا

ضرور ..... ۽ چنڊ به هڪ ٽڪر ضرور ٿيندو .....جڏهن قيامت برپا ٿيندي ... ۽ ياد رکجانءِ تو جيڪو ڪجهه مون سان ڪيو، ان جو بدلو مان ڪهڙي به طرح توکان ضرور وٺنديس...."

ڪال بيل جي آواز تي ماضيءَ جي جهروڪن مان نڪري حقيقت جي هرڻ کي هٽ سان ڇهي ٿو.

"رامون .... او رامون ..... ڏس ته ڪير آ ٻاهر؟" پنهنجي نوڪر کي سڏيندي چيائين.

"حاضر سائين!" سندس نوڪر ايئن چئي دروازي طرف هليو ٿو وڃي، ڪجهه ساعتن کان پوءِ موٽي اچي ڪيس چئي ٿو، "سائين ڇوڪريءَ کي وٺڻ، سندس ماءُ آئي آهي ۽ توهان سان ملڻ ٿي چاهي، مان ڪيس ويٽنگ روم ۾ ويهاري آيو آهيان."

"ٺيڪ .... مهمان جي لاءِ ماني جو بندوبست ڪر .... تنهن کان اڳ ڇوڪريءَ کي اٿاري وٺي آ."

"حاضر سائين!" ڪنڌ جهڪائي رامون ڪمري طرف هليو ٿو وڃي.

ڪرسيءَ جي جند ڇڏي ويٽنگ روم ۾ آيو، جتي هڪ عورت هن ڏانهن پٺ ڪري سندس فريم ۾ قيد ٿيل پراڻي تصوير کي ڏسي رهي هئي.

هن ڪنگهندي ڪيس پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڏنو.

عورت منهن ورائي ڏانهس ڏسي ٿي ته عورت کي ڏسي هن کي جهٽڪو لڳو. سندس حيرت جي ڪا حد ئي نه رهي. ٻٽ جيان هڪ جاءِ تي بيهجي ويو، ڇو ته سندس اڳيان شهناز بيٺي هئي.

ڪيس چوڻ لڳي. "جواد...! مان سيني مائرن کان بدترين ماءُ آهيان، جنهن پنهنجو بدلو وٺڻ ڪارڻ ....

ڪجهه چپ رهي ايندڙ ڳوڙهن تي ضبط ڪندي ڪيس وري چوڻ لڳي.

"جواد صاحب! مان توکان پنهنجو بدلو وٺي ڇڏيو ... قيامت اچڻ واري آهي، جو هڪ وحشي پيءُ پنهنجي نابالغ ڌيءُ سان ....."

۽ پوءِ خاموش ٿي وئي، ڇڻ اڳتي چوڻ لاءِ وٽس لفظ نه هيا.

اهي شهناز جي زبان منجهان نڪتل لفظ نه هئا، پر ڪمان مان نڪتل تير هيا، جيڪي اڏامندا اچي هن جي وجود ۾ ڪپي ويا.

ايتري ۾ رامون ڇوڪريءَ کي وٺي آيو. جيڪا هلڻ کان لاچار هئي ۽ مٺل مٺل لڳي رهي هئي. شهناز وڌي پنهنجي ڌيءَ کي سهارو ڏئي ٻاهر هلي وئي.

هن جا پير به ازخود دروازي طرف کڄڻ لڳا، ٻاهر نڪري ڏٺائين، هڪ پيجارو سندس پارڪنگ واري جاءِ تان نڪري روڊ جي زينت ٿي رهي هئي.

سندس نگاهون آسمان طرف کڄن ٿيون، ڪيس لڳي ٿو ته قيامت اچي رهي آهي ..... آسمان ۽ زمين ڀاڪرين پئجي رهيا آهن ..... ۽ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ بيٺل چنڊ به ڪيس هڪ ٽڪر ٿيندي نظر آيو!

٭٭

# اڇا ڪپڙا .... ڪارا ماڻهو

سندس نظرن جي قطار ۾ اهو وجود گردش ڪرڻ لڳو. جيڪو سبزي مارڪيٽ مان پاڇي وٺي رهيو هو. اڳتي وڌي هن جي ڪلهي تي هٿ رکي ٿو ته هو اوپري شخص جي چهري ۾ سواليه نظرون اٽڪائيندي چئي ٿو.
”جي ....؟“
”جيڪڏهن مان غلط ناهيان ته توهان جي پاءُ جو نالو جمشيد ته ناهي...؟“
”ها ... پر .... اوهان ....؟“ تجسس ۾ پڇيل سوال.
”مان جمشيد جو جگري يار راحيل آهيان ....!“ هو مرڪ آڇيندي پنهنجي نيڻن ۾ چمڪ آڻي ٿو.
”راحيل ....؟“ سوچيندي چهري ۾ گهنج پئجي ٿا وڃن.
”ها ... راحيل...! اهو راحيل جيڪو ساٿس پرائمريءَ کان وٺي انٽر تائين گڏ پڙهيو هو. پارنهن سالن تائين هڪ ئي بينچ تي ويهي پڙهياسين. اسان جي دوستيءَ جو اسڪول ۾ مثال ڏيندا ها ....! هن وقت جمشيد ڪٿي آ ....؟“
نيڻن ۾ اٿاهه پيار جو احساس.
”ادا ڪاليج ۾ ٻارن کي پڙهائيندو آهي، ڇاڻ موٽندو هوندو گهر.“
”گهڻو عرصو ٿي ويو آهي ساٿس ملي ....! اڄ جڏهن تنهنجي چهري ۾ جمشيد جو عڪس ڏٺم ته ننڍپڻ جو دوست ياد اچي ويو. دل ٿي چاهي ته ساڻس مليو وڃان ....!“
لهجي ۾ تازگيءَ جو اولڙو.
”جي جي .... پوءِ... هلو نه گهر ... ادا جمشيد ايندو ئي هوندو ...!“
”پاڇي وٺ ته پوءِ هلون ٿا.“
هو تڪڙ ۾ پاڇي وٺي، راحيل سان گڏ گهر طرف هلڻ لڳي ٿو. راحيل هن سان ڳالهائي ٿو.
”تنهنجو نالو ڇاهي؟“
”جنيد ... “
”ها ته جنيد ...! مان ڳوٺ رهندو آهيان. پهرين ڪان وٺي انٽر تائين شهر پڙهڻ لاءِ ايندو هوس. انٽر جا امتحان ويجها ها ته منهنجو پيءُ دل جي دوري سبب گذاري ويو. گهر جو چرخو هلائڻ وارو بابا ئي هو. جيڪو وڏيري جون ٻنيون سنڀالي اسان جو پيٽ پريندو هو. بابا جي اڻ مندائتي لاڏاڻي کان پوءِ مون پڙهڻ بند ڪيو ۽ ٻنيون سنڀالڻ لڳس. شروعات ۾ وڏي ڏکيائي ٿي هئي جو ته مون بابا جي هوندي ڪڏهن پتر به نه سوريو هو. پر آهستي آهستي وقت گذرڻ سان حالتن سان سمجهوتو ڪرڻ سکي ويم. اڄ جڏهن شهر ۾ پاڇي وٺندي توکي ڏٺم ته پنهنجو پراڻو دوست ياد اچي ويو، اُهي سپ لمحا اکين اڳيان نچڻ لڳا. جنهن ۾ مان ۽ جمشيد .... اسڪول ۽ ڪاليج جون رانديون، پتيون ... انهن پتين اندر اسان جا ٺهڪ، ڪل پوڳ، رسڻ پرچڻ، لڪڻ پڙهڻ ۽ رسيس ۾ هوٽل تي وڃي چانهه پيئڻ، فري پيرڊ ۾ ڪاليج جي باغ ۾ وڻ جي ڇانوءَ ۾ ڇپرن مٿان ويهي استاد بخاريءَ جا گيت آلاپڻ، ساوڻ جون برساتيون هجن يا هاڙهه جا ڏينهن رلندا، مرڪندا، مسرتون آڇيندا رهندا

هئاسين...! هئه....! ڪيڏا نه اهي دلڪش منظر ها، جنهن ۾ اسان جي دوستيءَ جي سڳنڌ سمايل هوندي هئي....!"
پراڻيون يادون ياد ڪندي راحيل جي چهري تي مرڪ اچي ٿي ۽ ان مرڪ جي دلڪشي ۾ راحيل جي ڳالهين جي هڳاءُ ۾ واسجندي جنيد چوڻ لڳو.
"واقعي توهان جي دوستي ته مثالي آهي، پر ڪمال آ، ڪڏهن پائو جمشيد توهان جو تذڪرو ئي ڪو نه ڪيو....!"
"شايد جمشيد جي ذهن ۾، پهرين ڪلاس ۾ چيل استاد جي ڳالھ رهجي ويل هوندي ته گهر جي ڳالھ اسڪول ۾ نه ڪيو ۽ اسڪول جي ڳالھ گهر ۾ نه...!"
راحيل جي جواب جنيد کي لاجواب ڪري ڇڏيو ۽ مرڪڻ لڳو.
جنيد کي مرڪندي ڏسي راحيل پڇا ڪرڻ لڳس.
" ڏي حال ، جمشيد کي پروفيسري ڪڏهن ملي ؟"
"چار سال اڳي ...!"
"ڪاش ابو زندھ هجي ها ته هن وقت مان به پاڻ کي نوڪري ڪندو ڏسان هان ..!"
پهريون پيرو سندس پنبڻين جي سرحد تي لڙڪن ڪاھ ڪئي. راحيل جي دل ۾ مايوسيءَ کي چلڪندي ڏسي جنيد چوڻ لڳس.
"دلگير نه ٿي ادا! حسرتن جي باغ ۾ پوکيل اميد جو ٻوٽو نيٺ ته ڦٽي نڙندو ...!"
راحيل خاموشيءَ سان هلندو ٿو رهي. ايتري ۾ جنيد هڪڙي در تي بيهي در جو ڪڙو کوليندي چوڻ لڳو.
"هي اسان جي اوطاق آهي ... اندر اچو ..!"
ٻئي اندر گهڙن ٿا. سامهون فرش تي پيل کٽولي ڏي اشارو ڪندي جنيد چوڻ لڳس.
"توهان هتي ويهو، مان پائوءَ کي ڏسي چانھ جو بندوبست ڪري ٿو اچان!"
راحيل ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي ۽ جنيد ٻاهر نڪري ويو.
کٽ تي ويهي اوطاق جو معائنو ڪرڻ لڳي ٿو. ڪشادي اوطاق، طويل آڳنڌ، ٻه ننڍڙا ڪمرا، ڪمرن جي درن کي ڪلف لڳل، ڪمري جون ڀتيون اڇي رنگ سان رنگيل، درن مٿان ڀت تي ڳاڙهسرن اکرن سان شاھ لطيف جو شعر لکيل.
سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.
ڪمرن جي پرسان ليترين، آڳنڌ جي هنج ۾ ڪٽ ۽ ڪٽ جي مٿان هُو ...! اوطاق جي در اندران اترين پاسي ٻن ٿوڪرن ۾ گلاب جي گل جا ٻه ٻوٽا ۽ ڏاکڻين پاسي ٻن ٿوڪرن ۾ ٿوهر جا ننڍا ٻوٽا ...!
سوچي ٿو، گل ۽ ٿوهر ....! ايڏو وڏو تضاد ؟
دماغ جي رڳن ۾ سوچن جي سڄ اڀرڻ کان پوءِ ٽنگجي پيو تضاد جي صليب تي. وڪوڙجي ويو تضاد جي ڪوهيڙي ۾....! الجهي پيو هو ڪنهن نازنينءَ جي الجهيل وارن جي ڇڳن وانگر ...!!
پيهر راحيل جي نيڻن ۾ چمڪ تڏهن ٿي اچي، جڏهن جنيد کي چينڪ سان گڏ ڪوپ آڻيندي ڏسي ٿو. راحيل کٽ تان ٿورو سرڪي ويهي ٿو ۽ جمشيد کٽ تي ويهندي چئي ٿو.
"پائو جمشيد اڄا ناهي آيو، توهان چانھ پيئو، هو ايندو هوندو ..!"
"ٺيڪ آ."
نرم لهجو.

جنيد چينڪ مٿي ڪري ڪوپ ۾ چانهه اوتي ٿو. ڪوپ ڀرجي وڃڻ ڪان پوءِ راحيل ڪوپ کڻي چپن جي ڀرسان آڻي ڦوڪ ڏئي چانهه کي ٿڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.
ماٺ.
سپ سپ ڪري سڄو ڪوپ پي ٿو وڃي، خالي ڪوپ کٽ تي رکي ٿو ته جنيد ٻيهر ڪوپ ڀري ڏانهنس وڌائي ٿو.
”نه .. نه .. تون پيءُ!“
”مان چانهه ناهيان پيئندو.“
”ڇو؟“
”مرد لاءِ چانهه هاڃيڪار آهي.“
”سڀ دقيانوسي ڳالهيون آهن، تون پيءُ!“
”مون سڄي زندگي چانهه ناهي پيتي، پليز مون کي مجبور نه ڪيو.“
”ڪمال آ يار ... چانهه بنا جيئندو ڪيئن آهين....؟“
جنيد مرڪي ٿو ۽ راحيل ڪوپ کڻي چپن سان لڳائي، چسڪيون ڀرڻ لڳي ٿو. چانهه جو ٻيو ڪوپ خالي ڪري کٽ جي هيٺان فرش تي رکي ٿو ته اوطاق جي در تان هڪ شخص نروار ٿيو.
”اچي ويو ڀائو جمشيد ...!“ جنيد مرڪندي چئي ٿو.
راحيل کٽ تان اٿندي ”اڙي جمشيد .... صفا بدلجي ويو آهين؟“
راحيل ٻئي ٻانهون ڊگهيري ڪيس ڀاڪر پائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته جمشيد اڳتي هٿ وڌائيندي ڪيس چئي ٿو.
”معاف ڪجو ... مون اوهان کي سڃاتو ڪو نه ...؟“
”ڪجهه ئي عرصي ۾ وساري ڇڏيئه ... پنهنجي جگري يار کي...؟“
”جگري يار ...؟ (ذهن تي زور ڏيندي) مون اڃا به نه سڃاتو توهان کي..؟“
”مان آهيان راحيل ... تنهنجو ڪلاس فيلو ... پرائمريءَ کان وٺي انٽر تائين گڏ پڙهياسين ....!“
”راحيل ..؟“ ذهن تي زور ڏيندي ماضيءَ جي اولڙن پٺيان ڊوڙي ٿو.
”ها ... اهو راحيل .... جيڪو سدائين توسان گڏ هڪ بينچ تي ويهندو هو ۽ اسان جي دوستيءَ جو مثال سڄو اسڪول ڏيندو هو.“
”پر .. مون کي ياد آهي، منهنجي ڪلاس ۾ ته ڪو به راحيل نه هوندو هو....! شايد توهان ڀُليا آهيو...؟“
”نوڪري ملي اٿئي ته هاڻي پنهنجا يار به سڃاڻي نٿو سگهين...!؟“
”نه مڃا ... مان توکي نٿو سڃاڻان...! ننڍپڻ ۾ جيڪو منهنجي بينچ تي مون سان گڏ ويهندو هو، ان جو نالو اختر آهي، جيڪو هن وقت ڊاڪٽر بڻجي ويو آهي ۽ محلي ۾ ڪلينڪ کولي اٿس. توهان ڀليا هوندؤ .... ڇا خبر اهو ٻيو ڪو جمشيد هجي، جنهن سان اوهان جي ياري باشي هئي ....!“
”پر منهنجون نظرون ته دوکو نه ٿيون کائي سگهن ...!“
”ادا.... اڄڪلهه ماڻهو، ماڻهوءَ کان ته دوکو کائي ته نظرون ڪهڙيون معنائون ٿيون رکن ...؟“
هن ڀيري جمشيد جو لهجو تلخ ٿي ويو هو. منهن تي بيزاريءَ ۽ ڪاوڙ جو ڪفن پهرجي ويو هئس.
راحيل خاموش.... منجهيل، مايوس ....

پنهنجي جگري يار جمشيد ۽ جنيد جي چهري ۾ حسرت ڀري نگاهن سان ڏسي، نظرون جهڪائي، ٻئي ٻانهون جوڙي چويس ٿو.
"معاف ڪجو ....! شايد منهنجون نظرون واقعي دوکو کائي ويون هيون."
ايئن چئي راحيل پنهنجي زنده وجود کي، ٿڪل احساسن هٿان ڪٽائي، اڪيون ڏرتيءَ ۾ ڪپائي، ڪيوليءَ جي رفتار سان اوطاق جي در ڏانهن وڌڻ لڳي ٿو.
جمشيد ۽ جنيد جي ڀاڻ ۾ سس پس.
"ادا... ٻاهريان آيا آهيو؟ ماني ڪائي پوءِ هلو ...!" جنيد ڪيس ٻاهر ويندي ڏسي چئي ٿو.
هو ڏيري ڏيري ڪنڌ ڦيريندي، جمشيد جي نگاهن ۾ ڏسندي چئي ٿو.
"دوست ئي دوست ناهي رهيو ته اوپري ماڻهوءَ وٽ ماني کائڻ ڪهڙي معنيٰ ٿو رکي.. ؟!"
راحيل در ٽپي ٻاهر هليو ٿو وڃي ته جنيد جمشيد کي چئي ٿو؛
"ڀائو ....! هو ته وڏي پيار سان اوهان جون ڳالهيون ڪري رهيو هو .... فراڊي هيو چا ... چانهه پيئڻ لاءِ ايڏو وڏو ناٽڪ رچائي آيو ...!"
"نه جنيد! هو واقعي منهنجو پراڻو دوست هو. ڪيس تنهن ڪري ڀڄائي ڇڏيم ته هُو غريب آهي، ٻهراڙيءَ جو آهي، هر ڏينهن اوطاق تي ٽِڪو بيٺو هجي ها ..... دوستيءَ جي نانءُ تي پيو لُٽڻ جي ڪري ها .... !"
جنيد حيرت مان ڪڏهن پاءُ کي ڏٺو پئي، ڪڏهن خالي در ڏانهن.

*

## چنڊ جهوليءَ ۾

" امان ...؟"
"جيءُ ڪيان ... پنهنجي ٻچڙي کي...!"
"امان .. بابو ايڏو چو ٿو چمڪي ...؟" چنڊ ڏانهن آڱر ڪٽندي.
"هو اونداهيءَ ۾ اَن ڪري ٿو چمڪي ... جيئن اسان هن کي چڱيءَ طرح نظر اچون ...!"
"امان ... بابو اسان کي ڏسي ٿو؟"
"ها ... منهنجي ڌيءُ ... جيئن اسان هن کي ڏسندا آهيون، تيئن هو به اسان کي ڏسندو آهي...!"
"امان ..! بابو ايترو پري ڪان اسان کي چو ٿو ڏسي؟ هو هيٺ لهي اسان کي پرسان نه ٿو ڏسي سگهي چا ؟"
"هو هيٺ لهندو ... ڌيءَ....!"

“ڪڏهن امان.....؟”
“تمام جلد....!”
“امان ؟”
“هون ..”
“بابو .. ايڏو دوراسان ڪان ڇو ويو؟”
ڏيءُ جي اهڙي سوال تي نيڻ پرجي تا اچنس، پر انهن موتين جي داڻن کي ڏيءَ آڏو نروار نہ ڪيائين ۽ لڙڪن کي پي تي وڃي.
“ ڏيءَ ... تنهنجو پيءُ ... سدائين اهو چاهيندو هو تہ هو آسمان جي پولارن ۾ وڃي، مون ڪيس گهڻو روڪيندي چيو. ’جيڪڏهن تون آڪاش جي وسعتن ۾ ويندين تہ آءُ صفا اڪيلي ٿي ويندس، منهنجي سڄي حياتي روڳ بڻجي ويندي، اڪيلائپ جو احساس ڏينهوءَ وانگر ڏنگيندو رهندو... تو ڪان بنا منهنجو آهي ئي ڪير....؟’ تون اُن وقت منهنجي پيٽ ۾ هئين! تہ چيو هئائين! “مون کي وڃڻ ڪان نہ روڪ ..! هڪ نہ هڪ ڏينهن مون کي آڪاش جي پولارن ۾ وڃڻو ئي آهي، تنهنجي پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار توکي ڪڏهن بہ اڪيلائپ ۽ ويڳاڻپ جو احساس نہ ڏياريندو ...! اهو تنهنجو سهارو بڻجندو ۽ هو توکي ڪڏهن بہ تنها ڪري نہ ويندو...!”
مان گهڻي رنم، ايلاز ۽ منٿون بہ ڪيون مانس تہ “ تون مون کي ايئن ڇڏي نہ وڃ.” پر تنهنجي پيءَ منهنجي لڙڪن طرف نہ ڏٺو. منهنجي هڪڙي ڳالهہ بہ نہ مڃيائين ۽ پوءِ هو دور دور هليو ويو ...! ويندي ويندي چيو هئائين... “مان آسمان تي وڃي، چنڊ بڻجي، رات جي اوندهہ ۾ روشني پکيڙي توکي ڏسندس، ۽ تون بہ مون کي ڏسجانءِ.”
اکڙين مان ڳوڙها پاڻي ڇلڪي ٿو پويس. پاڻ کي هاڻ روئڻ کان بہ نہ روڪي سگهي ۽ ڏيءُ بہ ڏسي ورتس.
“امان ... تون روءُ نہ .... امان...!’ ننڍڙي پنهنجي پتڪڙن هٿن سان ماءُ جي لڙڪن کي اگهڻ لڳي ٿي.
لڙڪ لاڙڻ تي ضبط ڪندي ماڻس سڏڪڻ لڳي ٿي.
“امان بابو ڇڏي ويو تہ ڇا؟ مان آهيان نہ امان ...؟ تون نہ روءُ امان...! مان آهيان نہ ..!”روئڻهارڪي ٿي چئي ٿي. ماءُ کيس ڇڪي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي ٿي ڇڏيس!
۽ پوءِ ٻنهي وجودن جي اندر ئي اندر خاموش لڙڪ اوتجڻ لڳن ٿا.
ٻنهي جي نيڻن مان ننڊ جي ديوي الوپ ٿي ڪنهن صحرا ۾ ڀٽڪڻ لڳي هئي. پر ٻئي ايئن اکيون پوري سمهي پيون هيون، پاڻ ۽ صدين کان ننڊ جون آرزومند هجن!
ڪافي وقت کان پوءِ هن محسوس ڪيو تہ سندس ماءُ ننڊ پئجي وئي آهي. تنهن ڪري ماءُ جي آغوش مان ايئن سرڪي اٿي ويٺي، جيئن ننڊ جي گهيرڻ ۾ ماٺهو پاسو ورائيندو آهي ۽ ڪنهن کي ڪا ڪل ناهي پوندي ...!
نگاهون اڀ ۾ اٽڪائي پنهنجي ابي کي گهورڻ لڳي ٿي، جيڪو فلڪ تي پوري آب تاب سان چمڪي رهيو هو....!
چنڊ معصوم نيڻن ۾ اڻ ڳڻيا سوال تارن جيان ٽمڪندي ڏٺا! انهن معصوم نيڻن ۾ اداسيءَ جا گهرا پاچا پاڻ تي لڙندي ڀانيائين! چنڊ مسلسل انهن معصوم نيڻن ۾ ڏسڻ لڳو هو. ڀانءِ هن پنهنجي چانڊوڪي ۽ سارين حسنا ڪيون انهن نيڻن کي ارپنا ڪيون هجن..!
“بابا....!”

هن جا مقدس چپ چريا! چنڊ کي ڇرڪ جهٽڪو لڳو.

ماڻس جڏهن هن کي جاڳندي ڏٺو ته من ۾ هورا کورا وڌي ويس... پر پنهنجون اکيون نه کوليائين، جيئن سندس ڏيءَ سمجهي ته امان جي نيڻن ۾ اڃا تائين خواب اوتيل آهن...!

”بابا .... اسان کي ڇو ڇڏي وڃين ..؟“ معصوميت سان اپتاريل نيڻن ۾ لڙڪ اچي ويا. چنڊ مايوس ٿي ويو.... ماءُ جي من ۾ سڏڪا اُٿلڻ لڳا...!

”بابا... تو کي اسان جي سڪ نٿي لڳي...؟ تون اسان ڏي واپس هيٺ لهي ڇو نه ٿو اچين...؟ ڇا اسان تنهنجا پنهنجا ناهيون ...؟ ڀلا ... ڀلا ڪير پنهنجن کي ڇڏي ويندو آ ڇا...؟ جيئن تون اسان کي ڇڏي ويو آهين ....!“

هر سوال پڇيا ڪيترائي لڙڪ معصوم جي نيڻن مان نڪرندي گلاب جي پنکڙين جهڙن نازڪ ڳلن کي ڇهي، پاڪ جهوليءَ ۾ ڪري رهيا ها...!

چنڊ بيحد اداس بڻجي ويو هو... نتيجي ۾ ستارن سان سڄو اُڀ سوڳوار بڻجي اشڪ ڳاڙڻ لڳو هو پرٿويءَ طرف... پر افسوس آهي اشڪ هوا جي جهوٽن تي ڪري فنا ٿيندا پئي ويا....!

ماڻس جي دل بي ترتيبيءَ سان ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي!

”بابا... مون امان کي تنهنجي ڪري ڪنڊ ۾ روئيندي ڏٺو آ, ڇا توکي ان ڳالھ جي سُڌ آهي؟ اسان کان ڪهڙي غلطي ٿي وئي، جو تون اسان کي ايڏي وڏي سزا ڏيئي آسمان وسايو آهي ...؟ بابا ... بابا .....ڏينهن جو نه ... ڪي ڪي ڀار مون کان پڇندا آهن. ”تون ڪنهن جي ڌيءَ آهين؟ تنهنجو ابو ڪاٿي آ؟“ ته ڪين امان جي ٻڌايل ڳالھ چوندي آهيان”منهنجو ابو ڏينهن جو نوڪري تي ويندو آهي ۽ رات جو موٽندو آهي، ڪڏهن دير ته ڪڏهن سوير...!“ ته چوندا آهن. ”اسان ڪڏهن به تنهنجي بابي کي ناهي ڏٺو؟“ ته آءٌ ڪين ٻڌائيندي آهيان. ”منهنجو ابو رات جو آسمان تي بيهي ڌرتيءَ تي روشني پکيڙيندو آهي.“ ته ڀار مون تي کلي کلي کيرا ٿيندا آهن...! بابا اهي مون تي ڇو کلندا آهن؟ بابا... ٻڌاءِ نه....؟ اهي مون تي ڇو کلندا آهن؟ڇا مان انهن کي غلط ٻڌايان ٿي؟ هان ... بابا؟ ٻڌاءِ نه بابا؟ جي تون مون کي نه ٻڌائيندين ته آءٌ ڪنهن کان پڇا ڪنديس؟امان به ان ڳالھ کي ٽاري ٿي وڃي! ها بابا...؟ ٻڌاءِ نه بابا...؟ تون اسان کي ڇو ڇڏي وئين بابا؟ ٻڌاءِ نه بابا؟ ..... بابا ......!؟“

لڙڪن سان جهولي پسائي ڇڏيائين! هوڏانهن ماءُ جي ممتا تڙپڻ لڳي هئي! پر سندس ماءُ نه اٿي ۽ نه ئي پنهنجي روئندڙ ننڍڙيءَ کي سيني سان لاتائين! اهو سوچي ته ”جيترو روئيٽو اتس روئي، جيترا لڙڪ ڳاڙيٽا اتس ڳاڙي! لڙڪن جو سمونڊ خالي ٿئيس ته بهتر ... هوندئن به هر هر روئڻ کان هڪڙو ڀيرو کُلي روئڻ سٺو آهي.

چنڊ جڏهن معصوم اکين ۾ لڙڪن جو سمونڊ بڻجندي ڏٺو ته ميڻ وانگر پگهرجي ويو.... ۽ هيٺ لهي معصوم جي لڙڪن سان پسيل جهوليءَ ۾ اچي ويٺو. پنهنجي ابي کي جهوليءَ ۾ هيٺ لهندي ڏسي، سندس دلڪش نيڻن ۾ خوشين جا گيت آلاپجڻ لڳا!

خوشيءَ ۾ تقريبن رڙيون ڪندي چوڻ لڳي: ”امان ... امان ڏس ته بابو هيٺ لهي آيو آ ... امان ... اُٿ ته سهي.... ڏس ته بابو هيٺ لهي آيو آهي. امان ... او ... امان....!“

پر سندس ماءُ اکيون نه کوليون .... ۽ پاسو ورائي بند نيڻن مان ڳڙيل ٻه لڙڪ لڪائي ڇڏيائين.

*

## مهمان جي ميزباني

اُس جي آتش گيري....شديد گرميءَ جي بيغرتائي ... لساٽيل چهرو.... دربدر ... بُک جي بڇڙائي ......اڃ جي رڃ ۾ سُڄ ۾ .....!
کيسي ۾ ويهه رپين جو آخري نوٽ .... جنهن کي کپائڻ ... بک جي باهه کي اجهائڻ نه ٿي چاهيائين....!
چاڪاڻ تہ..... اهي ئي ويهہ رپيا کيس عزت آبروءَ سان واپس ڳوٺ پهچائي سگهيا پئي.
مفلوج ذهن ۾ .... ڌنڌلي منظر نگاري .... ٿوري دير اڳ واري وقت جي..!
”ياءُ سان جهيڙو...... خسيس ڳالهہ تي.... وڙهڻ تائين اچڻ ...!
ڪنهن ويجهي سڄڻ جي سچائي......ڪيس پڪڙي گهرڪان ٻاهر وٺي ويو.
مڇريل جانورجيان ..... ڳوٺ جي اڏامندڙ واريءَ تي..... رمندو رهيو هو.... خودڪشيءَ جو خيال .... ڪجهہ دير تائين!
پر ٻئي سڄڻ ڪيس شهر طرف ويندڙ لاريءَ تي چاڙهي ڇڏيو هو.
20 رپيہ ڪرايو ڏيڻ کان پوءِ ڪيس خبر پئي تہ سندس کيسي ۾ باقي ويهہ روپين کان سواءِ پيو ڪجهہ بہ ناهي ...!
اجهاميل دل جي سڏڪيل صدا ...!
”ڪاڏي وڃان ....!؟ پنهنجن بہ ڌڪاري ڇڏيو .....!“
ذهن جي صحن تي خيال جو ڪڙڪو
ڦڙڪڻ
”اهو ئي رستو آ...! بک جي بڇڙائي ۽ اُڃ جي رڃ کان ڇوٽڪاري جو..!“
شهر پهچي،
قدمن جو مڙي وڃڻ ..... هڪڙي دوست جي بينڪ طرف ....!
منزل ڪوهين ڏور .....! پوءِ بہ ٿڙندڙ، ٿاٻڙجندڙ قدمن سان اڳتي وڌڻ.
بک جي شديد بڇڙائي ..! اُڃ جي رڃ ۽ سُڄ ۾ ...! مفلوج ٿيل دماغ....
دل جي آنڌ مانڌ ...! ٽڪڙو پهچڻ ...!
اکين آڏو ذري گهٽ اونداهيءَ جو مرڪڻ.
هو اڃا بہ دڳ ۾ ....
پنڌ جيڪو نہ ڪٽيو آ.....!
پر ....
گهٽي اذيت کان پوءِ......پنڌ جوکٽي پوڻ.
منزل سامهون ....!
اوطاق جي چائنٽ نيٽ
نيڻ نهار سامهون بہ دوست .
وسيم ۽ حارث.
وڏو ياڪر ..... حال احوال
پڪي مان نڪتل هوا جو سرور.

ماٿ جو مرڪڻ.
سوچي ٿو.
“چاڻ صلاح ڪيائين،
پاڻيءَ يا مانيءَ جي ....!”
ٻئي طرف طويل خاموشي.
ڪربلا جو منظر....پاڻيءَ جي هڪ ڦڙي لاءِ.
ٻنهي دوستن جي چهري ۾ اجهاميل نظرون.
ٻيهر پاروتا حال احوال.
خاموشي.
بک جي ٻيڙائي ....اڄ جي رڃ ۽ سڄ ۾....!
اکين آڏو اڌ اونداهي ..... نڙي سراپا خشڪ ....!
دل مايوسيءَ جي ديهہ ۾
سوچون ـــ خنجر
سيني تي وار
روح جي رڙ
ماٿ ۾ مدفن.
وقت وهامي وڃي ٿو.
چپن جو ڦرڪڻ
“مان هلان ٿو.....؟”
“ڪاڏي ويندين ...؟ ويهہ ....”
“ڪو مون لاءِ ڪم ڪار آهي تہ حڪم ڪيو؟”
“چا ٿو ڪرين سگهين ؟” وسيم
“ڪجهہ بہ ...! جيڪو اوهان چئو ...”
درد جي انتها ڪي ڇهندڙ آواز
“ تڏو ..... ؟” حارث
جهٽڪو.
“اسان ڪي تڏو پيئار پوءِ پلي وڃ ...!” وسيم
حيرت جو ٻيو جهٽڪو ....اندر جي اڏمن جو لڏڻ.
چهري تي مرڪ آئي ٿو.
اندر جي حقيقت ڪي لڪائي ٿو.
مرڪي اٿڻ
ويهہ رپين جا ٻہ تڏا جوس وٺي اچي، هنن جي آڏو رکي ٿو.
“پنهنجي لاءِ نہ آندئي ؟” وسيم
“نہ ....! منهنجي دل ڀريل آ ....!”
مُنهن ورائي ٻاهر نڪرڻ
دل ٻُڏل ٻُڏل
دماغ جي رود تي سوچن جي ڊوڙ

اڄ جا دوست .... مطلبي، مفاد جي مونن ۾ مُنھن ھنيل.
سچائي جي سيني ۾ گولي.
الائي ڪھڙيون ڪھڙيون ڳاريون ياد پيس
خشڪ چپن تي ماٺ جو ڳھاتو تھُ.
ٿڪل قدمن سان اڳتي اڳتي
نامعلوم ڏسا ۾
پيٽ ۾ بک جي چِتي باھ.
سامھون سندس ماسات ۽ وڏو ياءُ
صبح جنھن سان جھيڙو ڪري نڪتل
ھن جو لٿل مُنھن ڏسي
وڏي ياءُ وڏي ياڪر پريس.
نيٽن ۾ لڙڪ
”ٿوري ٿوري ڳالھ تي ايتري ڪاوڙ ڪبي آ...“
ھي چپ...
”ھلُ گھر ھلون، صبح ڪان مون بہ تنھنجيِ ڪري ماني نہ ڪاڌي آ..!“
ھُو سڏڪي پنھنجي ياءُ جي مضبوط ٻانھُن ۾ ھليو ويو.

*

## دنيا دورنگي

ٻن ھفتن ڪان پوءِ منھنجي وڏي ياءُ جي شادي آھي، گھر ۾ تہ دھل وڳا پئي پر منھنجي دل ۾ بہ دھل وڄڻ لڳا ھئا. دھل ياءُ جي شادي جي ڪري نہ پر ھن ڪان پوءِ منھنجي شاديءَ جو وارو ھو، ان ڪري مان تمام گھڻو خوش ھئس. خوشيءَ جو ويس آخر چو نہ پايان ھا ....؟ ’ھن‘ سان منھنجو مڱٽو جو ٿيو ھو. ھوءَ ...... جنھن کي آءٌ دل جي گھراين سان چاھيندو آھيان....!
مون کي ايڏو خوش ٿيندي ڏسي منھنجي وڏي ياءُ رجب پڇيو:
”شادي منھنجي پئي ٿيئي ڏيڏر .....! تنھنجي نہ ... جو ايڏو خوش پيو ٿئين؟“ ادا وڏو مون کي پيار مان ’ڏيڏر‘ چوندو آھي.
”خوش تنھن ڪري پيو ٿيان جو توھان جي شادي ڪان پوءِ منھنجو وارو آھي.“
”مطلب تہ ڏيڏر...! ’فيوچر پلاننگ‘ پيو ڪري!“
مون کيس کلندي، شرمائيندي ”ھا“ ڪئي تہ جلديءَ ۾ ٻتون مان ھزار ھزار جا بہ ڪڙڪ نوٽ ڪيندي چيائين:

“فيوچر پلاننگ لاءِ توکي پئسن جي اشد ضرورت پوندي ...تنهن ڪري هي وٺ ..... ٻه ڊريسون ۽ هڪ نئون بوٽ وٺي منهنجي شاديءَ تي پائجانءِ .... متان توکي ڏسي ڪير مهمان ايئن نه چوَئي “اڙي! هن شاديءَ ۾ هي فقير ڇا تو ڪري؟”
ادا رجب آخري جملي تي وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ منهنجي چهري تي شرم گاڏڙ مرڪ تري آئي.
دل ۾ چيم، ادا ... مان ايڏو ٻه عقل جو ڪچو ناهيان، جيترو اوهان سمجهو ٿا!’
ٻئي ڏينهن ئي نڪاءُ ڪيم شهر ــ سڌو ويم شيروءَ جي هوٽل تي. سڄي شهر ۾ شيروءَ جي هوٽل جي چانهه مشهور ۽ سٺي آهي. ڪير ڪيترو به ٿڪل هجي، هتي اچي چانهه پيئندو ته سندس جسم مان ٿڪ ايئن ختم ٿي ويندا، جيئن واشنگ مشين ۾ ڪپڙن تان داغ لهندا آهن. اڄ مون به ٽڪڙ ۾ چانهه پيئي، هوٽل تان اٿي پاڻ کي ڪپڙي بازار ڏانهن هلڻ جي گذارش ڪئي. اڪثر دڪانن ٻاهران بينل همراهه ايندڙ ويندڙ گراهڪن کي ايئن سڏي رهيا هئا، جيئن ڳاڙهي بزار ۾ دلال سڏ ڪندا آهن.
دڪانن جو سرسري معائنو ڪرڻ دوران منهنجي نظر رستي تي ويٺل پينو فقير تي پئي، جيڪو وچ بزار ۾ صدا هڻي رهيو هيو، ‘الله جي نالي ... مون معذور جي مدد ڪريو ... الله جي نالي تي ... پنج روپين جو سوال آ ...’ مون ڏٺو ته فقير جا ڪپڙا ليڙ ليڙ ٿيل هيا، هڪڙي ٻانهن ٺوٺ ڪان ڪٽيل هئس. وار وڏا، منهن اڻ ڌوتل ... چڙ صدين کان بک تي هجي .... الائي ڇو مون کي ان فقير تي رحم اچي ويو. ۽ سندس جهوليءَ ۾ ڏهه روپيا رکي، سندس پاسو وٺي ڪيس گهوري سندس حالت تي من ئي من ۾ ماتم ڪري رهيو هوس ته فضا ۾ هڪ تيز موبائيل جي رنگ وڄي. ڏٺم ته ان فقير پنهنجي هڪ ٻانهن سان ليڙ ليڙ قميص کي ڦٽوڙيو ۽ ٻئي گهڙي قميص اندران ڪٽيل ٻانهن ڪڍي، جيڪا صحي سلامت هئي. مون کي ويتر جهٽڪو تڏهن لڳو جڏهن انهيءَ ٻانهن سان ٻئي ڪيسي مان موبائيل ڪڍي ڪن تي رکي ڳالهائڻ لڳو. منهنجون ته وايون ئي بتال ٿي ويون. فقير جي دوکي ۽ ڏهن روپين تي سوچيندي اڳتي وڌي، ڪپڙي جي دڪانن جو طواف ڪرڻ لڳس. ٿورو بزار ۾ رلڻ کان پوءِ، هڪڙي دڪاندار جي زوري سڏڻ تي سندس دڪان ۾ گهڙيم. سلام دعا کان پوءِ دڪاندار ڪپڙا ڏيکارڻ لڳو. جلد ئي پنهنجي پسند تي هڪ ڪاٽن ۽ هڪ “ڪي ٽي” جي ڊريس وٺي، ڪيس پئسا ڏيئي دڪان تان لٿم. ادا رجب جي ڏٺل درزيءَ جي دڪان تي ويم ته سندس دڪان تي تالو لڳل هو. سندس پاسي ۾ ئي هڪ ٻئي درزيءَ جو دڪان هيو. مجبورن مون کي ان ٻئي درزيءَ وٽ وڃڻو پيو. درزيءَ کي سلام ڪيم. “وعليڪم السلام” چئي سنهڙو سيپڪڙو درزي اسٽول تان اٿي منهنجي آجيان ڪئي.
“ادا....! حڪم ڪريو، اوهان جي ڪهڙي خدمت ڪيون.”
سنهڙي سيپڪڙي شخص چهري تي مرڪ ڦهلائيندي چيو.
“هي ٻه ڊريسون آهن، جيڪي سنبرائڻيون آهن، ادا رجب اوهان جي پاسي واري دڪان تي ڪپڙا ڏيندو آهي، پر مان اوهان کي ....”
‘نه نه ادا .... سڀ پاڻ ۾ يائر آهيون ...” ٽيلهيءَ ۾ پيل ڪپڙا ڏسندي درزيءَ خوشامدي ٿيندي چيو.
مون ٽيلهي ڏانهنس وڌائي ته ان ٽيلهي کولي ڪپڙن کي اٿلائي پٿلائي ڏٺو ۽ ماپ جو چيائين. ماپ وٺي ڪپڙن جي هڪ پلوءَ تي انگ اکر لکڻ لڳو. نالو پڇي آهو به ڪپڙي جي پلوءَ تي لکي چڙهيائين.
مون کيس هزار جو ڪڙڪ نوٽ ڏيکاريندي چيو ته “ڪپڙا مون کي ٻي ڏهاڙي تيار گهرجن.”

هزار رپيا منهنجن هٿن ۾ ڏسي، جلديءَ ۾ ’ها‘ ۾ ڪنڌ ڌوڻي هزار جو نوٽ وٺي پنهنجي ڪيسي ۾ رکي پنج سو رپيا واپس ڪري ڏنائين.

مان اٿي دڪان تان لهڻ لڳس ته چيائين، ”ادا .... ڪاڏي؟ ويهو نه .... اوهان جي خدمت ڪيون، چانهه بوتل ’تي وجي ....

”نه ... نه ... تڪليف ڪرڻ جي ضرورت ناهي، مهرباني.“

نٽائڻ لڳس ته چوڻ لڳو؛

”نه ... نه .... ايئن ڪيئن ٿو ٿي سگهي .... اوهان پهريون دفعو آيا آهيو، گهٽ ۾ گهٽ چانهه ته پيئندا وڃو.“

همراهه گهڻي خوشامد ڪرڻ لڳو ته دل ۾ سوچيم، هڪ جهٽڪي ۾ پنج سؤ رپيا ڏيون ٿو وڃانس، بدلي ۾ چانهه ته پيانس، ويچارو زور به گهڻو ٿو ڀري. چيومانس ”جيڪڏهن نه ٿا مڙو ته جلديءَ ۾ چانهه پياريو، نه ته ڳوٺ جي گاڏي نڪري ويندي ....

منهنجي ها ڪرڻ تي سنهڙي سيپڪڙي شخص جي منهن جو پنو ئي لهي ويو، پوءِ به جلدي ۾ پنهنجي ويٺل شاگردن مان هڪ کي هڪل ڪئي. ”مراد! وڃ تڪڙ ۾ ميروءَ واري هوٽل تان هڪڙي چانهه ڪٽي آءُ.“ سندس شاگرد مراد، جيڪو واندو ويٺو ٻين ڇوڪرن کي سلائي مشين هلائيندي ڏسي رهيو هو، سو عجيب منهن ڪري اٿي چانهه ڪٽڻ هليو ويو ۽ درزيءَ مون کي هڪڙو خالي اسٽول سوري ڏنو ۽ مان ان تي ويهي رهيس.

سنهڙو سيپڪڙو وجود رکندڙ درزيءَ مرڪي مون کان پڇيو: ’ادا ... هي ڪپڙو توهان گهڻي ميٽر وٺي آيا آهيو ...!؟‘ دل ۾ چيم، تنهنجو ڇا، جيترو به ورتو اٿم. پر منهن تي مرڪ آڻيندي چيم: ’سائين ...! توهان ٻڌايو ته گهڻي جو هوندو ...!؟‘ منهنجي الٽي سوال تي هو به مرڪيو. ’ادا ... اندازن هوندو ٽيهن پنجٽيهن روپين ميٽر جو ....!‘ مون کان ڇرڪ نڪري ويو.

’نه ... نه ڀُليا آهيو، اصلي ڪاٽن آهي .. سٺ روپين وال ڏني اٿائين ...!‘

’ها ادا ... خير آهي ....جيڪو جاتي ڦاتو ...‘ مان صفا چپ ٿي ويس. دڪاندار جا قسم قرآن ياد پئي آيا.

زماني جا ٻيا احوال ڪٽڻ سان گڏ ڪپڙن جي ڪٽائي به ڪرڻ لڳو. منهنجي پرسان چار ڇوڪرا سلائي مشينن تي ويٺل هيا، جن مان ٻه سلائي مشين هلائي رهيا هئا، ٻه واندا پئي لڳا. هڪڙو ڇوڪرو استريءَ تي ڪالرن کي سڌو ڪرڻ ۾ رڌل هو. ڀتين تي ڪجهه انڊين هيروئنن جا ڦاٽل ساٽل پوسٽر لڳل هئا ۽ سنهڙي سيپڪڙي شخص جو، ڪنهن ٻئي همراهه سان گڏ نڪتل هڪڙو ننڍڙو فوٽو ڀت ۾ چنبڙيل هو. ان تصوير جي مٿان هڪڙو گهڙيال ڪوڪي ۾ اٽڪيل هو، جنهن جو مڌم آواز سلائي مشين جي گوڙ ۾ دٻجي پئي ويو.

ٻيءَ ڀت ۾ فريم سيخن جي مدد سان اٽڪيل هو، جنهن ۾ تيار ٿيل ڪجهه ڊريسون پيل هيون. هر هڪ پيڪ ٿيل ڊريس جي ٿيلهيءَ ۾ چنبڙيل ننڍڙي پني تي ماڪوڙن اکرن سان نالا لکيل هئا، جنهن کي آءٌ پڙهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳس. لڪت ايڏي سهڻي ۽ پياري هئي جو نالا چڱيءَ طرح نه پڙهي سگهيس. دل ۾ سوچڻ لڳس؛ ”واهه چانهه ڇا ڇا نه ٿي پڙهائي .....

بهرحال گهڙيال جا ڪانٽا چرندا رهيا. چانهه ڪٽڻ وارو ڇوڪرو هٿين خالي آيو ۽ پنهنجي سنهڙي سيپڪڙي استاد کي چوڻ لڳو. ”استاد ميرو وارو هوٽل بند هو.“ استاد وراڻيس؛ ”ميروءَ جو هوٽل بند هو ته شيروءَ جي هوٽل تان چانهه وٺي اچين ها، وڃ تڪڙ ۾ شيروءَ جي هوٽل تان چانهه وٺي آءُ.“ سوچيم ته ان ڇوڪري کي روڪيان پر شيروءَ جي هوٽل جي چانهه جو ٻڌي چپن کي چرڻ

ڪان روڪي ماٺ ڪري انتظار جي تختي تي چڙهي وينس. صبر جي صليب تي لٽڪي متي ميوي جي انتظار ۾ اکيون گهڙيال ۾ کپائي ڇڏيم. استاد ڪنائي ڪرڻ ۾ رڌل هو ۽ ٻيا ڇوڪرا پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ مشغول هيا ۽ واندو هئس صرف مان .... چانهه جي انتظار ۾ پيڙا پوڳي رهيو هئس.
ڏهه پندرهن منٽ ٻيا به گذري ويا پر ڇوڪري اچڻ جو نالو نه پئي ورتو. سوچيم ته هاڻ اٿي هليو وڃان. ان سوچ کي متيءَ ۾ ملائي پئي سوچ جنم ورتو ته چانهه پي پوءِ نڪرندس. جيڪڏهن ائين نڪرندس ته آهي ڇا سوچيندا؟ خبر ناهي ته پنهنجي من ۾ ڪهڙين ڳالهين کي جاءِ ڏيندا؟ پندرنهن منٽ ٻيا به گذري ويا ته سوچيم ته آخري پنج منٽ ڏسانس ٿو، اچي ٿو ته ٺيڪ نه ته اٿٽو ئي پوندو. اهي پنج منٽ به گذرڻ تي هيا جو ڇوڪرو پيلو منهن ڪري ٻيهر هٿين خالي آيو. چانهه جو خواب پور پور ٿي ويو. ڇوڪرو استاد کي چوڻ لڳو.
” استاد! شيروءَ چيو ته کير ختم ٿي ويو آهي، کير وارو ٻهراڙيءَ مان اجا ناهي آيو. ڪلاڪ کن ۾ اچي ويندو.“
استاد توائيءَ ۾ چوڻ لڳس. ”اڙي پوڪ! ان وٽ کير نه هيو ته ڪنهن ٻئي هوٽل مان چانهه وٺي اچين ها..! وڃ ... تکڙو ...وڃ ... نه ته ڪياڻءِ نه پورو ...!“
ٽڪل ٽڪل ڇوڪرو موٽڻ لڳو ته مون کيس بيهاريندي سنهڙي سيپڪڙي استاد کي چيو. ”ڪا ڳالهه ناهي. ڇڏيو چانهه کي، مان هلان ٿو. ڏاڍي دير ٿي ٿئي. ٻئي چڪر ڪٽي پيئندس ... ماشاءالله.“ ايئن چئي دڪان تان هيٺ لهي بڪ اسٽال طرف هلڻ لڳس.
رستي ۾ منهنجي نظر ميروءَ واري هوٽل تي پئي. جتي ڪجهه ماڻهو چانهه پي رهيا هئا ۽ ميرو چانهه جو ٻاٽو چاڙهيون بيٺو، چانهه کي هيٺ متي ڪري رهيو هو.
مون کي لڳو ته جڻ ادا رجب چوندو هجي. ”ڏيڏر....! تون اجا عقل جو ڪچو آهين .... ۽ دنيا وڏي دورنگي آهي ....!“

❊

## گونگو، ٻوڙو ۽ چريو اديب

سوچون ... سوچون ... سوچون ...
هڪ عجيب بيماري، هڪ اهڙي بيماري جيڪا خاص ڪري اديبن، شاعرن ۽ شعور رکندڙ ماڻهن ۾ ٿيندي آهي، جيڪي سدائين خواب ڏسندا آهن، جن جي تعبير ڳولڻ لاءِ سوچن جهڙي بيماري کي پنهنجي من ـ ذهن ۾ پاليندا آهن...! ڪي خوابن جي تعبير ڳولي ان کي ساپيان جو لباس پارائيندا آهن ۽ ڪي وري خوابن جي سمونڊ ۾ ترندي ترندي، تعبير جي ڪناري تي پهچڻ کان اڳ ئي وقت جي تيز ڇولين جي ور چڙهي ويندا آهن ...!

هي ڪهاڻي آهي هر دؤر جي، هر اديب، شاعر ۽ شعور رکندڙ ماڻهوءَ جي، پر هن وقت صرف هن جي ئي آهي، جيڪو چئن پتين جي اندر جيل جهڙي ڪمري ۾ کٽ تي ليٽي سوچن جي سمونڊ ۾ غوطا کائي رهيو هو!

وقت جي سمونڊ جي تيز ڇولين سان مهاڏو اٽڪائي، هر وار جو منهن توڙ جواب ڏيئي رهيو هو..! مٿي ڪارا ڪڪر...! هيٺ سمونڊ ..! وچ ۾ هو ...! ۽ پاڻي جون تيز ڇلڪندڙ ڇوليون ...! ٻنهي جي وچ ۾ جنگ جاري ...!

هو سوچي ٿو .... جيڪڏهن سوچن جي سمونڊ ۾ غوطا نه کائيندو ته نون نون موضوعن جا موتي ڪيئن ماڻيندو ...؟جيڪڏهن موضوعن کي پنهنجي قيد ۾ نه ڪري سگهندو ته ڪهاڻي ڪيئن لکبي ....! جيڪڏهن ڪهاڻي نه لکندو ته انهن ڇولين جي ور چڙهي پنهنجو انت آڻي ڇڏيندو ....! هن جي انت کان پوءِ هن جي لاءِ ڪهاڻي ڪير لکندو ....؟ ڪير هن جي لاءِ موضوع چونڊي ان ۾ اتساهه جا پوتر رنگ ڀري ڪهاڻي جو روپ ڏيندو .....!؟

جيڪڏهن ڪهاڻي نه لکبي ته، ڪهاڻي مري ويندي ...! ان سان گڏ ماتر جي ٻولي ميسارجي ويندي..! ۽ سنڌ ڌرتي تي ڏاريا اچي هن جو نقش مٽائي ڇڏيندا..!

”نه .... نه ... ايئن هرگز ڪو نه ٿيندو ...!“ هو اوچتو ڇٽڪي ٿو.

“مان هر موضوع سان جنگ جوٽي ان کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي، اتساهه جا پوتر رنگ ڀري ڪا اهڙي ڪهاڻي لکندس...! جا ڪڏهن ڪو نه مرندي ...! اسان جي ٻولي ۽ ڌرتي قيامت تائين زنده رهندي ...!“

هو سوچي ٿو: “منهنجي سنڌ امڙ مون کي پنهنجي صدوري پيٽ مان ٻاهر ڇو ڪڍيو....؟ ان جي ڪهڙي ضرورت هئي.....؟ منهنجو جنم ڇو لازمي سمجهيائين ...؟ جيڪڏهن مون کي نه جنمي ها ته ڪيس ڪهڙو فرق پوي ها ...! مون کي پنهنجي امڙ لاءِ جاکوڙڻو آهي ....! ڌرتي امڙ مون کي جنميو، اهو قرض مون کي لاهڻو آهي ....! ها.... مان ڪهاڻي لکندس ...! هن معاشري کي سمجهائي انهن کان به ڪهاڻيون لکرائيندس .....!

جيئن اسان جي ٻولي قيامت تائين زنده رهي ...!“

هو سوچي ٿو: “هي معاشرو منهنجو ڇوڻ ڪيئن مڃيندو ..... هي معاشرو ته مون کي چريو ٿو ڪوٺي ....! پر مان چريو ناهيان ...! مان اديب آهيان ...! جوانيءَ جا جوان ڏينهن وڃائي، مون سنڌ ڌرتيءَ ۽ ان جي ٻوليءَ لاءِ جاکوڙيو آهي....! ۽ آخري پساهن تائين سنڌي ٻوليءَ ۽ ماتر جي خدمت ڪندس ۽ پنهنجو فرض پورو ڪندس ....!

کٽ تان اٿي، رائيٽنگ ٽيبل واري ڪرسي تي ويهي، خاني مان ڪجهه ڪاغذ ۽ هڪ پين ڪڍي، ڪاغذن کي ٽيبل تي پنهنجي اڳيان رکي ۽ پين کي ڪن ۾ ڦاسائي، پوري تياريءَ سان ڪنهن ڪهاڻيءَ لاءِ سوچڻ لڳي ٿو.

سندس اکين اڳيان هڪ وڏي آنڌاري ڇائنجي وڃي ٿي، پاڻ کي آڪاش جي پولارن ۾ ڀٽڪندي موضوع جي تلاش ۾ ڏسي ٿو. جتي سانت جي دنيا آهي، ڳالهائڻ تي پابندي آهي، نه جهيڙو، نه فساد، نه حرس نه لالچ، نه هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي تمنا، نه بي ادبي، نه بي شرمي، نه بغض، نه ڪنهن جي گلا ... هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ نه ٿو ڄاڻي .....!

هي عجيب و غريب دنيا، سچي ۽ اٽل حقيقت.

هوڏانهن موضوع سان جنگ جاري، ڪٽڻ جا امڪان، ڇولين جي سامهون جبل ٿي ويٺو هو. اوچتو در کلڻ جو آواز ...!

وقت بيهجي ويو. نتيجي بنا، جنگ جو خاتمو ـــ ۽ هن جو روح آڪاش جي پولارن مان نڪري، موٽي هن جي وجود جي اندر داخل ٿي وڃي ٿو. اکين اڳيان سوجهري جا ڪرڻا جرڪڻ لڳنس ٿا. هن ڪنڌ ورائي پوئتي ڏٺو، سندس گهر واري بيٺي هئي، اڳتي وڏي رائيٽنگ ٽيبل ڏانهن اشارو ڪندي ڪيس چئي ٿي.

"هتي ڇو ويٺو آهين؟"

"...................

" لکڻ لاءِ ويٺو آهين نه؟"

"................ "چپن تي تالا مڙهيل.

"اهي ڪاغذ ۽ ڪن ۾ قاتل پين، تنهنجي لکڻ جو ثبوت پيا ڏين ... "

"................ " آواز کي خاموشي ڳڙڪائي ويس.

"مان ڄاڻان ٿي، تون ٻوڙو ۽ گونگو ناهين، منهنجون ڳالهيون ٻڌين ۽ سمجهي به اٿو، پوءِ به منهنجي ڳالهين جي ورندي نه ٿو ڏئين؟"

".............. چپ جي قبر ۾ پوريل وجود.

"تون اڻ ڄاڻ ناهين، 50 سالن کي ڳڙڪائي ويو آهين، پر منهنجي ڳالهه تڏهن به نه ٿو سمجهين...؟ ذهن جي مٿان ايترو ڇو ٿو زور ڏئين...؟ تنهنجي طبيعت خراب آهي، ڊاڪٽر توکي آرام ڪرڻ جي لاءِ چيو آهي.

"........... چپ، گهرواريءَ کي گهوريندي.

"تنهنجي انهن لکٽين نه ئي اسان جو پيٽ ڀريو آ، ۽ نه ئي ڀرينديون، ۽ نه ئي انهن لکٽين اسان جو انگ ڍڪيو آهي، پو ڇا جي ڪري ٿو لکين؟" سندس گهرواري سڏڪڻ لڳي.

".......... خاموشي.

"سنڌ ۽ اُن جي ٻوليءَ لاءِ لکين ٿو نه؟ انهن جي ماڻهن لاءِ ٿو لکين نه ... "

"........... سناٽي ۾ غرق ٿيل.

"تون سنڌ ۽ ان جي ٻوليءَ لاءِ جوانيءَ کان جاڪوڙيندو ٿو اچين، مان ٿي چوان...! ڇا ڏنو آهي توکي سنڌ جي ماڻهن ... سواءِ سڪٽي واهه واهه جي ...!! ٻڌاءِ..... ؟"

"........ چپ چپات .

"سنڌ جي حڪمرانن کي گهرجي ته تنهنجي بيماريءَ جو علاج ڪرائين، پر تنهنجي علاج جي لاءِ هڪ ٽڪو به نه ٿا ڏين ...!! پوءِ به تنهنجون اکيون نه ٿيون کُلن .....!!" سڏڪندي ...!

"...........

گهر واريءَ سڏڪن ۾ .....

"هن وقت تائين توکي ڇا مليو آهي، ٻڌاءِ ....؟ سڪڻو نالو ... شهرت ... اڙي .... اها ته ان فقير کي به آهي، جيڪو سڄو ڏينهن قاتل ڪپڙن سان گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڀنندي ۽ رلندي نظر ايندو آهي ... "

"......... " ماڻ جي مقبري ۾ مدفن .

"تون هن معاشري کي سڌارڻ لاءِ نڪتو هئين نه ...! هن معاشري کي ته نه سڌاري سگهين، پر افسوس هن معاشري توکي بگاڙي ڇڏيو آهي، سفيد ڪاغذ ڪارو ڪندي آخر توکي ڇا ٿو ملي؟"

سڏڪن مٿان سڏڪا ........... سڏڪن سان خاموشي جي جنگ.

"پراوا لٽا سُبي گهر ۾ جيڪو ڪجهه ناهيو هو، سو تنهنجي بيماريءَ تي لاتم، گهر ۾ اٽي جي هڪ لپ به ڪانهي، ٻن ڏينهن کان پيٽ ۾ پاڻيءَ کان سواءِ ڪجهه به ناهي ويو، جوانيءَ ۾ تنهنجي

ڦرين غلطي، تنهنجو پٽ، جنهن ڪي تو پڙهائي، لکائي، وڏي عهدي تي پهچايو، اهو به اسان جي سار لهڻ کان لنوائي پيو، تون منهنجو نه ته گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو خيال ته رک، ڇو ٿو ذهن تي جبل جيڏا وزن رکين؟ جيڪڏهن توکي خدانخواسته ڪجهه ٿي ويو ته منهنجو ڇا ٿيندو؟ مان ته بيواهه ٿي ويندس .....

سندس گهرواريءَ جو سڏڪڻ اوڇنگارن ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. پر هو چپ چپات، ڏسي ٻڌي، محسوس به ڪري، پر ڪجهه ڪري نه ٿو سگهي، هِن زماني هن ڪي بيوس بڻائي ڇڏيو، هو ذري گهٽ زنده لاش بڻجي ويو آهي.

ڪجهه سمي کان پوءِ سندس گهرواري روئڻ تي ڪجهه ضابطو آڻيندي ڪيس چئي ٿي، "چوندا آهن انڌي اکيان روئڻ اکين جو زيان آهي، پر مان ٿي چوان، گونگي ٻوڙي ۽ چرئي آڏو ڳالهائڻ زبان جو زيان آهي ....." ايئن چئي سندس گهرواري ڪمري کان نڪري وڃي ٿي.

هو دل ئي دل ۾ سوچي ٿو:

"تون حق تي آهين .... پر مان ٻوڙو نه آهيان ....! هن معاشري جي ٻي ڍنگين ڳالهين کي ٻڌڻ جي همت مون ۾ ناهي، ۽ نه ئي مان گونگو آهيان.....! منهنجي زبان مان نڪتل لفظن جي اهميت هن معاشري وٽ ڪانهي، ڀل هي معاشرو مون کي، چريو،گونگو ۽ ٻوڙو سمجهي، پر مان گونگو، ٻوڙو ۽ چريو ناهيان ....! پر مان ته اديب آهيان ....! مان هن معاشري کي پنهنجي لکڻين ذريعي سڌاريندس...! پنهنجي لکڻين ذريعي ڪهاڻيءَ کي مرڻ نه ڏيندس...! پنهنجي لکڻين ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي قيامت تائين زندهه رکندس...! پنهنجي لکڻين ذريعي ڌرتي امڙ جي گود ۾ ڌارين کي اچڻ نه ڏيندس...! پنهنجي لکڻين ذريعي ..........!"

در کلڻ جو ٻيهرچيڪاٽ ٿئي ٿو. پنهنجي اڪيلي پٽ کي ايندي ڏسي، پوڙهين اکين ۾ خوشين جا خواب رقص ڪرڻ لڳا.

'بابا .... هي ڇا ... مان جڏهن به اچان ٿو، توهان ڪاغذن تي پيا لکندا آهيو، هيترو بيماري جي ڪري لوڙيو پيا، تڏهن به نٿا مڙو .... هاڻ ته اسان کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو ..."

پوياڻ جوڙهس به پٽ سان سُر ملايو: 'هاڻ ته مان مٿو هٽي هٽي ٿڪجي پئي آهين، مجال جو مڙي ....

هو چپ چڻ قبر ۾ پوريل لاش.

'توهان جي طبيعت بنهه خراب آهي .... توهان کي اها ڳالهه سمجهڻ گهرجي .... لکڻ سان پيٽ نٿو پرجي .... انگ نٿو ڍڪجي .... ڪو انقلاب لکڻ سان ناهي ايندو ... توهان جي احساسن کي مان سمجهان ٿو بابا .... سنڌي ٻوليءَ جي بقا لاءِ ٿا لکو .... سماج کي سڌارڻ چاهيو ٿا .... پر هِن دؤر ۾ توهان وانگر ڪو به نٿو سوچي بابا ....! هن وقت جيڪي لکن ٿا، اهي رڳو ئي پيسي لاءِ ٿا لکن ... گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو پيٽ ته پالين ٿا .... توهان جيان ته ناهين .... جيڪي ..." پٽنهس جي لهجي ۾ تيزي – پڻ پڻ ۾ الاءِ ڇا چيائين پئي ...

هو خاموش .... ڪچي ته ڪافر .... رڳو پٽ ڏانهن ڏسي رهيو هيو.

'امان ....! مان هلان ٿو ... ميٽنگ ڇڏي آيو هيس ... بابا کي ڏسڻ ... ٻيهر تڏهن ايندس ، جڏهن بابا فضول ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏيندو ... اهڙين ڪهاڻين کان مون کي سخت نفرت آهي.... مان ته ڇا پر پنهنجي ايندڙ نسل کي به روڪيندس ته اهي ڪهاڻيون نه لکن .... هِن دؤر ۾ اديب ٿيڻ چريو ٿيڻ آهي ... چرين سان ويهي امان تون ئي مُنهن ڏي ويهي ...." ايئن چوندي پٽنهس ٻاهر نڪري ويو. پوياڻ جوڙهس به.

اوچتو تيز سهڪو ورائي ٿو وجيس، ساهه کڻڻ ۾ تڪليف وڌڻ لڳس، تڙپڻ ۾ لچڻ لڳو، ميز جي پرئين چيڙي تي ساهه کڻڻ واري پمپ ڏي مشيني انداز ۾ هٿ وڌايائين، پر پمپ تائين سندس هٿ نه پهچي سگهيو. تڪليف جي شدت حد کان وڌڻ لڳس، ڪرسيءَ تان اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ناڪام ويو، گهرواريءَ کي سڏ ڪرڻ چاهيائين، پر زبان سندس ساٿ نه ڏنو، پائين ٿو ته جيڪا جنگ هُن جوتي هئي، ان ۾ شڪست کائي ويو آهي. هي نسل ۾ ايندڙ نسل ڪيس پڙهڻ کان نابري واري ڇڏيندو.

موت جي تيز چلڪندڙ چولين هن کي پنهنجي آغوش ۾ ڪري ڇڏيو، ۽ سندس اجرو روح هن جي بيمار وجود کي ڇڏي آڪاش جي اڻ ڇاتي پولار ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

❋❋

## دوزخ پرسان جنت

نيري آسمان تي رات جي ڪاري چادر چڙهي چڪي هئي. ڪاري چادر جي سوراخن منجهان ستارا ٽمٽائي، ڌرتيءَ جي چوڌس پکڙيل خاموشيءَ کي ڏسي رهيا هيا، تئين دنيا جي ڌرتيءَ پاسي چڻ راڪاس گهمي ويو هو.

اوچتو هڪ درتي ڪڙڪو ٿيو ۽ پوءِ در ڪليو.

“ايڏي دير....!؟ خبر اٿئي ٻار مانيءَ لاءِ روئي روئي ساٽا تي پيا ها ۽ هاڻي مس وڃي اک لڳي اٿن.”

“چاٽان ٿو ماساتِ پر مان چا ڪيان ....؟ مجبورين جون ڪجهه زنجيرون منهنجي پيرن ۾ به جڪڙيل آهن، جن کي ٽوڙي به ته نه ٿو سگهان ...!”

گهر اندر داخل ٿيندي زال کي چئي ٿو؛

“چا آندو اٿئي اج ماسات؟” سندس زال هٿ ۾ جهليل شاپر وٺندي کيس چئي ٿي.

“ماساتِ! مهانگائيءَ جهڙي دور ۾ سؤ رپين ۾ چا ٿو ملي ..؟ ني ڪلو اٽو، اڌ ڪلو پٽاٽا، اڌ پاءُ گيهه، پاءُ ٽماٽا ۽ پاءُ ڏيڍ بصر مليو ... بس اهو ئي وٺي آيو آهيان ۽ ها هي ني روپيه زوري بچايم ٻارن جي خرچي لاءِ.....” زال کي رپين جا ني سڪا ڏيندي چئي ٿو؛

‘چو ماسات! اڳي ته مالڪ ڏيڍ سئو روپيا ڏيندو هيو ۽ اج سئو ....!؟’ جوٹهس پريشان ٿيندي پچيس.

“ماساتِ! پيترول جو ليتر 87 رپيه تي ويو آهي. چنگنچي اڳي چار سؤ رپيه بچائيندي هئي ته مالڪ ڏيڍ سؤ ڏيندو هو. اج چنگچيءَ صرف اڌائي سؤ بچايا، تنهن ڪري ڏيڍ سؤ پاڻ جهلي مون کي سؤ رپيه ڏنائين. پيسينجرن کي جڏهن چئون ٿا ته ڪرايو پنج رپيه وڌيو آهي ته هيٺ لهي ٿا وڃن ....

اُهي بہ وڃن ڪاڏي ....! هر طرف مهانگائي راڪاس وانگر ماڻهن کي کائي رهي آهي .... بهرحال جيڪو جنهن جي نصيب ۾ آهي، اهو ئي ان کي ملندو. ٽڪڙ ڪر ماني پڇاءِ ڏاڍي بک لڳي آهي.”

سندس زال رڌڻي ڏانهن وئي تہ پاڻ ڪمري ۾ آيو، جتي سندس بہ پٽ ۽ هڪ نياڻي جيڪي بکئي پيٽ سمهي پيا ها، تن کي ڏسي سندس اکين مان بہ لڙڪ ڳڙي پيا. پر جلد ئي قميص جي پلوَ سان لڙڪ اگهي پنهنجي پٽ جي پرسان وڃايل قاتل رلهيءَ تي چپ چاپ سمهي پيو. سندس نظرون بيٺل پکي ۾ اٽڪي پون ٿيون ۽ سوچن جي سمنڊ ۾ ٻڏي وڃي ٿو.

“منهنجي زندگي ڪيڏي نہ بي رنگ آهي....!ان ۾ ڪڏهن بہ خوشين جو هڪڙو پل بہ نہ آيو آهي. غريبيءَ جا اولڙا آخر منهنجي قسمت ۾ ئي خدا ڇو لکيا....؟ ياخدا! آخر تو منهنجي پيرن ۾ غريبيءَ جون اڻ ڏٺل زنجيرون ڇو ٻڌي ڇڏيون آهن، جن کي آءٌ ٽوڙي بہ نہ ٿو سگهان ......!

هيءَ بہ ڪا زندگي آهي....!؟صبح ساجهر چنگچي هلائڻ، ٻار ٻچن کان سڄو ڏينهن پرتي رهڻ، سواريءَ جي تنگي، پيسينجرن جا ناز نخرا، پيسا گهٽائي ڏيڻ ، پيٽرول جو اگهہ ماشاالله 100 رپين تي ٽيڻ وارو آهي. چنگچيءَ جي مالڪ جون روز چڙٻون ڏيڻ .... ‘بس! اِهو ڪمايو اٿئي ...! لڳي ٿو تہ تون پيسا لڪائڻ لڳو آهين ...!’ مالڪ جي آڏو هٿ ٻڌي روئي پنهنجي بي گناهيءَ جو ثبوت ڏيڻ. هوڏانهن گهر جي مالڪ جون ڌمڪيون الڳ تہ “مسواڙ ڏيو نہ تہ گهر خالي ڪيو، توهان کان وڌيڪ مسواڙ ملندي.’ ٻارن جو پيٽ بہ صحيح طرح نہ ٿو ڀري سگهان ... يا خدا! آخر مون کان ڪهڙي خطا ٿي وئي، جو ان جي سزا مون سان گڏ منهنجي ٻارن کي بہ ملي رهي آهي.”

سندس اکين مان نير وهڻ لڳا. جڏهن پنهنجي گهر واريءَ جي اچڻ جو کڙڪو ٻُڌائين تہ جهٽ ۾ لڙڪن کي اگهي ڇڏيائين. سندس گهر واري ماني کڻي ڪمري ۾ داخل ٿي تہ هن اٿي ٻارن کي جاڳايو ۽ گڏجي ماني کائڻ لڳا. ماني کائيندي ئي کائنس سندس وڏڙي پٽ پڇيو؛

“بابا! ماني ڇو دير آندي اٿئي، اوهان کي خبر آهي، صبح کان وٺي اسان ڪجهہ بہ ناهي کاڌو، بک جي ڪري پيٽ ۾ سور ٿو پوي.

پٽ جي اهڙي ڳالهہ تي سندس اکيون ڀرجي آيون پر انهن لڙڪن کي ٻاهر اچڻ کان سواءِ پٽ کي چيائين؛

“پٽ اڄ دير ٿي وئي، مون کي اڄ معافي ملندي، اڳتي ايئن ڪونہ ٿيندو.” هٿن سان ٻئي ڪن پڪڙي ٿو. سندس ڌيءَ کيس چئي ٿي؛

“بابا! اڄ معاف ٿا ڪيون ئي، پر اڳتي ايئن ڪو نہ ٿيندو نہ.... ٺيڪ آ، واعدو؟”

“ٺيڪ آ واعدو ....”

پيءُ ۽ اولاد جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي جوڙس جي اکين ۾ بہ لڙڪ اچي وڃن ٿا، لڙڪن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ناڪام وئي. ٻارن جي اڳيان روئڻ بهتر نہ سمجهي ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿي وڃي.

ٻارن پنهنجي ماءَ کي ايئن ڪمري مان نڪرندي ڏسي پيءُ کان پڇڻ لڳا.

“بابا ... امان ٻاهر وئي .... امان ماني ڇو نہ ٿي کائي.

“پٽ! توهان ماني کائو، مان توهان جي ماءَ کي ڏسي ٿو اچان.” هو ايئن چئي اٿيو. ڪمري کان ٻاهر پنهنجي زال کي روئيندي ڏسي چويس ٿو.

“ماساتِ! جيڪڏهن تون ئي همت هاري ويهندينءَ تہ ٻارن جو ڇا ٿيندو، تنهنجي ايئن ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ تي ٻار ڇا سوچيندا ...!؟”

“ماساتَ! آءٌ ٻارن جون اهڙيون ڳالهيون برداشت نہ ٿي ڪري سگهان.” روئيندي وراڻيائين.

“اسان کي برداشت جي زهر جو ڍڪ پيئڻو پوندو، وات پلي ڪڙو هجي، پر ٻارن کي ان جو علم ٿيڻ نہ گهرجي، اڄ تہ ماني کائون.”
لڙڪن کي پوتي جي پلاند سان اگهي، ٻئي ڪمري ۾ داخل ٿيا. پيءُ پنهنجن ٻارن کي ماني نہ کائيندي ڏسي پڇيو؛
“اڙي ... توهان ڇو بس ڪري ويٺا آهيو...!؟”
“بابا! اسان سوچيو تہ جڏهن اوهان ايندؤ تہ گڏجي ماني کائينداسين، اسان جي مس ِ چوندي آهي، سڀني ڪٽنب کي گڏجي ماني کائڻ گهرجي، ان ۾ وڏي برڪت هوندي آهي.”
“ڪهڙي مس سمجهايو اٿوَ؟” پيءُ حيرانگي مان پڇيو.
“جيڪا توهان جي پرسان ويٺي آهي نہ ...... ان اسان کي سمجهايو آ.” پٽهنس ماءُ طرف اشارو ڪندي چيو.
پنهنجي پٽ جي واتان پنهنجي تعريف ٻڌي ماءُ خوش ٿي. خوشي مايوسيءَ تي حاوي ٿيڻ لڳي، پر مايوسيءَ کي مٽائي نہ سگهي، مرڪڻ جي ڪوشش ضرور ڪيائين، پر لڙڪ ڳڙي پيس ۽ جهٽ ۾ هٿن سان لڙڪن کي اگهي ڇڏيائين.
“امان ... اوهان جون اکيون ڳاڙهيون ڇو آهن ؟”
“پٽ اک ۾ جيت هليو ويو آ.” ڪوڙ ڳالهائيندي چيائين.
“امان ... ٻنهي اکين ۾ جيت هليو ويو آ؟”
پٽ جي اوچتي اهڙي سوال تي سندس اکيون ٻيهر ڳوڙهن سان پرجڻ لڳيون.
ٻارڙن جي پيءُ اهڙيون ڳالهيون ٻڌي جهٽ ۾ موضوع مٽائيندي چيو.
“ڇڏيو ڳالهين کي ... جلدي جلدي ماني کائو، ماني ٿڌي ٿي ويندي ...!’
۽ پوءِ سڀ ماني کائڻ لڳا. ماني کائڻ کان پوءِ سندس ٻار ستت آهلجي پيا. سندس زال ٿانوَ ڪٺي رڌڻي ۾ رکي آئي ۽ هن جي سيني تي ڪنڌ رکي سمهي پئي ۽ هو هن جي وارن سان کيڏڻ لڳو.
“ماسات! گهر جو مالڪ آيو هو، چئي پيو تہ ٽن مهينن جي مسواڙ ڏيو. تنهنجي نالي چيومانس تہ هو توسان پاڻ ملندو، هن وقت گهر ڪونهي. چيائين؛ “آءٌ دڪان تي ويٺو آهيان، جيڪڏهن ٻن ڏينهن جي اندر مسواڙ نہ ڏنوَ ، تہ توهان کي گهر کان ڪڍي ڇڏيندس.” ايئن چئي هو هليو ويو. جيڪڏهن گهر کان ڪڍي ڇڏيائين تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟ ڪاڏي وينداسين ...؟”
“ دل نہ لاهہ ماسات! الله وڏو آهي، عزت ۽ ذلت ان جي هٿ ۾ آهي، تون پريشان نہ ٿيءُ. آءٌ پئسن جو بندوبست ڪندس ۽ ڪيس ڏئي ڇڏيندس، اسان کي ڪير بہ هٿان نہ ڪڍندو.”
“ماساتَ! الاءِ ڇو مون کي ڊپ پيو ٿئي.”
“ڊپ .... ڇا جي ڪري ؟”
“خبر ناهي، جڏهن تون گهر ناهين هوندو تہ ڊپ ڪوهيڙي جيان وڪوڙي ويندو آهي.”
“ ماساتِ! جيستائين مان آهيان، توهان کي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو، جيڪڏهن آءٌ هن دنيا مان .......”
سندس زال چپن تي هٿ ڏيندي چئيس تي. “ماسات ايئن تہ نہ چؤ، توکي خدا جو واسطو، نہ تہ آءٌ ناراض ٿي وينديس ...
سندس سيني تان ڪنڌ ڪٽي منهن ٻئي پاسي ڪري تي ڇڏي ۽ اکين مان پاڻي تري تو اچيس ۽ هو ٻئي ٻانهون سندس چيلهہ ۾ وجهي اورتي ڪري چئيس تو.
“ڇڏ ناراضگيءَ کي، آءٌ اهڙيون ڳالهيون اڳتي هرگز نہ ڪندس.”
۽ سندس ڳلن تي لڙي آيل لڙڪن تي پنهنجا چپ رکي تو ڇڏي ....

## هو پاڻ ڪهاڻي بڻجي ويو

پنهنجي اوطاق جي درڪان جيئن ئي ٻاهر نڪتو تہ سندس پهرين نظر هيٺ سان تقيل ان ڪاغذ تي پئي، جنهن تي هٿ سان ڪجهہ لکيل هيو. شايد ڪنهن ان ۾ چولا ڪائي ڪيس اچلائي ڇڏيو هو. پنڍي پڙهڻ جي اڻ تڻ ۾ جهڪي هُن اهو ڪاغذ ڪٽي ورتو، ڪاغذ ڪٽي هيٺ سان تقيل آڪر پڙهڻ لڳو تہ ڪيس گهوماتيون اچي ويون. هوش خطا ٿيندي پانيائين. ياد پيس تہ اهي سٽون ڪنهن ٻئي جون نہ پر هن جون تخليق ڪيل آهن، جيڪي هن پنهنجي پهريون ڪتاب چپرائڻ جي لاءِ "پنهنجي پاران" طور لکيون هيون.

الجهيل ذهن، لرزندڙ هٿ، ٿڙڪندڙ وکن سان، ڪنهن هارايل جواري وانگي پنهنجي نيستي وجود کي ڳوٺ جي رستي تي گهلڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري ٿو، پير وچڙڻ لڳا هئس. هٿن ۾ ويتر ڏڪٽي پيدا ٿيندي پانيائين. ذهن ۾ سوچن جا ڪروڙين جيوڙا داخل ٿي ڪيس مفلوج ڪرڻ لڳا هئا. هو اڳتي وڌي نہ سگهيو، موتي موالين وانگر گهر ۾ ٿڙندو ٿاٻڙجندو، اچي ڪمري ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏيائين. بنا رلهيءَ وڇايل کٽ تي ليٽي اکيون بند ڪري ڇڏي ٿو، اکيون بند ٿيندي ئي نيٽن ۾ پروين جي چهري جو عڪس گلاب جي پنکڙين جيان ٻهڪندي نظر آيس. هڪ اهڙو گل جنهن مٿان اجا ڪنهن بہ ڀوئنر ڀيرو نہ پريو هيو. ها ..... اها پروين، جيڪا هِن کي دل جي گهراين سان چاهيندي هئي، پر افسوس سندس محبت کي هي چريو سمجهي نہ سگهيو. هن سندس محبت کي مالي مفادن جو ليبل چڙهائي چالو عورت ڪوٺيو پر هوءَ چالو عورت نہ هئي، هوءَ اهڙو تکو طعنو نہ سهي سگهي ۽ هن خودڪشي ڪري ڇڏي. ڪيس آخري خط ۾ لکيو هيائين تہ "اها زندگي ڪهڙي ڪم جي، جنهن ۾ محبوب جو ساٿ سلامت نہ هجي." پروين جي وڇڙڻ کان پوءِ هن کي سندس محبت جو احساس ٿيو ۽ سندس جذبن جو بہ قدر ٿيس. پر هاڻ ڇا ٿي سگهيو پئي، پاڻي هٿن مان وهي ويو هيو.

اڻ وٽي وڇوڙي جي سانحي کان پوءِ رڳو پروين جون سوچون ئي هن سان گڏ رهڻ لڳيون. جتي بہ ويندو هو سندس باري ۾ ئي سوچيندو هو، ڪڏهن تہ نماز ۾ بہ هن جون سوچون، سجدي ۾ اکيون بند ڪري تہ بہ سامهون سندس تصوير.... ڇڻ هن جي آڏو جهڪندو هجي. وارن کان وٺي نهن جي چوٽين تائين پروين هن جي اندر سمائجي وئي.

۽ نيٺ هن پروين جي درد کي گهٽ ڪرڻ لاءِ لکڻ شروع ڪيو. سندس هر ڪهاڻي ۾ بہ هوءَ پاڻ مرادو شامل ٿي ويندي هئي، صرف "هوءَ" ....جڏهن ڪنهن ڪهاڻي ۾ سندس تعريف جا ٻہ ٻول لکندو هو تہ سندس دل کي راحت ملندي هئي ۽ زخميل آتما کي سڪون ملندو هيو.

آهستي آهستي اها ڳالهہ سڄي ڳوٺ ۾ ڦهلجي وئي تہ 'جاني' ڪهاڻيون لکڻ لڳو آهي. ڪن ڪيس مت موڙهيو سڏيو تہ ڪن وري ٽوڪ ٺٺول بہ ڪيس. پر هيءُ پنهنجي ڌن ۾ مست لکندو ئي رهيو. ڏسندي ئي ڏسندي هن وٽ ڪافي ڪهاڻيون گڏ ٿي ويون.

اڪثرشام ويلي پنهنجي اباڻي اوطاق تي هو ڪجهہ دوستن کي ويهاري پنهنجون ڪهاڻيون ٻڌائيندو هيو. آهستي آهستي ڳوٺ جا ٻيا ماڻهو بہ اچي هن جي ڪهاڻين کي ٻڌندا هئا. هر شام

اوطاق تي رونق متل هوندي هئي. اجمل ۽ ڳوٺ جا ڪجھ ٻيا ماڻهو جڏهن هن جي ڪنهن ڪهاڻي جي تعريف ۾ "واهه وا" ڪندا هئا ته هو دل ئي دل ۾ روئي پروين کي ياد ڪندو هو. چاڪاڻ ته خنجر نما قلم جي چوٽي سيني ۾ ڪپائي، رت سان ٻوڙي، ڏيندڙ اذيت پروين جي عشق ئي ڪيس ڏني هئي. پر هي سماج هن جي دل جي رت سان ٻوڙي لکيل سندس تخليق جي بدلي ۾ سگهي "واهه وا" ارپي، پنهنجو فرض نڀائي تفريح ماڻي رهيا هئا.

سندس ڪهاڻين جي ڪري جاني کي سچو ڳوٺ ڀائڻ لڳو هو. سواءِ پنهنجي پيءُ جي ـ جنهن پٽ کي ان لاءِ نه پڙهايو هيو ته هو ويٺو اجايون سجايون ڪهاڻيون لکي. سندس پيءُ هميشه ڪهاڻيون لکڻ پڙهڻ کان منع ڪيس. ايتري قدر جو سندس خرچ به بند ڪري ڇڏيائين. هو چاهيندو هو ته سندس پٽ نوڪري ڪري، هاڻ نوڪري نه ٿي ملي ته ٻنيءَ جي ڪم ۾ سندس هٿ ونڊائي. هن جا ڪلاس فيلوز هن کان اڳتي وڌي ويا پر هو اتي جو اتي رهجي ويو، رڳو ڪهاڻيون لکڻ پويان. ڪڏهن ڪير شهر ويندو هو ته ان کان ادبي رسالا گهرائي پڙهندو هو.

معمول مطابق ان شام به اوطاق تي ويهي ڪا ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هو ته آخر ۾ وڏيري جي پٽ عباس ڳالهه ڪئي ته:

"جاني! تون پنهنجي ڪهاڻين جو ڪتاب ڇو نه ٿو ڇپرائين؟"

جاني چيس. "ادا ...! منهنجي ڪنهن پبلشر سان ڄاڻ سڃاڻ ناهي، ۽ ٻيو ته ڪتاب ڇپرائڻ تي ڪافي پيسا لڳندا آهن."

سندس پرسان ويٺل نِنڍپڻ جي ڪلاس فيلوز اجمل ڳالهايو: "مان شهر ۾ هڪڙي پبلشر دوست کي سڃاڻان، تون چئين ته ان سان ڳالهه ڪيان...."

ان تي وڏيري جي پٽ عباس چيو: "رهي ڳالهه پيسن جي ته جاني! تون ان جو ڪو فڪر نه ڪر، مان ويٺو آهيان نه... جيڪي به پيسا لڳا، مان پريندس... جاني...! تون پنهنجون سموريون ڪهاڻيون فيئر ڪري اجمل کي ڏئي ڇڏ ته هو پبلشر کي ڏئي، ڪم شروع ڪري ... ٺيڪ آ..؟"

هن جلدي ۾ 'ها' ڪري ڇڏي.

مسلسل ٻن هفتن تائين گهر ۾ ويهي هن سموريون ڪهاڻيون نئين سر فيئر ڪيو. ۽ سندس ان عمل دوران سندس پيءُ هن کي لکندي ڏسندو هو ته سندس اکين مان ڪاوڙ جي باهه پئي نڪرندي محسوس ٿيندي هئي.

نيٺ صبح جو سموريون ڪهاڻيون هو اجمل کي ڏئي جيئن ئي گهر موٽيو ته سندس پيءَ ٻرندڙ چلهه ۾ سندس سمورا ڪاغذ ويٺو ساڙي رهيو هو ۽ ڪيس گهٽ وڌ به ڳالهائي رهيو هيو. اهو لکاءُ ڏسي هو ڏڪي ويو. سندس اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو، پر پيءُ سان ڳالهائڻ جي جرئت نه ڪري سگهيو. بت وانگر بيهي سمورا ورق جلندي ڏسندو رهجي ويو.

سوچيائين: "منهنجا احساس ... منهنجا جذبا .... منهنجون اميدون ... سڀ سڙي رک ٿي ويون."

پر وري دل کي تسلي به ڏنائين ته فيئر ڪهاڻيون اجمل وٽ محفوظ آهن. دل ئي دل ۾ پنهنجي پيءُ کي چوڻ لڳو. "ڪاش بابا ...! اوهان منهنجي احساسن ۽ جذبن کي سمجهي سگهو ها ته منهنجي محنت جو اهو سلو هرگز نه ڏيو ها.."

پنهنجين ڪهاڻين کي ائين جلندي ڏسي هو گهر کان ٻاهر نڪري سڌو اوطاق تي اچي کٽ تي سمهي پيو ۽ پنهنجي رک ٿيل ڪهاڻين جي باري ۾ سوچيندي سوچيندي اک لڳي ويس ـ جڏهن اکيون کليس ته شام ٿي چڪي هئي. گهر وڃڻ لاءِ جيئن ٻاهر نڪتو ته گهٽيءَ واري رستي تي 'پنهنجي پاران' وارو لکيل ڪاغذ لڌس، جنهن کي ڪنهن چولا ڪائي اڇلائي ڇڏيو هو.

سندس اکيون اڃا به بند هيون ته سندس ننڍو ڀاءُ اچي ڪيس چئي ٿو:
"ادا جاني! اجمل ٻاهر سڏ تو ڪريئي."
هو تڪڙ ۾ ڪٽ تان لهي، جتي پائي ٻاهر نڪتو. اجمل جي چهري تي مايوسي جا ڪڪر ڇانيل هيا. جانيءَ کي ايندي ڏسي، اجمل وڏي سندس پرسان اچي چئي ٿو:
"سوري يار ... تو جيڪي ڪهاڻيون ڏنيون هيون، مون اهي وچي ٽيبل تي رکيون هيون. منهنجي ٻارن چولن جي لالچ ۾ ... يا ڀل ۾ اهي ڪنهن چولا وڪڻندڙ کي ڏئي ڇڏيون آهن. توکي ته خبر آهي، منهنجو ننڍو پٽ ڪيڏو شرارتي آهي. مون ڪيس گهٽو ماريو، منجهند کان وٺي ان چولن واري کي ڳوليان ٿو پيو، پر هو الائي ڪاڏي وڃي چڪو آهي .... جاني! ڳڻتي جي ڳالهه ناهي..... تو وٽ رف ڪاغذ ته پيا آهن نه؟ اهي مون کي ڏي، مان پاڻ فيئر ڪندس .. پوءِ پبلشر کي ڏيندس، ٺيڪ آ؟"
اجمل جواب لاءِ سندس چپن جي چرڻ جو انتظار ڪري ٿو، پر سندس چپ نه ٿا چرن ..... هن محسوس ڪيو ته هن جون ڪهاڻيون نه، پر هن جي پروين پيهر خودڪشي ڪري ڇڏي آهي.

**

## جذبن جي ڪربلا

هو ڏاڍو خوش هو، ڇپيومانس.
"اڄ ڏاڍو خوش پيو لڳين؟"
چوڻ لڳو. "ها .... ائين ٿو لڳي ڄڻ منهنجي زندگيءَ جا ڏکيا باب ختم ٿي ويا آهن. ڏکن ۾ زندگي پن ڄڻ جيان هئي، پر اڄ منهنجي نيڻن جي آغوش ۾ هن جي نظر ڇا جهٽ پل لاءِ ترسي، ائين ٿو لڳي ڄڻ آءٌ هن جي حسين نيڻن جي ٻيلي ۾ وڃائجي ويو آهيان! هڪ اهڙي احساس من ۾ جنم ورتو آهي جنهن جي سڳنڌ سان من واسجي ويو آهي. نيڻ نهارآڏو هن جو مرڪندڙ چهرو ڦرندو ٿو رهي ...!"
"مطلب ته تنهنجو ڪنڌ به محبت جي جهوليءَ ۾ ڊرڪجي ويو آهي؟"
معصوم مرڪ مرڪي، ڪنڌ ها ۾ ٿو ڌوڻي، ۽ آءٌ پنهنجي دوست جي ان معصوم مرڪ جي رنگين دلڪشيءَ ۾ رنگجي ٿو وڃان ...!

(ڇهن مهينن کان پوءِ)
مليو ته چهري تي اداسيءَ جو ڪفن پهريل هئس.
"ڇا ٿيو ...؟ ويڳاڻو ٿو لڳين.....!"
هو چوڻ لڳو. "اڄ الاءِ چو ائين ٿو لڳي ته هي زندگي ان زندان جيان آهي، جنهن ۾ اڪيلائي ... درد .... پيڙا جهڙا وحشي درندا رهندا آهن! جن جا ناںءَ ڪٽڻ سان لڳن جا وار ڪانڊارجي ويندا

آهن. ان زندان ۾ جيڪڏهن ڪو پيار جو پکي ڪڏهن پلجي ايندو آهي ته اهو ئي زندان ڪنهن رنگين محل جيان لڳندو آهي پر جڏهن ان پيار جي پکي کي ڪا پراسرار قوت اڏاري ڇڏيندي آهي ته اهو زندان، هر زندان کان وڌيڪ ڪرپناڪ لڳندو آهي .....!!"

"مطلب ته هوءَ ڇڏي وئي توکي ...؟"

"نه .... ڇڏي ته اُهي ويندا آهن، جيڪي دل ۾ گهر ڪري ويهندا آهن. پر هوءَ ته.... منهنجي زندگيءَ ۾ آئي ئي ڪٿي...؟ هوءَ ته هڪ خواب جيان هئي، جنهن کي مون تصور ۾ چاهيو هو... هن چري دل کي ڪهڙي خبر ته خواب، خواب ئي رهندا آهن، انهن جو حقيقت سان ڪو به واسطو ناهي هوندو.....! پر پوءِ به هي چري دل انڌيرين غفائن ۾ روشنيءَ جي آس ۾ ڀٽڪي.... بلڪل اهڙي ريت جيئن ستارن کي ڇهڻ لاءِ آڪاس طرف هٿ ڊگهيربو آهي، پر ملندو ڪجهه به ناهي....!"

"پوءِ تو ڇا سوچيو آهي پنهنجي محبت جي باري ۾ ....؟"

"اهو ئي ته هن جا جيڪي خواب نيڻن ۾ سجايا هئم، انهن جي حالت بگاڙي شمشان ۾ جلائي رک ڪري ڇڏيندس.....!"

ماتمي لباس ۾ ويڙهيل سندس وائڙن واريون ڳالهيون ٻڌي مون کان هڪ ڇرڙواڳ ٽهڪ نڪري ويو.

"ڪنهن جي محبت جو جنازو ڪڇندي ڏسي، تون ٽهڪ پيو ڏين ..!"

"نه نه ... منا ...! محبت جو جنازو ڪڏهن به نٿو ڪڇي سگهي، ڇاڪاڻ ته محبت مرندي ناهي، مرندا ته انسان آهن، ها ... محبت فنا جي ذمري کان آزاد آهي، محبت امر آهي. منهنجو ٽهڪ تنهنجي محبت طرف نه پر تنهنجي سوچ طرف هو. جيڪي تون محبتن ۾ شرطون ٿو هلائين. ان طرف هو ... محبتن ۾ شرط ناهي رکي ويندي، جيڪڏهن هو توکي چاهي ٿي ته نيڪ نه ته بس .... هر ڪنهن جا رستا الڳ .....؟ ائين ناهي ٿيندو ...! محبت جي هر راهه آسان ناهي هوندي، محبت به زندگيءَ جيان آهي، جنهن جي رستي رستي ۾ ڪنڊا وڇايل هوندا آهن. جنهن جي هر پل ۾ خوشيون ناهن هونديون. هر رستي تي گل وڇايل ناهن هوندا. اهڙن حالتن ۾ اسان زندگيءَ جو ساٿ نه ٿا ڇڏيون ته پوءِ محبت جو ساٿ ڇو ڇڏيون ...!؟ اها محبت ئي ڪهڙي جيڪا جاڳوڙ ۽ ولوڙ ڪانسواءِ حاصل ٿي وڃي...؟ محبت ايتري آسانيءَ سان ناهي ملندي دوست ... جيتري آسانيءَ سان تون ان کي وسارڻ جي ڪوشش پيو ڪرين ..!!" منهنجي نيڻن کي لڙڪن سان وضو ڪندي ڏسي هو به روئي پيو هو.

(ٻارنهن مهينن کان پوءِ)

ڇهرو ڪربلا جي پونءِ جيان زخم زخم هئس.

نيڻن مان لڙڪ ڪٿيون ڪٿيون تي وسي رهيا هئس.

آڪاش جي ڪينواس تي سڏڪن جا نظم لکڻ لڳو هو.

هميشه جيان اڪيلائيءَ مان آنند وٺڻ جي ڪوشش دوران ٻاهه ۾ پڙڪي رهيو هو.

"لڙڪ نه لاڙ دوست ....! لڙڪن ۾ حساسيت ڀريل هوندي آهي، لڙڪ لاڙڻ سان اندر جو احساس پٽو مري ويندو آهي ۽ تنهنجي نيڻن مان لڙيل لڙڪ پونءِ تي ڪرندا ته، اهي لڙڪ ڌرتيءَ ماءُ لاءِ ٻاهه جي الن کان گهٽ نه هوندا ...!"

"لڙڪن کي ڳاڙڻ کان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان! آءٌ ٻيوس ٿيجي ويو آهيان."

"دوست ...! ڳهاون جي ڳهاٽي ۾ پيڙهجي ويل ٿو لڳين ....! اڄ خيريت ته آهي نه ....؟"

“محبت ۾ خيريت پڇا ناهي ڪبي دوست ....!”
“پوءِ به يار ....! محبت ڪنڊڙ دل جي ڪٿا محبت ڪنڊڙ دل ئي سمجهي سگهي ٿي.”
خاموشي جي صحرا ۾ ڀٽڪندي هو درديلو آواز ڪڍي ٿو.
“مهينو اڳ هن جي شادي منهنجي ماسات سان ٿي هئي. دل تڙپي هئي، اکيون رنيون هيون. روح رڙيو هو. هن جي نيڻن ۾ ڪنهن ٻئي جا خواب اوتيل ڏسي، پاڻ کي خودڪشيءَ جو خنجر هڻڻ وارو خيال ذهن تي تري آيو هو. پر مون ....ايئن نه ڪيو ۽ محبت ڪان منهن نه موڙيو هو. محبت جي پوڇا ڪرڻ ڪونه ڇڏي هئي. دل جي دنيا مان هن جو نانءُ ڪو نه ڊاهيو هو. پر ....!!”
جملو اڌ ۾ ڇڏي سڏڪن جي دلدل ۾ ڦاسجي ويو.
“پر ڇا ...؟” دل مان دانهن نڪتي.
“هوءَ ڪلهه پنهنجي مڙس سان گڏ اسان جي گهر دعوت تي آئي هئي.”
“ها پوءِ ؟”
“پوءِ وري ڇا ...؟ هوءَ منهنجي اُن گهر جي چائنٽ ٽيپ آئي هئي، جنهن ۾ سندس اچڻ جا مان سپنا ڏسندو هئس. مان پري ڪان ڀنڊ پهڻ تي ڪيس ڏسڻ لڳو هئس، مون کي ڏسي گلابي چپن تي مرڪ سجائي سرڪي منهنجي پرسان آئي ۽ چوڻ لڳي ’ادا! پنهنجي ڀيڻ سان ڪاوڙ آهي ڇا ...!؟‘”
منهنجي دل تي وڄ ڪري پئي، سيني گهر ڀاتين کي ڏسي مون مجبورن هن جي مٿي تي هٿ رکي ڪيس چيو.
“ادي ...! اهڙي ڪا ڳالهه ناهي ....”
هو وڌيڪ ڇئي نه سگهيو. لڙڪن جي ٻوڏ کيس لوڙهي وئي هئي.

⁂

## اڃا ڪي آهين!

وڏي آرسيءَ آڏو، ڳاڙهي وڳي ۾ هوءَ پنهنجي نارنگي جي ڦارن جهڙن چپن کي ڳاڙهيءَ سرخيءَ سان ڀينٽ ڪندي ڪنهن ڪنوار کان گهٽ نظر نه پئي آئي. نيرين اکين ۾ پاتل ڪجل سندس اکين کي اڃا به پرڪشش بڻائي ڇڏيو هو. چهري تي معصوميت ۽ ڪشش سان گڏوگڏ هوءَ ڪنهن شاعر جوخوبصورت غزل لڳي رهي هئي. پوءِ به شوڪيس تي پيل سينگار جو سامان هن جي چهري ۽ جسم کي چهڻ لاءِ آتو هيو.
نگاهون ڪٽي پت تي ٽنگيل گهڙيال ڏانهن ڏنائين ته گهڙيال جو ننڍڙو ڪانٽو هڪ انگ کي ڪراس ڪري چڪو هو ۽ وڏو ڪانٽو ڇهن جي انگ تي پنهنجو ديرو ڄمائي وينو هو ۽ ٽيون ڪانٽو جوڳين وانگر مسلسل پنهنجي جاءِ مٿائي رهيو پئي. گهڙيال تان نظرون هٽائي آرسيءَ ۾ ڪپائي ڇڏي ٿي. هوءَ پاڻ کي هن ڊريس ۾ قيد ٿي پائي، چپن تي هنيل سرخيءَ کي بوجهه ٿي سمجهي، ۽ لالاڻ کي پنهنجن چپن

تان متاثڻ ٿي چاهي، پنهنجي ريشمي وارن کي بڪل جي قيد کان ڇڏائڻ ٿي چاهي، پر هوءَ ائين نہ ٿي ڪري سگهي ...!

هوءَ مجبوري ۽ بيوسي ۾ هڪ اهڙي پکي جي مثل هئي، جيڪو ڪاڏي جي تلاش ۾ پڃري اندر اچي ڦاسي پوندو آهي.

آرسيءَ ۾ پاڻ کي ڪنهن ڪنوار جيان سينگاريل ڏسي ڳوڙها سندس اکين جا بند ٽپي ڳلن کي پچائي ڪپڙن ۾ جذب ٿي وڃن ٿا، اجان بہ اهو سانحو هن جي ذهن جي ڪينواس تي محفوظ آهي، جنهن هن کي اچي اهڙي حالت ۾ بيهاريو، جو هن وٽ ان کان علاوه ٻيو ڪو رستو نہ بچيو هو.

جڏهن هوءَ سمجهہ لائق ٿي تہ هن پاڻ کي هڪ شهر جي مسواڙي گهر ۾ رهندي ڏٺو. سندس ماءُ ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا هئي ۽ پيءُ صبح جو مزوري ڪرڻ لاءِ گهر کان نڪري ويندو هو تہ سانجهيءَ کان پوءِ رڏ پچاءُ ۽ سندس ماءُ لاءِ ڪجهہ دوائون وٺي ايندو هو. ڏينهون ڏينهن سندس ماءُ جي طبيعت خراب ٿيندي رهي ۽ سندس پيءُ هتان هُتان پيسا اڌارا وٺي بہ دوا وٺي ايندو هو، پر دوائن مان فائدو ڪجهہ نہ ٿيو. هوڏانهن گهر جي مسواڙ بہ وڌندي رهي .... ۽ هڪ ڏينهن سندس ماءُ انهن جو ساٿ ڇڏي وئي.

هوءَ هاڻ ٻالڪپڻ جي حد مان نڪري جوانيءَ جي سيما تائين پهچي چڪي هئي. گهر جي اصلي مالڪ هنن کي لاڳيتو مسواڙ نہ ڏيڻ سبب گهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

هن ۽ سندس پيءُ در در جون ٺوڪرون کاڌيون ۽ نيٺ هڪڙي رئيس ماڻهوءَ هنن کي پنهنجي گهر ۾ نوڪري ۽ رهائش ڏني. سندس پيءَ گهر جي اندر باغيچي جي سار سنڀال لهندو هو ۽ هوءَ گهر ۾ پوچي ڏيڻ، ٿانو ملڻ، ڪپڙا ڌوئڻ ۽ ...! مطلب تہ سڄي گهر جي سار سنڀال لهندي هئي.

ڪيترن ڏينهن کان پوءِ، هن اندر ۾ محسوس ڪيو تہ سندن مالڪ حوس پرست آهي. جنهن جون گندليون نگاهون هن هميشہ پنهنجي جسم اندر ڪپندي محسوس ڪيون. ڪڏهن ڪڏهن مالڪ کي چانهہ ڏيندي هئي تہ هو پنهنجي گهر واريءَ جي سامهون بہ هُن کان چانهہ وٺڻ بهاني سندس هٿن کي ڇهندو هو، پر اهو سڀ ڪجهہ سندس گهرواري نہ ڏسي سگهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن مالڪ هن کي اڪيلو ڏسي، ڪنهن نہ ڪنهن بهاني هٿ کي پڪڙي بيهي رهندو هو، پر هو سٽ ڏيئي هٿ ڇڏائي سندس گهر واريءَ جي سامهون ڪنهن نہ ڪنهن ڪم بهاني اچي ويندي هئي تہ سڪ جو ساهہ کڻندي هئي. هڪ دفعي مالڪ حد ڪري ڇڏي، ان وقت سندس گهرواري گهر ۾ موجود ڪو نہ هئي، موقعو سنئو ڏسي وڃائڻ نہ چاهيائين، هوءَ گهر ۾ اڪيلي هئي، سندس پيءُ باغيچي جي سار سنڀال ۾ رڌل هو، سندس مالڪ هن جي عزت لٽڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو پاڻ ڇڏائي باغيچي ۾ پيءُ وٽ پهتي. هن پيءُ کي چيو تہ هوءَ هتي ڪم ڪرڻ نہ ٿي چاهي، هتي گهٽو ڪم ڪرائين ٿا، ۽ هن گهر کي ڇڏي ٻي ڪنهن گهر ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيءُ کي گهٽو ئي چيو، پر سندس پيءُ هن کي اهو چئي ماٺ ڪرائي تہ ’تون هاڻي جوان ٿي وئي آهين، ڪيترا ڏينهن ٻين جي درن تي ٺوڪرون کاڌيوسين، ڪير بہ اسان کي نوڪر رکڻ لاءِ تيار نہ هو، مس مس وڃي هن گهر جي مالڪ ڪريم خان سهارو ڏنو آهي، اسان کي نوڪري ۽ رهائش ڏني، جيڪڏهن ڪريم خان نہ هجي ها تہ اسان ٻئي هن وقت ڪنهن فقير وانگر پنندا هجون ها... ! ڪريم خان اسان جي لاءِ مسيحا جو رتبو رکي ٿو ... ڌيءُ! منهنجي زندگي جي آخري خواهش آهي تہ توکي جلد از جلد ڪنهن شينهن ڪلهي چاڙهي ڇڏيان ...!

رهي ڳالهه منهنجي ته مان پنهنجي زندگي گهاري چڪو آهيان، هن وقت به مان تنهنجي لاءِ ئي ساهه کڻان پيو، نه ته ساهه جي تند ڪڏوڪ جو ڇڄي چڪي هجي ها.”

پنهنجي پيءُ جي اکين ۾ ڳوڙهن جا موتي چمڪندي ڏسي، هوءَ گهر جي رڌڻي ۾ اچي دل جي درد کي پاڻ به لڙڪن سان ڌوئڻ لڳي.

ڪجهه گهڙين کان پوءِ ڪريم خان به کيس ڳوليندي رڌڻي ۾ داخل ٿي کيس چوڻ لڳو، ‘تون اڻ ڄاڻ ناهين، سڀ ڪجهه سمجهين ٿي ته آءٌ ڇا جو طلبگار آهيان! زور جي ميندي ناهي لڳندي، تنهن ڪري آءٌ توکي سمجهائڻ آيو آهيان. منهنجي گهر واري هفتي لاءِ پيڪين وئي آهي، ان جون ڊريسون، زيور ميڪ اپ وغيره، سندس بيڊ روم ۾ موجود آهن، سپاڻي مان ساڳي ٽائيم تي ايندس تون بلڪل ڪنوار وانگر تيار رهجاءِ...! نه ته .... پيءُ سان گڏ منهنجي گهر ۾ نظر نه اچجانءِ...”

هن جي دل ۾ خيال آيو: ‘بابا ..... اوهان غلط آهيو، جو شيطان کي مسيحا جو رتبو ڏئي ويٺا آهيو. هتي ماڻهو ٻاهران ٻيا ۽ اندران ٻيون روپ رکن ٿا.’ دل ۾ سوچڻ لڳي ته ‘بابا منهنجي لاءِ گهڻو دربدر ٿيو آهي، ۽ مان کيس وڌيڪ دربدر ٿيڻ نه ڏيندس ۽ مان بابا لاءِ ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.’

اڄ هوءَ آرسيءَ آڏو پاڻ کي قرباني لاءِ سينگاريل ڪنهن بيوس جانور کان گهٽ محسوس نه ڪري رهي هئي. اوچتو گهڙيال ٻه ٿيڻ جو اعلان ٻن گهنٽن سان ڪيو ۽ ان سان گڏو گڏ ڊرائنگ روم جي در کُلڻ جو به آواز ٿيو. ڪريم خان ۽ ٻن ٽن همراهن جي کلڻ جي گونج هن جي ڪن ۾ داخل ٿي، هن محسوس ڪيو ته انهن سان گڏ هڪ عورت به آهي، هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه اچي رهيو هو، هوءَ سڄو ڏڪي رهي هئي ته اوچتو بيڊ روم جو در کُليو. هن ڪنڌ ورائي پوئتي پنهنجي پيءُ کي ڏٺو ته سندس اکيون شرم کان هيٺ جهڪي ويون.

هن جو پيءُ سندس ويجهو اچي کيس چوڻ لڳو، “ڌيءُ! چڱو ٿيو جو تون تيار ٿي ويٺي آهين، لڳي ٿو ته اڄ منهنجي آخري خواهش پوري ٿي ويندي، ڌيءُ مان ڪريم خان جو ٿورائتو آهيان، جو تنهنجي لاءِ رشتو وٺي آيو آهي، ڇوڪرو پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ توکي ڏسڻ لاءِ آيو آهي. مان وڃي ساڻس ڪچهري ٿو ڪيان، تون وڃي چانهه ناهي ڊرائنگ روم ۾ اچ.’

ايئن چئي سندس پيءُ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو، هوءَ حيران ٿيڻ لڳي، هن کي يقين نه پيو اچي ته سندس پيءُ اچي، کيس ڇا چئي ويو. اڃا هوءَ ڪجهه سوچي رهي هئي ته ڪريم خان به ڪمري ۾ داخل ٿي کيس پيار سان چوڻ لڳو، “سوري ڌيءُ! تو مون کي غلط پئي سمجهيو، پر اصل ۾ مان ايئن ناهيان، مان جيڪو به ڪم ڪندو هان، ته ان جي جڙ تائين به وڃڻ کان ناهيان ڪيٻائيندو. منهنجو هڪڙو ڏاڍو پيارو دوست آهي، ان جي والدين مون کي هن لاءِ ڪنهن سلڇڻي ڇوڪريءَ جو رشتو ڳولڻ لاءِ پئي چيو، مون سدائين تنهنجي والد صاحب کي تنهنجي ڪري مايوس ڏٺو، ان وقت سوچيم ته تون منهنجي دوست لاءِ ڪيئن رهندينءَ...!؟ تنهن ڪري توکي آزمائش جي جڙتو زنجير ۾ جڪڙي، تنهنجي من جي اندر جهاتي پاتم. مان پنهنجي دوست سان ويساهه گهاتي ڪرڻ نه پيو چاهيان ...! تون غريب آهين، ته ڇا ٿيو...! مون کي يقين آهي ته تون منهنجي دوست لاءِ پرفيڪٽ آهين. هن پلاننگ ۾ مون سان گڏ منهنجي بيگم صاحبه به هئي.’ ايئن چئي ڪريم خان پوئتي ڏسندي سڏ ڪيو. ‘بيگم صاحبه ...!’ ان سان گڏ بيگم صاحبه به ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ مرڪندي کيس ڀاڪر پريندي چيو؛ ‘عنبرين ڌيءُ! تون سٺي ۽ سهڻي ڇوڪري آهين، شريف ۽ عزت واري آهين، تنهنجي لئه جيڪو رشتو آيو آهي، اهو به اهڙو آهي. خدا توهان ٻنهي کي خوش رکي. هاڻي دير نه ڪر جلدي چانهه تيار ڪري ڊرائنگ روم ۾ اچ. تنهنجو انتظار پيو ٿئي.”

ايئن چئي بيگم صاحبہ ۽ ڪريم خان ڪمري مان نڪري ويا ۽ هن جي اکين مان لڙڪ ڳڙي پيا...!

*

## سچ خودڪشي ڪري ڇڏي

شام جي طويل سونهري پاڇن پونءِ جي جهوليءَ کي دلڪش بڻائي ڇڏيو هو....! الهڙ هوائون ڪنوارن گلن جي بدن کي ڇهي، سندن سڳنڌ چورائي فضا کي معطر ڪرڻ ۾ رڌل هيون. سج پنهنجا آخري ڪرڻا ڌرتيءَ جي هنج ۾ اڇلائي ڪيرتر جي ڦهاڙن پويان الوپ ٿيڻ وارو هو. پل ا پل ۾ سج جا ليئا ڌرتيءَ کي آخري چمي ڏئي ڇڇاڻيءَ تي پهتا تہ ڌرتي اونداهي وادي بنجڻ لڳي هئي. عين ان وقت اوڀرين طرف اُڀ ۾ هڪ تارو ٽمڪيو، جيڪو منهنجي نيڻن جي زينت بڻيو...!

روز معمول مطابق مان شهر جي قبرستان جي مين گيٽ جي پرسان اڌ ڍٽل پٽ تي ويهي سگريٽ جا وڏا ڪش هڻندي اڀ تي ٽمڪندڙ تاري کي غور سان گهورڻ لڳو هئس. ڪجھ سمي کان پوءِ مون نهار ان تاري تان هٽائي هيٺ قبرن طرف ڪئي. جتي سواءِ سانت جي ٻيو ڪجھ نہ هيو.

سوچيان ٿو:

هن ڍٽل پٽ جي پويان قبرن طرف ڪيڏي نہ سانت آهي ۽ پٽ جي هُن پاسي ... بيڪارگوڙ جي قاسي گهاٽ تي مرڻ وارن جون چيخون ڪيڏيون تہ بلند آهن...؟! هر شخص ٻئي کي نگڻ ۾ رڌل آهي. هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي تمنا ۾ ماڻهن جي سيني مان پيار جو نالو بہ ميسارجي ويو آهي. معاشي بدحاليءَ کان تنگ ٿي هر غريب شخص خودڪشي ڪري رهيو آهي....

سگريٽ مان آخري ڪش پري روڊ طرف ٿوٿو اڇلايم ۽ سوچن جي نيري نديءَ ۾ ٻڏڻ لڳس. منهنجي سوچن جي مالها ڪنهن جي پيرن جي ڪڙڪي تي چرڪي ٽٽي پئي، ڌنم تہ مُقام منجهان ڪوئي دروازي طرف اچي رهيو هو. آءٌ ڪيس غور سان ڏسڻ لڳس تہ سڃاڻي ويم. هو وقار هيو، اسان جو پاڙيسري...! اڪثر وياڪل وياڪل لڳندو آ. شايد ڪا پريشاني اٿس، يا معاشي بدحاليءَ جي خنجرن روح کي رتوڇاڻ ڪيو اٿس...! پنهنجي ڌن ۾، هو دروازي طرف اچي رهيو هو. ڪنهن جي هجڻ جو احساس ئي نہ هئس تہ پنهنجي هجڻ جو احساس ڏياريندي کيس سڏ ڪيم.

"وکي ....؟"

چرڪ نڪري ويس. پانءِ ڪنهن ڪنڌ تي خنجر جي تيز نوڪ رکي هجيس. مون طرف نهاريائين تہ ڪيس هٿ جي اشاري سان پاڻ ڏانهن اچڻ جو چيم. هو ڳورا قدم کڻندو، ٿڙندو ٿاٻڙجندو اچي منهنجي پرسان اڌ ڍٽل پٽ تي ويهي رهيو.

"وکي ....! تون هن وقت مقام ۾ ڇا پيو ڪرين؟"

چهري ۾ ڳنڀيرتا جا ٿوهر ڦٽڻ لڳا هوس. نيڻ پرجي تا اچنس. سڏڪندي ورائي ٿو.

“هو ناهي رهيو .....هن دنيا ۾ ...... ڪيس ڏسڻ سندس قبر تي ويو هئس.”
“ڪير مري ويو ... ؟”
“مئو ڪير به ناهي، هن خودڪشي ڪري ڇڏي آ...!”
“ڪنهن ؟” اتاولو ٿيندي پڇيم.
“سڄ ...
“ڇا ....؟” مون کان دانهن نڪري وئي.
“هي رت جون بوندون ڏسين ٿو....؟” هن شفق جي لالاڻ طرف آڱر ڪڻندي چيو. “هي لال لهوءَ جهڙي رت هن جي وجود مان آبشار جيان وهي آهي. ڏس ته رت سان آسمان ڪيڏو ڳاڙهسرو ٿيو آ...؟ هو ڏس چنڊ ..... ؟ جيڪو پنهنجون ساريون حسناڪيون وڃائي ويٺو آهي. ڪيڏو نه اپاڻڪو ٿو لڳي..!”
ائين چئي وڪي اوچنگارون ڏيڻ لڳو. مان خاموشيءَ جي ديوار پويان لڪي ليئا پائي هن جي احساسن ۽ دل جي اڌمن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس..!
وڪيءَ جون اهڙيون ڳالهيون ۽ سندس لاڳيتو روئڻ ڪري منهنجو من سوڳواريءَ جي سمونڊ ۾ ٻڏڻ لڳو. ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيم.
“ها ... وڪي ...! تنهنجي لفظن جي شائستگيءَ مان اها ڳالهه بکي رهي آهي ته تنهنجا احساس ڪنوارا ۽ سچا آهن. شايد ’سڄ‘ کي خودڪشي ڪرڻ کان علاوه ٻيو ڪو رستو به ته نه بچيو هوندو. هو ڌرتيءَ تي ٻرندڙ ٽانڊن کي آخر ڪيستائين ڏسي ها ...؟! تنهن ڪري هن پنهنجون اکيون ٻوٽيون آهن! جڏهن باک ويلي ايرندو هو ته معصوم ٻارن کي پنندي ڏسندو هو! مزدورن کي ڪم جي تلاش ۾ رلندي ڏسندو هو! هو ڏسندو هو...! فلاڻي گهر ۾ ٻچ ڏينهن کان ٻاهه ناهي ٻري ...! ان ڪتنب جي ٻارن کي بک تي ماتام ڪندي ڏسندو هو! والدين کي ڪنڌ ۾ روئيندي بک سان جنگ جوٽيندي ڏسندو هو! مجبوري ۽ بک جي ڪري ڪنهن ماءُ يا ڌيءَ کي انگ تان اگهڙي لاهيندي ڏسندو هو...! پاءُ کي پيٽ ڪاري ڪندي..! رهزن کي ٻتا قتل ڪندي ...! نازنينءَ کي عاشق سان گهران ڀڄندي...! ڪنهن ماڻهوءَ کي باهه ۾ جلندي ڏسي هو ڪيڏو نه جليو هوندو ...؟ ڪيڏو نه تڙپيو هوندو ...؟ مائرن جون سيڏون اجڙندي ڏسي هن جي اکين مان لڙڪن جون نديون ٿهيون هونديون...! گلاب جي پنکڙين جهڙن ٻارن سان زنا ٿيندي ڏسي هن جو روح ڪيڏو نه رتوڇاڻ ٿيو هوندو...؟جيل جي پواڻتي ڪوليءَ ۾ بيگناهه قيديءَ کي اگهاڙو ڪري مٿس تشدد ٿيندي ڏسي هن جي دل کي ڪيترا ته وڍ آيا هوندا...؟ هر الميي کان ڇرڪائيندڙ ٻيو الميو ڏسڻ هو ڪيئن برداشت ڪري سگهي ها....؟ جيئن ڪنهن شخص جي مٿي جي ٿوڪري تي دردن جا بار وڌي ويندا آهن ته هو خودڪشي ڪري ڇڏيندو آ...! هن جي خودڪشيءَ کان پوءِ لڳي ٿو ته هاڻي اونداهي ڪڏهن به نه ڪٽندي، هو ويچارو پاڻ جلي اسان کي روشني ڏيئي صحيح گس ڏيکاريندو هو.”
مان ڳالهائيندي هن جي چهري طرف ڏٺم، جتي حيرانگيءَ جا ڇتا اولڙا هئا. اوچتو هُو کلڻ لڳو. سمجهان ٿو شايد هُو سڄ جي خودڪشيءَ جي صدمي کان ذهني توازن وڃائي ويٺو آ....! ڪلندڙ ۽ روئيندڙ گڏيل انداز ۾ چئي ٿو.
“اڳي ٻڌندو هيم پر هاڻي اکين سان ڏسي رهيو آهيان ته اديب چريا هوندا آهن..... اڙي ....! مان ته پنهنجي پاڙيسري بلاول جي پٽ سڄاد، جنهن کي پيار مان سڄو ته ڪڏهن سڄ چوندا آهن. ان جي ڳالهه ڪري رهيو هئس. جنهن پنهنجي پيءُ کان ڪنهن ڳالهه تي ڪاوڙجي، پاڻ کي مٿي ۾ گولي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي آ. مان ڳوٺ ويو هئس، تنهن ڪري ڪيس ڏسي پيو اچان ...! اڙي

چريا اديب ....! سچ تہ ازل کان اپ تي لٽڪيل آهي، هو هن وقت ننڊ ڪرڻ ويندو آهي، جيئن باک ويلي تڪڙ ۾ اٿي سگهي....!”

اڻين چئي وقار اڌ ڊٿل پيت تان ٻل ڏنو ۽ اونداهيءَ جو حصو بڻجي ويو....! مون نظرون آڪاش طرف اڀيون ڪيون، جتي چنڊ ۽ سوين ستارا منهنجي ويڳاڻپ تي مسڪرائي رهيا هئا.....

*

## خواب جو پٽ!

شام جا پاڇا لڙي چڪا هئا. شام رات ڪي دعوت ڏيئي رهي هئي تہ اچ پنهنجي ڊيوٽي سنڀال تہ مان وڃي ٽڪ لاهيان.

سونو هر روز وانگر پنهنجن همر عمر ٻارن سان راند ڪيڏي رهيو هو. راند ئي راند ۾ هڪ ڇوڪرو سونوءَ جو پاسو لڳڻ ڪري هيٺ ڪري پيو. سونو ڪيس اٿارڻ لڳو تہ هن روئڻ شروع ڪيو. ڇوڪري جي روئڻ تي سندس ماءُ دڪان ٻاهر نڪري آئي ۽ ڪائنس پڇا ڪيائين ‘ڪنهن ماريو اٿئي؟’

هن سوني ڏي اشارو ڪندي چيو ‘سوني ماريو آهي.’

ڇوڪري جي ماءُ سونو کي دڙڪو ڏيندي پڇيو ‘سونو ڇو ماريو اٿئي هن کي؟!’

سونو نماڻي انداز ۾ ڪيس چيو:‘چاچي! مون ناهي ماريو، هي تہ پاڻ ڪريو آهي.

سونو جي چاچي ڇوڻ تي ڪيس ٻاهہ وٺي وئي. ‘مان ناهيان تنهنجي چاچي، ۽ مون کي چاچي نہ چوندو ڪر. تون حرامي آهين حرامي، خبر ناهي تہ ڪنهنجو ٻار آهين؟ اڳتي لاءِ اسان جي ڇوڪرن سان راند نہ ڪيڏجانءِ، نہ تہ برو حشر ڪندي سانءِ.’

هوءَ سوني کي حرامي جو طعنو هڻي پنهنجي پٽ کي وٺي گهر جي اندر هلي وئي. سونو مايوس ٿي ويو. پاڻ کي حرامي سمجهڻ لڳو. هو هاڻ ايترو بہ ننڍو نہ رهيو هو جو حرامي لفظ جي معنيٰ نہ سمجهي سگهي. سونو کي هرڪو حرامي سڏيندو هو.

پهرين دفعي جڏهن هن اسڪول ۾ قدم رکيو هو تہ ماستر جي پڇڻ تي هن پيءُ جو نالو نہ ٻڌايو هو. ماستر ڪيس چيو تہ ‘تون حرامي آهين ڇا!؟’ بس ان ڏينهن کان پوءِ هو اسڪول ئي ڪونہ ويو. هن ماءُ کان بہ پڇيو تہ مان ڪير آهيان، پر سندس ماءُ هر دفعي ٽارائي ويندي هئي. ڪيس ٻار بہ گهڻو تنگ ڪندا ها. هي حرامي آهي.

۽ اڄ ڳوٺ جي هڪ عورت جي واتان حرامي ٻڌي هو دير تائين روئڻ لڳو. سندس ڳوڙها اگهڻ وارو پرسان ڪير بہ نہ هيو. تنهن ڪري روئي روئي هٿن جي ترين سان پنهنجا ڳوڙها پاڻ اگهي گهر پهتو. ماڻهس ڪيس ماني ڏني.

'امان! مان ماني تڏهن کائيندس، جڏهن تون منهنجي سوال جو جواب ڏينديءَ!؟'

'ڇا ٿيو پٽ!؟'

'امان! منهنجو پيءُ ڪير آهي؟ مان ڪير آهيان!؟'

اوچتو پٽ جي اهڙي سوال تي سندس ماءُ جي چهري جو رنگ بدلجي ويو. سندس ماءُ خاموش رهي. 'امان! آخر تون ڇو نٿي ٻڌائين تہ آءٌ ڪير آهيان؟ مان ڪنهنجو خون آهيان. سڀ مون کان اهو ٿا پڇن. ڪنهن جو پٽ آهين؟ ڪير آهين؟ پر مون وٽ ڪو بہ جواب ڪونهي. سڀ مون کي حرامي چئي چيڙائين ٿا. جيڪڏهن تون ئي مون کي نہ ٻڌائيندينءَ تہ مان ڪنهن کان پڇا ڪيان! مون کي اها بہ خبر ناهي تہ منهنجي رڳن ۾ ڪنهنجو خون گردش ڪري رهيو آهي ....؟'

سوني جي اکين مان لڙڪ برسات وانگر وسي رهيا ها ۽ هو ڳالهائي بہ رهيو هو. هوڏانهن ان جي ماءُ رئي جي پاند سان منهن لڪائي روئيندي پٽ کي پرچايو پئي. 'پٽ! خدا جي واسطي روئڻ بند ڪر!'

'امان! روئڻ کان سواءِ مان ڇا تو ڪري سگهان؟ منهنجي قسمت ۾ ئي روئڻ لکيل آهي. آخر تون مون کي ڇو نہ ٿي ٻڌائين تہ منهنجو پيءُ ڪير آهي؟' سونو اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو.

'تون ڪنهن ٻئي جو نہ پر منهنجو خون آهين. تون منهنجي جان جو ٽڪرو آهين. تنهنجي رڳن ۾ ڪنهن ٻئي جو نہ پر منهنجو خون پيو ڊوڙي ....' ماڻهس روئيندي بہ رهي ۽ ڪيس پرچائيندي بہ رهي.

'ان وقت منهنجي عمر ڇاويهہ سال هئي. منهنجي لاءِ بہ رشتا آيا هئا، پر بابا انڪار ڪري ڇڏيو هو. سوچيندي هيس، خبر ناهي بابا ڪهڙي محل مون کي پنهنجي گهر رخصت ڪندو...؟!

اها ڊسمبر جي ڊگهي رات هئي. مان خواب ڏسي رهي هئس تہ منهنجي شادي ٿي رهي آهي. سڀ رسمون ادا ڪيون ويون. مون کي ڪنوار جيان سينگاريو ويو. مان ڏاڍي خوش هئس. هڪڙي مرد سان منهنجون لائون لهيون ويون. لائون لهڻ کان پوءِ سڀ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويا ۽ پوءِ ....!'

سندس ماءُ توري ساهہ پٽي وري ڪيس ٻڌائڻ لڳي: '۽ پوءِ ان مرد مون سان شادي جي آخري رسم ادا ڪئي. صبح سان مان جڏهن سجاڳ ٿيس تہ مون پاڻ کي تازو توانو محسوس ڪيو. وقت جو ڦيٿو پنهنجي رفتار سان هلڻ لڳو. چئن مهينن کان پوءِ منهنجو پيٽ وڌڻ لڳو. ان ڳالهہ کي منهنجي والدين پڻ نوٽ ڪيو. ۽ پوءِ تون منهنجي پيٽ ۾ چرڻ لڳين. مان هڪدم گهبرائجي ويس. ڏاڍي پريشان رهڻ لڳس. ڇو تہ مون کي حقيقت ۾ ڪنهن بہ مرد نہ ڇهيو هيو. خبر ناهي خدا مون کان ڪهڙو امتحان وٺي رهيو هو. گهر جا ڀاتي شڪ جي نظر سان مون کي ڏسڻ لڳا هئا ۽ تلخ لهجي ۾ ڳالهائڻ لڳا. خبر ناهي مون کان ڪهڙي خطا ٿي وئي، جو خدا مون کي اهڙي ڪيفيت ۾ اچي بيهاريو هو.

اوچتي هڪ ڏينهن منهنجي طبيعت خراب ٿي وئي. منهنجا والدين مون کي اسپتال ڪٺائي آيا. اتان کين خبر پئي تہ تون چند مهينن ۾ اچڻ وارو آهين. منهنجو ڪنڌ شرمندگيءَ سبب هيٺ جهڪي ويو. مون کي پنهنجي صفائيءَ ۾ چوڻ جو موقعو بہ نہ مليو. جيڪڏهن پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجهہ چوان بہ ها تہ ڇا چوان ها....؟ مان بيقصور آهيان.... مون اهڙو ڪو قدم ناهي کنيو. جيڪو

توهان سوچي رهيا آهيو. مون کي ڪنهن بہ مرد ناهي ڇهيو. ان وقت منهنجي اکين مان لڙڪ وڏڦڙي وانگر وسڻ لڳا.‘

سندس ماءُ ٿوري دير لاءِ چپ ٿي وئي. وري چوڻ لڳي: ’بابا  مون کي چوڻ لڳو تہ ڌيءَ! تو منهنجي پڳ جو ذرو بہ خيال نہ ڪيو.اهڙو قدم کڻڻ کان اڳ تو اهو بہ نہ سوچيو تہ ڳوٺ ۾ منهنجي ڪهڙي عزت رهندي. تو منهنجو ڪنڌ هميشہ لاءِ جهڪائي ڇڏيو. توکي پنهنجي ڌيءَ سڏيندي شرم اچي ٿو اڄ کان پوءِ اسان تنهنجي لاءِ مري ويا آهيون ۽ تون اسان لاءِ ...!زليخا ... او زليخا! تکڙ ڪر، دير پئي ٿيئي. بابا امانءِ کي سڏيندي چيو. امان بہ سامان گڏ ڪري بابا سان گڏ ويندي چيو: ’ڌيءَ تو اهو سنو ڪونہ ڪيو.

مان بابا ۽ امان کي وڃڻ کان روڪي بہ نہ سگهيس. امان ۽ بابا مون کي هميشہ لاءِ ڇڏي هليا ويا. ۽ مان پنهنجي قسمت تي ڳوڙها ڳاڙيندي رهيس.

چار مهينن کان پوءِ تو منهنجي گرڀ مان جنم ورتو. ذهن تي ان وقت اهو خيال آيو تہ توکي گهٽو ڏيئي ماري ڇڏيان، ڇو تہ تنهنجي ڪري مون پنهنجا والدين وڃايا. پر مون ائين نہ ڪيو، اهو سوچيندي تہ تون منهنجي پيريءَ ۾ منهنجو سهارو ٿيندين. مون کي خبر هئي تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن تون اهو سوال ضرور پڇندين، تہ منهنجو پيءُ ڪير آهي ؟

تنهنجي ڄمڻ وقت ماسي سيائي منهنجو خيال ڪندي رهي. هڪ سال کان پوءِ ماسي سيائي کي دل جو دورو پيو ۽ هوءَ الله وٽ وڃي پهتي ۽ مان اڪيلي ٿي ويس.  ان وقت منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ توکي ڪنهن جي در تي ڦٽو ڪري خودڪشي ڪري ڇڏيان. ڇو تہ تنهنجي ان سوال جو جواب مون وٽ ڪو نہ هيو. پر مون خودڪشي نہ ڪئي. سوچيم تہ مون کان پوءِ تنهنجو ڇا ٿيندو؟

پوءِ بہ مون همٿ نہ هاري، سلائي مشين هلائي توکي پالي تاتي  وڏو ڪيو. بس پٽ اها هئي منهنجي ڪهاڻي!‘

سندس ماءُ جي ڪهاڻي ٻڌي سونو روئي ڏنو. ’امان! ائين چئہ تہ مان خواب جو پٽ آهيان!”

’ها پٽ! تون منهنجي خواب جو پٽ آهين.‘

سونو اهو ٻڌي خوشي خوشي ماني کاڌي ۽ ننڊ ڪرڻ جي لاءِ ڪمري طرف هليو ويو.

پويان سندس ماءُ ٿڌو ساهہ ڀريندي پنهنجي منهن ڀڻڪي: ’ڪاش نديم تون مون سان دوکو نہ ڪري هان.... پنهنجو مطلب پورو ڪري مون کي ڇڏي نہ وڃين ها ... هاڻي مان سونو کي ڪيئن سمجهايان تہ تنهنجي ماءُ کان بہ غلطي ٿي آهي.‘ سوني جي ماءُ پنهنجا لڙڪ اگهي ڪم ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وئي. ان کان پوءِ سونو سمجهڻ لڳو هو تہ مان“ خواب جو پٽ ”آهيان.

*

## سفر ئي سفر ۾..!

اُپ تي سج جو گولو خبر ناهي ڪهڙي ڏوهه جي مليل سزا ۾ جليو پئي، پاڻ سان گڏ ڌرتي تي رهندڙ ساهوارن کي پڻ جلائي رهيو هو. ڌرتيءَ تي سج جا اوڳاڇيل ڪرڻا باهه جي چڻنگن کان گهٽ نه هئا، معمول مطابق وقت بانبڙا پائيندو وڌندڙ زندگيءَ جي پوائنٽن پلن کي مختصر ڪرڻ ۾ رڌل هو. هماليه جهڙن جبلن سان مهاڏو اٽڪائيندڙ انسان سج جي تپش سان سينو ساهيون پنهنجن ڪمن ۾ لڳا پيا هئا. گرميءَ سبب هر ڪنهن جي جسم جي پُورن منجهان نڪرندڙ پگهر سڪڻ جو نالو نه پئي ورتو، هو به پنهنجي پگهر ۾ وهنجڻ لڳو هو. نرڙ تي آيل پگهر جي ڦڙن کي ننڍي ڪپڙي جي ملائم رومال ۾ جذب ڪري کيسي جي اندر رکي ٿو ڇڏي، سندس منهن منجهان پر اميدي، مطمئن ۽ خوشيءَ جا عنصر بکيا پئي. ايتري ۾ ڪوچ به اچي اسٽاپ تي پنهنجو ٽڪ پچڻ لڳي.

ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو پنهنجا نيستا وجود ڪٽي ڪوچ مان لٿا. نه ڄاڻ ڪيتري دير تائين اها همدرد ڪوچ انهن ماڻهن جي بارَ کي پنهنجي پيٽ ۾ رکيو پئي آئي، هو به سامان سان پريل شاپر ڪٽي ماڻهن سان گڏجي ڪوچ تي چڙهيو، اي سيءَ مان نڪرندڙ ٿڌڙي هير جڏهن سندس جسم جي رڳن ۾ ڊوڙي ته ڪيس فرحت محسوس ٿي، ۽ پنهنجي 14 نمبر سيٽ کي ڳولڻ لڳو، ڪجهه سمي کان پوءِ سندس نظر 14 نمبر سيٽ تي اٽڪي، چار قدم هلي پنهنجي وجود جو بار سيٽ جي حوالي ڪيائين ۽ شاپر سيٽ جي هيٺان رکي ڇڏيائين. پرسان واري سيٽ تي هڪڙو ٿلهو شخص ويٺو هو، رنگ ڪٽڪائون، شهپر ۽ ڏاڙهيءَ جو نالو نشان سندس چهري تي نه هو. ڪارو چشمو سندس اکين کي لڪائي ڪنن تي چڙهيو ويٺو هئس. بوسڪي جي لباس ۾ ملبوس هو. هن جو مختصر جائزو وٺي ڪوچ ۾ ويٺل ٻين ماڻهن ڏي نهارڻ لڳو. ڪوچ مڪمل پرجي چڪي هئي، صرف هلڻ جي دير هئي. ڪجهه پلن کان پوءِ انتظار جون گهڙيون ختم ٿيون ۽ بس هلڻ لڳي، ان ٿلهي همراهه ڪنگهندي ڪائنس پڇيو:

“ادا توهان جي منزل ڪٿي آهي؟”

“لاڙڪاڻو.” هن نه چاهيندي به ڪيس جواب ڏنو.

“ آءٌ سيوهڻ شهر جو آهيان، ڪراچي ۾ اسان جا دڪان آهن. اوهان ڇا ڪندا آهيو؟”

“مان هتي هڪ فيڪٽري ۾ ڪم ڪندو آهيان. 15 ڏينهن جي موڪل وٺي گهر پيو وڃان.”

هن جي جواب ڏيڻ جو لهجو ڪجهه تلخ هيو، اهو ٿلهو همراهه سمجهي ويو هو ته سندس سوالن کان هو تنگ پيو ٿئي، تنهن ڪري ماٺ جي مقبري ۾ پاڻ کي پوري ڇڏيائين.

ڪوچ تتل روڊ تي ڊوڙي رهي هئي، مسافر پوئتي ڊڪندڙ نظارا پسڻ لڳا ها. سيٽ کي گيئر جي مدد سان ڪجهه پٺاري اکيون ٻوٽي ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

اڌ ڪلاڪ گذرڻ کان پوءِ سوني ريڪسن موبائيل سيٽ جي تيز رنگ سندس ڪن ۾ داخل ٿي. نتيجي ۾ سندس اکيون بيزاريءَ وچان کليون، هن محسوس ڪيو ته اها رنگ سندس پرسان ويٺل

شخص جي ڪيسي منجهان اچي رهي آهي. دريءَ مان ڏٺائين ته گاڏي ڪراچي جي شهر مان ٻاهر نڪري چڪي آهي. تلهو همراهه موبائل فون ڪڍي ڪن تي رکي ڳالهائڻ لڳو هو. ڳالهائڻ مان هن کي ائين محسوس ٿيو ته هو ڪنهن شازيه نالي ڇوڪريءَ سان ڳالهائي رهيو آهي. ڳالهائڻ جي شروعات هن واپس موٽڻ سان ڪئي. هن پنهنجي ڪم متعلق ٻڌائڻ تي ڇيس، "تنهنجي محبت جي پوچا ڪرڻ ڪان مون کي فرصت ئي ڪٿي هئي جو منهنجي دل ڪنهن ڪم سان لڳي ها ...!"

ان ڪان پوءِ ڳالهائڻ جو رخ موسم طرف لڙيو، پيار، محبت ۽ عشق جي موضوع تي ٻي ٻاڪيءَ سان ڳالهائڻ لڳو. ان همراهه جي زبان مان نڪتل رومانس جا جملا هن جي دل جي تارن کي ڇيڙڻ لڳا. هو انجواءِ ڪرڻ لڳو هو. هلندي هلندي هن جي تفريح تڏهن ختم ٿي. جڏهن همراهه جو اهو جملو سندس ڪنن ۾ گونجيو. "ٺيڪ آهي مان سيوهڻ پهچي فون ڪندس ٻاءِ."

هو دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳو، "واهه جو خوش نصيب ماڻهو آهي، موبائل فون تي ڇوڪري سيٽ ڪئي اٿائين...!" اڪيون ٻوٽي ٻيهر ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ويهه منٽ گذرڻ ڪان پوءِ ان همراهه جي موبائل جي وري رنگ وڳي. اڪين کي ننڊ ڪرڻ جي تاڪيد ڏئي، ڪنن کي ٻڌڻ جي لاءِ کڙو ڪيائين. هن دفعي همراهه جي ڳالهائڻ مان اهو اندازو لڳائين ته شايد ٻاءِ اٿس، جنهن کي چيائين پئي، "بس ۾ آهيان ٻن اڍائي ڪلاڪن ۾ سيوهڻ پهچي ويندس."

سندس اڪيون ايئن ٻوٽيل هيون، ڄڻ ننڊ جي ديوي هن جي مٿان ڪجهه حد ڪان وڌيڪ مهربان هئي پر سندس ڪن هيڏانهن هوڏانهن آوارگي ڪرڻ ۾ رڌل هئا.گاڏي روڊ جي سيني تي تيزيءَ سان هلي رهي هئي، تقريبن اڌ ڪلاڪ گذرڻ ڪان پوءِ ٻيهر فون جي رنگ وڳس ته اڪيون کولي ڪن ٻه کڙا ڪيائين. هن جي ڪنن جي پردي کي چيريندي ان همراهه جو مڌم لهجي ۾ چيل جملو، سندس ذهن جي رڳن کي ڏونداڙي چڏي ٿو.

"تنهنجي امرت ڪان منڙي آواز کي ڪيئن ٿو وساري سگهان عنبرين ..!"

ڳالهيون هلنديون رهيون، هو ٻڌندو رهيو، ان همراهه جو چيل هڪ ٻيو جملو هن جي دل تي چيچي ويو."هن بيرحم سماج اسان کي جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ان ۾ هو عارضيءَ طور تي ڪامياب ٿيو، پر هاڻي مان بيرحم سماج کي سبق سيکارڻ جي لاءِ اچي رهيو آهيان، هاڻي سماج يا قسمت ته ڇا پر اسان کي ڪير ٻه جدا نه ٿو ڪري سگهي.

"ائين ٿيندو جان .... ٻڌ تون انتظار جا ڪجهه پل ڪٽ، ڇاڪاڻ ته آءٌ رستي ۾ آهيان، توکي وڌيڪ انتظار جي ٻاهه ۾ جلڻ ڪونه ڏيندس، ٻاءِ."

هو سوچڻ لڳو، "وڏي چالو قسم جو ماڻهو آهي،اسان هڪڙي هٿ ۾ هڪڙو گدرو مس ٿا ڪڻون پر هو هڪڙي هٿ ۾ ٻه ٻه گدرا..... توبهه .....!!"

گاڏي اچي ڄامر شوري ۾ بيٺي. چار پنج هوڪيئڙا گاڏي تي چڙهي، هوڪا ڏيڻ لڳا. "بوتل، برگر، جوس، وغيره وغيره" ڪي مسافر وٺي نوش ڪرڻ لڳا، ۽ ڪي وري نه ..... 20 منٽن ڪان پوءِ گاڏي وري نئين سر هلڻ لڳي. گاڏي کي هلندي اڃا 10 منٽ مس ٿيا، ته همراهه جي موبائل جي رنگ وڳي ته هو پٽڪڻ لڳو، "هن جي موبائل مونکي ننڊ ڪرڻ ڪونه ڏيندي."

"هيلو..؟"

"ڪير...؟"

"نجمه..؟"

ٽئين ڇوڪريءَ جو نالو ٻڌي ازخود هن جي زبان منجهان "هل پيٽسان" لفظ نڪري ويو. شايد ان ٿلهي همراهه هن جي زبان مان نڪتل لفظ نه ٻڌو هجي. اڪيون حيرت وچان کلي ويس، همراهه

موبائل فون تي ڳالهائڻ ۾ اونڌو لڳو پيو هو. هن هيڏانهن هوڏانهن نظر ڊوڙائي، گهٽ ئي مسافرن جي نظرن جو هو مرڪز بڻيل هو، هن سان به پيار جون پياريون ڳالهيون ڳالهائڻ کان پوءِ اگهاڙين ڳالهين تائين پهچي ويو. هو دل ۾ سوچڻ لڳو" ڪيڏو نه ڪميڻو انسان آهي، لباس سان ڍڪيل لفظن کي ڪيئن ٿو ننگو ڪري. جيڪڏهن وس پڄيس ته موبائل فون تي ڇوڪريءَ سان ......" نڪ تي اشهد آڱر رکي وات ۾ وجهي توبهه توبهه ڪرڻ لڳو، هڪ اعتراض جوڳي ڳالهه سان ڪال کي ختم ڪري ڇڏيائين. جيڪا هتي بيان نه ٿي ڪري سگهجي. غصي وچان اڪيون بند ڪري ڇڏي.

سيوهڻ تائين ٽن پين ڇوڪرين جون فونون آيس، انهن ڪالن ۾ به اهي ئي موضوع ڇڙيا، حال _ احوال.... موسم، رومانس کان پوءِ اگهاڙن جملن تائين ... جيئن گاڏي سيوهڻ شهر جي اسٽاپ تي بيٺي، ته هو تڪڙ ۾ اٿي هيٺ لهي ويو. هن اکيون کوليون، جنهن منجهان ٽاندا ٻريا پئي، مسافر ماني وغيره کائڻ جي لاءِ هيٺ لهڻ لڳا، هو به اٿيو اوچتو هن جي نظر سيٽ جي پرسان هيٺ ان همراهه جي سوني ريڪسن موبائل تي پئي، جيڪا تڪڙ ۾ لهڻ ڪري سندس کيسي مان ڪري پئي هئي. غير ارادي طور هن جا هٿ موبائل طرف کڄيا. ٻئي لمحي موبائل سندس هٿ ۾ هئي ۽ اکيون موبائل جي اسڪرين تي in active sim ۽ الارم جي گهنٽي ڇپيل ڏسي ڇرڪي ٿو پئي. اڙ خود واتان نڪري ٿو وڃيس: "هل پٽسان ....!"

*

## زندگيءَ جي پي تصوير

سينٽرل جيل جي ڪوليءَ جو لوهي دروازو ڪنهن بيمار جي ڏکي دانهن وانگر دانهيندي کليو. صبح صبح سان پوليس اهلڪار هڪڙي مجرم کي وارن کان پڪڙي ڪوليءَ اندر ڌڪو ڏيئي، ڪوليءَ جو لوهي در بند ڪري ڇڏي ٿو. ڪوليءَ ۾ ويٺل قيدي نئين آيل قيديءَ جو جائزو وٺن ٿا. چهرو ڪٽڪائون، ناسون ڦونڊاريل، ننڍڙي عمر ۾ گهاٽا شهپر، وڏا وار گهنڊيدار ۽ ميرا ڪپڙا ليڙ ليڙ ....! پر سندس چهري تي مايوسيءَ بدران مرڪ هئي. جنهن ڪوليءَ ۾ ويٺل قيدين کي سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ٻيا قيدي ڪيس اچرج وچان گهوري رهيا هئا پر هو بي فڪرو ٿي لت ڏيئي فرش تي سمهي ٿو پئي....!

ڪجهه ڪلاڪ گذرڻ کان پوءِ هو هڪ ڏکي اوٻاسي ڏئي ننڊاکڙا نيڻ کڻي اٿي ٿو. سندس چهري تي اڃا به مرڪ وکريل ڏسي هڪڙو قيدي سندس پرسان اچي پڇيس ٿو.

“مون کي جيل ۾ گهاريندي ٻه ٽي سال گذري چڪا آهن، مون هر اينڊڙ شخص جي ڇهري جو پنو ڦاٽل ڏٺو آهي، پر تون اهو پهريون شخص آهين جنهن جي ڇهري تي مون مرڪ ڏٺي آهي. ان مرڪ پٺيان ڪهڙي ڪربلا آهي ...!؟”
پراڻي قيدي جي ڳالهه ٻڌي، ڇهري تان مرڪ وارو پکي اڏامي وڃيس ٿو. پرسان ويٺل ٻيا قيدي به هن طرف ڪنائڻ لڳن ٿا. هو پنهنجو درديلو آواز اوڳاڇيندي چئي ٿو.
“جڏهن سمجهه سنڀاليو هئم ته مٽي تي گهر جي ڇت بدران ٻاهه جا الا اڇلائيندڙ سج ئي ڏٺو هئم.....! نه پيءُ هيو نه ماءُ .... نه مت مائٽ جي خبر....! صرف وڇونءَ جيان ڏنگيندڙ تنهائي هئي. ڏينهن جو رُلندو ٻين جون ٽُڪون چٽيندو هوس ۽ رات جو ڪنهن ڪتي جيان ڪنهن به سڙڪ يا ڦٽ پاٿ تي ڪري پوندو هوس ....!”
ڳلن تائين لڙي آيل لڙڪن کي هٿن سان مهٽي ٻيهر چوڻ لڳي ٿو.
“بک جي باهه کي اجهائڻ لاءِ شهر جي ڊسٽ بن جو ڊڪ ڪولي ڦلهورٽو پوندو هو. نه بس....! ايتري قدر جو ماني ڳڀي لاءِ ڪڏهن ڪنهن جي در تي ٻيهي صدا به هٽٽي پوندي هئي. زندگي دوزخ جيان هئي، ماءُ پيءُ جهڙن رشتن ۾ ڪهڙي خوشبوءِ سمايل هوندي آهي سا به خبر نه اٿم ...! (اڪيون لڙڪن جي ياڪر ۾) ڪلهه شام هڪڙي باگڙيءَ ڇوڪريءَ چيو، “تنهنجي زندگيءَ کان ته جيل ۾ رهندڙ قيدين جي زندگي به سٺي آهي. انهن کي اُس کان بچڻ لاءِ ڇت ۽ وقت تي ٻن ويلن جي ماني ته ملندي آهي...!”
ان ڪاري باگڙياڻيءَ ته منهنجي زندگيءَ تي طنز ڪئي هئي، پر آءٌ سندس ان ڳالهه جي گهرائي ۾ لهي ويس ۽ هڪ اٽل فيصلو ڪيم....!
زندگيءَ جي رولاڪين ۾ جيڪي ڏکا ٿاٻا مليا، عزت نفس مجروح ٿيو. گند جي ڍير تي اڇلايل پاروٽا ڇانور ڪائي ڪائي، دل به شيشي جيان ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي هئي. ذلتن جي زندگيءَ مان فراريت جو گس اپنائيندي...! ڏينهن ڏٺي جو پوليس جي اڳيان هڪڙي بي قصور جي مٿي تي خالي بوتل ڀڃي ڇڏيم. راڙو ٿيو، گوڙ ٿي پوليس سجاڳ ٿي. ان شخص جي ڇهري کي رت سان ڳاڙهو ڏسي مون کي پڪڙي ورتائون ....!”
ڪوليءَ جو لوهي درُ جلترنگ جا سُر پکيڙيندي کُليو ته هن جي ڇپن کي ماٺ جي مهر لڳي وئي.
قيدين ۾ ماني ورهائي پئي وئي ....! هُو مرڪيو
۽ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڏؤ تي ماني کائي، ٻيهر لت ڏيئي سمهي پيو!

*

## 420 تي 840

صبح جو ڳوٺ مان نڪري، ڊورن وانگر وياڪل وياڪل منهن تي ڇنبڙيل اداسين جا ڇچڙ ڪنيون، شهر جي پلصراط ٻٽيل گسن تي رُلندي رُلندي، مان ڳاڙهي بازار جي منڊ تي پهچي ويم. هڪدم سراپجي ويم ته هتي ڪيئن پهچي ويو آهيان؟ ڪٿي پوليس جي نه ور چڙهي وڃان ..... هوڏانهن هيڏانهن نظر ڊوڙايم ته ڪو به سپاهي نظر نه آيو. پر ڪي حسين جل پريون ضرور نظر

آيون. سامهون ڪُڪڙ جا سيڪيل پيس هجن ۽ بکي دل سرڪي نه؟ اهو ممڪن نه هيو. ان ارادي سان اڳتي وڌيس ته اڇ جسم تي چڙهيل پراڻي مٽيءَ جي دز ڪي، رنگين بازار جي هلندڙ شاور ۾ وهنجي لاهجي ۽ ڪجهه پل سڪون ماڻجي!

جلدي جلدي کيسي ۾ هٿ وجهي، پنهنجي مالي حالت معلوم ڪرڻ چاهيم ته اتان صرف هڪڙو پنج روپين جو سڪو ٻاهر نڪتو. آڙي ٻيا پيسا ڪاڏي ويا!؟ ....ٻي کيسي ۾ هٿ هنيو ته سڄي ٻانهن کيسي ۾ هلي وئي....! اف! ڪو ٻچڻي ڪم لاهي ويو ...... پنهنجي اهڙي ڪريل شخصيت ڏسي سڄاڳ ٿيل جذبا وڇونءَ وانگر ڏنگڻ لڳا. سوچيم ته ڇا ڪيان؟ هي پنج روپيا ته ڪنهن ٻه ڪم جا ناهن! باهه ٺارڻ به ضروري آ....! ته ڳوٺ ورڻ به ....!

سامهون نوان نوان رنگ ڏسي، انگ انگ ۾ تي باهه ٻريم ... ڪيئن هن باهه کي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي وسائڻ جي ڪوشش ڪيان....؟" بيقراري وڌڻ لڳي تي.... تڙپڻ ۽ لڇڻ لڳم ... ته اوچتو ذهن ۾ هڪ ترڪيب سُجهي آيم. چهري تي خوشيءَ جا بادل رقص ڪرڻ لڳا. کيسي مان پنج روپين جو سڪو ڪڍي هڪڙي "پي سي او" تي اچي، سامهون پيل ڪريڊل تان رسيور کڻي پنهنجي هڪڙي عياش شهري دوست "عابد" جو موبائل نمبر ڊائل ڪرڻ لڳم.

"هيلو؟"

"عابد .... مان تو ڳالهايان ... ساجد."

"ها .. ساجد .. ڇا حال آ...؟"

"يار حال وري ڪهڙا ٿو پڇين؟ منهنجو وجود جلي رهيو آهي!"

"ڇو؟ ڇا ٿيو اٿئي؟"

"يار.. ڏاڍو جنسي تپ چڙهي ويو آ...! انگ انگ ٿو ولوڙجي، ائين ٿو لڳي ڄڻ منهنجي جسم تي ڪنهن گاسليٽ هاري تيلي ڏيئي ڇڏي آهي...! مان مهراڻ هوٽل جي سامهون واري ڳاڙهي بزار پرسان بيٺو آهيان، جلدي اچ.... منهنجو بلو ڪر... ڪيسو ڪٽڪي ويو آهي .... هٿ ۾ ٽڪو به ڪونهي...!"

"يار توکي ته خبر آهي، هفتو ٿي ويو آ، جو منهنجي زال مون کان ڪنهن بيوفا سريت وانگر رٺل آهي.... جي مون وٽ ٽڪو هجي ها ته مان سڄي هفتي جو چڙهيل زنگ پنهنجي وجود تان نه لاهيان ها ....؟"

مون کي منهنجو جواب ملي ويو هو، تنهن ڪري رسيور ڪريڊل تي رکي "پي سي او" واري کي پنجن رپين وارو سڪو پڪڙائي واپس رنگين بازار جي سامهون اچي دل کي ڏڍ ڏيڻ لڳم. سوچيم اندر هلي سونهن سان ئي پسار ڪجي! من ڪجهه دل وندري وڃي.

اندر گهريم ته حسن جو ويتر حملو ٿيو ته من ۾ ڌماڪا ٿيڻ لڳا! ائين پئي ڀاينم ته سڄي ملڪ جون حسنا ڪيون هتي اچي ويون آهن. سندرتائن جون لهرون ڏسي من سوڳوار ٿيڻ لڳو ته "مان ڇو نه؟"

سهڻا منظر پسڻ دوران درن تي بيٺل نازنيون هڪ مٺي مرڪ اربي اک جي اشاري سان پاڻ طرف سڏڻ لڳيون ...!! پر انهن حسينائن کي ڪهڙي خبر ته منهنجي کيسي ۾ ناڻي جو نالو ئي ڪونهي! تنهن ڪري مون انهن جي هر مٺي مرڪ ۽ هر اشاري مان لطف وٺندي، پاڻ کي باهه ۾ ٻرندو محسوس پئي ڪيو.

جيئن جيئن حسن ڏسڻ لڳو هئس تيئن تيئن منهنجا جوان جذبا ويتر ڪر موڙي اٿڻ لڳا هئا... پيرن جي نهن کان وٺي مٿي جي وارن تائين سڄو جسم سڙي رهيو هو. صبر جو پيمانو ڦاٽڻ لڳو هو!

سوچيم تہ ڪنهن هڪڙيءَ کي زور سان ڀڪ هڻي ڪمري ۾ ڏڪو ڏيئي در جو ڪڙو چاڙهي ڇڏيان ...! پوءِ ڀلي ڪٽي زوري جي الزام ۾ جيل ۾ وڃهن ....
پر افسوس ...... ائين نٿي ڪري سگهيس...! حسن جي آڏو جڏهن شائستگيءَ سان شڪست مڃيم تہ پنهنجا سڙي رک ٿي ويل جذبن جو ڪانڌي بڻجي واپس هلڻ لڳس...!
اچانڪ هڪڙي در کلڻ جو آواز اڀريو.... لاشعوري طور منهنجون نظرون اوڏانهن کڃي ويون. ان در مان هڪڙي نازنين سان عابد کي ٻاهر نڪرندي ڏٺم تہ مون کي هڪڙو زوردار جهٽڪو لڳو... ۽ هن جڏهن مون کي پنهنجي سامهون ڏٺو تہ سندس اکيون بہ هيٺ جهڪي ويون....!

٭

## ڪچا رنگ دوستيءَ جا

'وسيم ...!؟'
'هون ...'
'پريشان آهين؟'
'نہ تہ'
'تنهنجو چهرو ٻُڌائي پيو ...'
'ڇا؟'
'تہ تون پريشان آهين.'
'ايئن ئي سمجهہ.'
'ڇو پريشان آهين؟'
'بس ائين ئي ...'
'ائين وري ڪيئن؟'
......................
'نہ ٻُڌائيندين؟'
'ڇا؟'
'تہ تون پريشان ڇو آهين!؟'
'هڪ مسئلو آهي ...'
'ڪهڙو؟'
'ٻڌائڻ فرض آهي ...؟!'
'ها ...'
'فائدو؟'
'ڇا خبر مان تنهنجو مسئلو حل ڪيان!'

’نہ ڪري سگهندين!‘
’ڇا خبر....؟‘
’...............‘
’تنهنجو اداس چهرو مون کان ڏٺو نہ ٿو وڃي!‘
’برداشت ڪرڻ جو مادو رکندو ڪر‘
’تون منهنجو دوست آهين‘
’دوست لفظ جي معنيٰ کان واقف آهين!؟‘
’ها ...!‘
’ٻڌاءِ ...!‘
’ڏکئي وقت ۾ ڪم ايندڙ.... ڏک سک ۾ ساٿ ڏيندڙ....
سندس مسئلاءِ تڪليفون دور ڪندڙ.....
هاڻ تون ٻڌاءِ....‘
’ڇا...؟‘
’پنهنجو مسئلو...‘
’ٻڌڻ جي سگهہ اٿئي؟‘
’ها...
’نہ ٻڌي سگهندين ...!‘
’آزمائي ڏس‘
’ٺيڪ آهي ٻڌايانءِ ٿو..‘
’................‘
’چُپ ڇو ٿي وئين؟‘
’مون کي ٿي ويو آهي‘
’ڇا؟‘
’ماڻهن کي ڇا ٿيندو آهي؟‘
’سڀ ڪجهہ...!‘
’هڪ خاص ٿيندو آهي‘
’ڇا؟‘
’پيار....‘
’سچ....‘
’ها....‘
’ڪنهن سان....؟‘
ڳوٺ جي ڇوڪري آهي‘
’اها تہ سٺي ڳالهہ آهي‘
’ڪيئن!؟‘
’تو جهڙو سلجهيل، پڙهيل پيو ڳوٺ ۾ ڪير بہ ناهي‘
’اهو تہ تون ٿو چوين نہ...
’مان ڇا، سچو ڳوٺ چوندو ....

اها ڇوڪري ته ياڳن واري آهي ...
ڇا اُها به توسان پيار ڪري ٿي؟‘
’ها ...‘
’پوءِ ته بس پيو ڇا گهرجئي!؟‘
’ڇا مطلب؟‘
’سياڻي ڇاڇا ۽ ڇاڇي وارن کي ڇئي، سندس رشتو گهُر!‘
’اُهي سگ نه ڏيندا‘
”ڇو نه ڏيندا!؟‘
تون ڇوڪريءَ جو اتو پتو ٻڌاءِ، مان وچي تو ساڻ ڳالهايان.‘
’اها ڇوڪري ....
’ها ... ها ... ٻڌاءِ!‘
’اها ڇوڪري تنهنجي ننڍي ڀيڻ آهي ....‘
’ڇا ؟‘
’.........‘
’وسيم! تون دوکي باز ۽ حرامي آهين.
تون دوست تي دوست جي ڀيڻ ۾ نظر وڌي آهي ....‘
’منهنجي ڳالهه ته ٻڌ نه ...
’هاڻ ٻڌڻ لاءِ باقي ڇا رهيو آهي ....!؟‘
’تون دوستيءَ جي نانوَ تي ڪارو داغ آهين ....!
اڄ کان پوءِ مون سان ملڻ جي ڪوشش نه ڪجانءِ ....!‘
’منصور .....! منصور .....! ٻڌ ته ....
(۽ هُو سَڏ ڪندو رهجي ٿو وڃي.)

❋

## هوءَ به هن جيان ...!

فون جي رنگ
”ڇا حال آ ...؟“
” ڪيترا ڀيرا توکي جهليو اٿم !“
”ڇا جي لئه ...؟“
”اهو ئي ته مون کان حال ڀڇا نه ڪندي ڪر ...!“
”مون به ته ڪيترا ڀيرا توکان ڀڇا ڪئي آ ...پر ڇو ؟“

“هاڻي مان توکي ڪيئن ٻڌايان ته منهنجا حال تو بنا بي سري تال جيان آهن ....!”
“وري شروع ٿي وئين ...؟”
“تون ڳالهائين ۽ مان شروع نه ٿيان ...؟”
“ڇڏ مذاق کي ٻڌاءِ ڇا پيو ڪرين ؟”
“سهي سهي ٻڌايانءِ ....؟”
“ها ٻڌاءِ ...!”
“اکين سان عياشي پيو ڪريان....!”
“ڇا مطلب ؟”
“مطلب ته .... تنهنجي ڇهري جهڙو خوبصورت عڪس هن وقت منهنجي نيڻ نهار اڳيان آهي.”
“ڇا .......؟؟” ڏکهي رڙ
“..........”
“ٻڌاءِ ڪير آ ...؟ نه ته هن سان گڏ تنهنجو حشر به برو ڪنديس ...!”
“ائين ڪئين ٻڌائيندس .... ڪجهه تڙپ ته ڪل پوئيه !”
“ٻڌاءِ نه ته ....؟”
“نه ته ڇا ڪندينءَ ....؟؟”
“الا ناراض ٿي وينديسانءِ ....!”
“پل ٿي .... مون کي پرچائڻ نه ٿو اچي ڇا ...؟”
“نه پرچينديسانءِ ...!”
“ڌمڪيون ڪنهن ٻئي کي ڏي .... مان تنهنجي رڳ رڳ کان واقف آهيان !”
“ڇو ٿو تڙپائين ايڏو ......؟؟”
“جيئن توکي به خبر پوي ...! ٿي ٿي ڏينهن پنهنجي آواز لاءِ سڪائيندي آهين....! ڪيترو تڙپندو هئس .... لڇندو هئس .... هاڻي خبر پوي ٿي نه ....! ڪنهنجي دل تڙپائڻ سان ماڻهو ڪيڏو پوڳي ٿو؟”
“بدلو پيو وٺين .....؟”
“نه .... احساس ٿو ڏياريانءِ ...!”
“ڪنهنجي جي دل کي ٽڪرا ٽڪرا ڪندي ... احساس ڏياربو آ ...؟”
“ها شايد ....!!”
“مطلب ته نه ٻڌائيندين .....؟”
“ٻڌائيندس ... پر هڪڙي شرط تي ....!”
“ڪهڙي شرط ...؟”
“منهي ڏي ...!”
“مارائيندين ڇا ....؟”
“ڇو ؟”
“عشق جي مريض کي مناڻ ڏيڻ لاپائتو ناهي ...!”
“مطلب ته نٿي ٻڌٽو ... جو هن وقت منهنجي سامهون ڪير آ ...؟”
“ٻڌٽو آ ....!”
“پوءِ اداڪاري ڇو پئي ڪرين ....؟”

“ها هي وٺ ..... (چُميءَ جو آواز) .... بس ...؟؟”
“هڪڙي ٻي ٻه .....!!”
“او هلو .... مان اهڙي ٽائيپ جي ڇوڪري ناهيان ....!”
“ته پوءِ ڪهڙي ٽائيپ جي ڇوڪري آن ....؟”
“ڳالهه نه ڦيراءِ ..... ڳالهه نه ڦيراءِ .... ٻڌاءِ ڪير آ تنهنجي سامهون ڇنگهون نه پيچي ڇڏيانس ....!”
“جيڪڏهن وڙهنديس ته نه ٻڌائينديس ...!”
“نه نه ... نه وڙهنديسانس .....! تون ٻڌاءِ ....!”
“عيد جو چنڊ”.
رڙ
ٺهڪ ...

***

## ٽڪرا ٽي ويل خوابن جو گنهگار

رات جي جهوليءَ ۾ سانت جي سڏڪن جو پڙلاءُ ڪائنات کي ياڪي پائي رهيو هو. پتڪيل ننڊ نيڻن ۾ پنهنجي لاءِ پناهه ڳولي ورتي هئي. تنهن ڪري ماڻهو ڪنهن لاش جيان ڪفن ۾ سٽل هئا. هوائن جي سرگوشيءَ سان گڏ هڪڙي ٻي سرگوشي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.
“هيڏي اچ ..... منهنجي پرسان سُمهه.
“مان پنهنجي پٽ سان سمهي پئي آهيان، تو وٽ ڇو اچان...؟”
“اچ ته بنجر ٿيل زمين تي ڪجهه مينهن وسايون ....!”
“نه ... مان نه اينديس ... تون سدائين منهنجي احساسن جو خون ڪندو آهين ....!”
“ائين ڇو ٿي چوين .... سچي حياتي مون ڪان پري گذاريندينءَ ڇا..؟”
“ها ... جيستائين تون منهنجي جذبن ڪي پروڙي نه تو سگهين....!”
“اندر ته هزارين جذبا، اڌما دفن ٿيل هوندا آهن، تون ڪهڙي جذبي جي ڳالهه پئي ڪرين ...؟”
“تون منهنجي ان جذبي ۽ خواب کان آشنا آهين...!”
“مون کي ياد نٿو پوي .
“توهان سڀ مرد اهڙا ئي هوندا آهيو....! معصوم نارين جي دلين ۾ اڀري آيل خواهشن جي گلن کي هٿن ۾ مروڙي ڇڏيندا آهيو...!”
“هاڻ اهي ڊائيلاگ ڇڏ ٻه ڪٽي، ٿيو ڇاهي ...!”
“مون جو توهان کي چيو هو ته ڏاڙهي لهرائجو ...؟”
“تون منهنجي ڏاڙهي جي پويان ڇو پئي آهين ...!؟’
“مون کي نٿي وڻي نه .... ماڻهو سهڻو ....

”ڏس ... اها ڳالهه آهي ته سياڻي ئي لهرائيندس ...‘
”نسورو ڪوڙ .... پرئين به ائين ئي چيو هيئه !“
”سچي ڳالهه ئي وسري وئي هئي. اڄ اڄ نه ... تڙپاءِ نه .... اندر جي دوزخ کي ڪجهه ٺاريون ...!“
”مان نه ايندس ...!“ مُنهن موڙي ٻارڪي مٺي ڏيئي ٿي.
”پڪو واعدو ٿو ڪيان ، سياڻي ڏاڙهي لهرائيندس.... هاڻ ته اڄ نه ....!“
”ڪوڙو واعدو ڪري پنهنجو مطلب پورو ڪري ويندو آهين... اڄ کان پوءِ مان تنهنجي انهن ڪوڙن واعدن ۾ ڦاسڻ واري ناهيان...!“
”نه قسم سان هي سچو ءِ پڪو واعدو آهي.....! سياڻي ڏاڙهيءَ کي ضرور خودڪشي ڪرائيندس..! قسم سان انگ انگ ٿو آڳ ۾ ولوڙجي..... تڪڙ ڪرات ...!“
عورت پنهنجن چپن تي ماٺ جو تالو ڏئي ڇڏي ٿي.
”ايندينءَ نه ... ؟“ لهجي ۾ تيزي.
”هون ... ها .... پر ....
”پر ڇا .... ؟“
”تون واعدو ڪر ته سياڻي ڏاڙهي لهرائيندين ...؟“
”واعدو ته اڳ ۾ به ڪري چڪو آهيان ..... هل ٺيڪ آ .....پيهر به واعدو ٿو ڪيان ..... بس تون خوش .....!“
”جيڪڏهن سياڻي به ڏاڙهي نه نهرائين ته .....؟“
”پوءِ ڳڌ نه سمجهاڻءِ ....!“
”هل ٺيڪ آ ....!“ عورت جي چهري تي فاتحانه مرڪ.
پنهنجي پٽ جي پر مان اٿي، سندس ڪٽ تي اچي پاڻ آهلي ٿي پئي.
برهه جي باهه ٻنهي وجودن مان ڀڙڪي اٿي....! سڙندي سڙندي ٻئي ٺڏا ٿي ويا. عورت سندس ڪٽ تان لهي ٻئي ڪٽ تي ستل پنهنجي ننڍڙي پٽ جي پرسان وڃي سمهي ٿي.
مرد ٺڏا ساهه پريندي آڪاش طرف نهاري سوچي ٿو.
”ڪيترو ته خراب آهيان مان ...! واعدو وچن ڪري .... مطلب تي اسهڻ کان پوءِ ....اهو واعدو وساري ڇڏيندو آهيان ...! ايتريقدر جو .... هن جي خوابن کي ٽڪرن ۾ وکيري ٿو ڇڏيان ....!
پر هوءَ به ته نٿي سمجهي ... هڪ مذهبي ماڻهو پنهنجي مذهبي ڳالهين کان منهن موڙي منافقت نه ٿو ڪري سگهي ....!
خبر ناهي ...... سياڻي هوءَ ايندي به الاءِ نه ....!
يا روز جيان ڪوڙي واعدي جو گناهه ڪرڻو پوندو .....؟!“

*

## شڪ جو ڪنڊو

قدم قدم سان ملائيندو آفيس طرف هلندو تو رهي. ڪجھ وقت اڳ ڪجھ گھڙيون هو پنهنجي زال سان گذاري آيو هو. چهري تي مرڪن جا گل وڪريل هئس. ذهن ۾ ڳيرو زال جي ساهن جي وٽندڙ خوشبوءِ اوتيل هئڻ ڪري هوائن ۾ به ڪيس خوشبو ئي خوشبو پئي محسوس ٿيئي. ساٿس گذاريل پل شدت سان ياد اچڻ ڪري دل ٻيهر ملڻ لاءِ بيتاب ٿيڻ لڳس. گهٽن ڏينهن کان پوءِ جو هوءَ پيڪين کان آئي هئي. هن تي مدهوشي ۾ خمار چڙهيل هيا.

ڪيسي منجهان موبائل فون ڪڍي سندس نمبر ملائي تو. ڪجھ سيڪينڊن کان پوءِ اسڪرين تي مطلوبہ نمبر بزي لکجي آيو. ڪجھ پل ترسي ٻيهر نمبر ڊائل ڪري تو .... پر هاڻ بہ ساڳي ڪار...!

"ڪنهن سان تي ڳالهائي ...؟" ڀڙڪي تو.

چهري تان مرڪن جا گل اڏامڻ لڳس. هڪ ڀيرو ٻيهر نمبر ڊائل ڪري تو .... پر هن ڀيري بہ ساڳيو ڳن ساڳي ڪهاڙي ......!

دماغ تان عشق لهي ويس. چهرو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو.

قدمن جو وچڙڻ ، ذهن ۾ انتشار سوچون.

"منهنجي زال .... منهنجي .... ٻئي ڪنهن سان ... فون تي ....!؟ نہ ... نہ ... ائين نٿو تي سگهي ....! تي بہ سگهي تو ...! ايتري دير تائين ڳالهائي ڪنهن سان تي ...؟"

هو ٻيهر نمبر ڊائل ڪري تو.... موبائل جي اسڪرين تي نمبر بزي لکجي اچي تو.

ڪاوڙ جا پاڇا وجنس ٿا چهري تي ڏکڻا ٿيندا.

"هن جو ڪنهن سان واسطو تي سگهي تو...؟ ڪنهن سان ...؟"

ذهن تي سوچن جي ڊوڙ

مونجهارو

پاڻ سان ٿيندڙ ويساهہ گهاتيءَ جو خيال.

"روز روڪيانس تو تہ پيڪين نہ وڃ .... پوءِ بہ مهيني ٻئي وڃي ضرور تي .... متان اتي ڪنهن سان .....!؟"

ڪاريون سوچون، ذهن تي چڙهنديون ٿيون وڃنس.

ڪاوڙ ۾ ڪروڌ سان ٻيهر نمبر ڊائل ڪري تو. هاڻي اسڪرين تي نمبر بزي بدران ڪمپيوٽرائيزڊ آواز آيو: 'آپ ڪا مطلوبہ نمبر اس وقت مصروف هي، مهرباني ڪر ڪـ ٿهوري دير بعد ڪوشش ڪرين ...!'

زال لاءِ زبان مان ڪچي ڳار نڪري وڃيس تي.

آفيس ڏانهن وڌندڙ قدمن جو رخ واپس گهر طرف ڪري تو.

اکين ۾ رت جي هولي

منهن ڳنڀير

غيرت جا واڪا

تڪڙيون وکون

ڀگهر جا ڦڙا چهري تي

گهر پهچي ڪاوڙ ۾ ڪال بيل تي آڱر رکي بيهي رهيو .... ٿوري پل ۾ سندس گهرواري سندس سامهون هئي. چوڻ لڳس، "مون کي خبر هئي توهان ضرور موٽندوَ ...! جو تہ توهان پنهنجي موبائل کڻڻ بدران منهنجي موبائل کڻي ويا هيو ...! ڪيترو چيو مانوَ هڪ جهڙي موبائيل نہ وٺو، پر توهان چيو تہ اسان هڪ آهيون، تہ موبائيل بہ هڪ جهڙي هوندي ... هاڻ ويٺا پنڌ ڪيو ..."
هو ڪڏهن زال ڏانهن نهاري رهيو هو تہ ڪڏهن هٿ ۾ جهليل زال جي موبائيل ڏانهن .....

❊

## محرم / نامحرم

هوءَ اڪيلي باغ ۾
پٿر سان ٺهيل بينچ تي
چهري تي نقاب اوڍي
سوچن جي تاج محل ۾
تفريح ڪري رهي هئي.
منهنجون اُجايل نگاهون
هن جي نيڻن جي نديءَ ۾ ڇا ڪِريون؟
تہ ڪيس سڃاڻي ويس!
ڀلا هوءَ بہ ڪا وسارڻ جهڙي هئي؟
ساٿس گهاريل خوبصورت لمحا
۽ ڪنوارا پل
جنهن ۾ هن جا ٽهڪ
برفيلا ڏينهن بہ گرمائي ڇڏيندا هئا.
هڪ ٻئي سان رسڻ، پرچڻ.
ننڍپڻ جون شرارتون،
جوانيءَ جا جوشيلا ڏينهن
هڪٻئي کان ڏور نہ رهياسين!
اها اياڳي رات هئي،
جنهن رات هجرت جو واءُ گهليو.
هوءَ واعدا وچن وساري
مجبورين جي سنگهرن ۾ ٻڌجي،
مون کان ڪوهين ڏورهلي وئي.
ڪيڏو نہ هن لاءِ تڙپيو هئُم

سياري جون ڊگهيون راتيون،
هن بنا مون اڪيلي سر پوڳيون هيون!
هن جون يادون هر ڏينهن مون کي
سڪرات کان پلصراط تائين
پهچائينديون هيون!
ڇا آءٌ پنهنجي ان شازيہ کي نئتو سڃاڻي سگهان؟
هن جي سڳنڌ
مون کي چقمق جيان ڇڪي هن جي پرسان وڃي  بيهاريو.
"شازي ....!"
هوءَ ڇرڪي نهاري ٿي.
"ها ... پر اوهان کي منهنجي نالي جي ڪيئن خبر پئي؟"
"نالي سان گڏ مان توکي بہ سڃاڻان!"
"مان تہ توکي نٿي سڃاڻان ... ڪير آهين تون...؟"
"نہ ٿي سڃاڻين ...؟"
"نہ تہ ...!"
"ڇڏ اداڪاري ....!"
"مان ڇو اداڪاري ڪندس....!"
"نندڙي عرصي ۾ ئي تو وساري ڇڏيو مون کي ...؟"
"تنهن ڪري تہ پڇان ٿي ... ڪير آهين تون؟"
مون پاڻ ۾ همٿ گڏ ڪئي
تہ هوءَ بہ پٿر جي ٺهيل بينچ تان اٿي بيهي رهي.
"مان آهيان تنهنجو 'محرم'!"
ڳلن تي چنبو وهائي ڪڏندي چيائين!
"بي حيا.... بي شرم ... "محرم" پنهنجن لاءِ هوندين ... منهنجي لاءِ تون "نامحرم" آهين!"
هٿ زور سان ورائڻ ڪري، سندس مُنهن تان نقاب جو پردو لهي ويو هو.
ڇا ڏسان ....؟
هوءَ تہ واقعي منهنجي شازيہ نہ هئي.

*

# بدلو

رڌڻي ۾ چانهه جو ٻڙڪو.....
در جو چيڪاٽ......
ڪنڌ موڙي ڏانهنس ڏسڻ.
سهيليءَ جي چهري تي شيطاني مرڪ ڦهليل ڏسي.
ڊوڙي در جي پرسان اچي ٿي. ......
ليئو پائي، موٽي اچي پاڪر پري ڪيس چوي ٿي.
"نيٺ تنهنجي محنت رنگ لاتو آهي .....!"
پنهي جي چهري تي اڻ وڻندڙ مرڪ!
چينڪ کڻي هوءَ هن جي پرسان اچي ٿي.
جيڪو ڪرسيءَ تي ويهي سندس اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو..!
چينڪ ٽيبل تي رکي نوڙي چانهه ڪوپ ۾ اوتڻ لڳي ٿي.
هن جون بکايل نظرون....
سندس اپريل چاتين جي وچ ۾ ٺهيل لڪير تي ترڪڻ لڳن ٿيون.
اچانڪ هوءَ نظرون کڻي، هن جي چوريءَ پڪڙي ٿي.
جواب ۾ شڪست کاڌل مرڪ ....!
"ڇا خيال آ....؟"
"خيال ڏاڍا نيڪ آهن."
هن جا چپ هن جي چپن طرف وڌن ٿا.
۽ پوءِ .........
مختصر سفر کي طويل ڪرڻ جي ڪوشش ....
نيٺ ٿئي شڪست ....
پنهي جو ٻاهر نڪرڻ.
پوين پاڪر ۾ الوداعي ڏکهي چمي ....!
هن جو گهران نڪرڻ.
۽ هو ٿئي اڪيليون آمهون سامهون ....
"ڇا ٿيو؟"
"ڪم ٿي ويو نوشي .... مان تنهنجي ٿورائتي آهيان....!
اڄ تنهنجي ڪارڻ...!

مون هُن ذليل کان پنهنجي مرحوم پيءُ جو پلاند وٺي ڇڏيو..
۽ هو هاڻ جلد ئي.... تڙپندي لڇندي
’ايڊز‘ جي وبا ۾ مري ويندو.
هڪڙو پوائنٽو ٺهڪ...!
۽ پوءِ ....
ٻڌا پوائنٽا ٺهڪ .....!

٭

## اڻ ڏٺي قتل جا پيرا

ڳوٺ جي ڳهاٽ تي
’ڪارو ڪاري‘ تڪرار
جهيڙو
قتل....!
جرڳو
سگ چٽي
ڏريون پاڪرن ۾

وڏيري جي چانوَ ۾
ترت ئي شادي
گرميءَ جي جوانيءَ .... اماوس رات
اوندهه ۾ ٻڏل ....
ڪولي نما ڪمرو
ٻہ وجود ڇهتيل
ڀگهر جي بوءِ ... ٻنهي جي ناسن ۾.
ڪريہ، هڪ ٻئي کان.
مجبوريءَ جون زنجيرون
ڇهرا پسيني ۾ ٻڏل
ڇوڪرو منجهيل ...
ساٿو ساٿو
ٻئي پل شڪست مڃي ...
ناريءَ جي وجود تان لهي ٿو

۽ وڇٽي جو سهارو!

باک ويلي
گهوٽ جو ٻاهر نڪرڻ
ڪمري ۾ ڪنوار کي وٺڻ لئہ
سندس وڏوڙ سهيليءَ جو اچڻ
ڪنوار جي اکين ۾ آرس....!
"ڏي حال...؟"
سهيليءَ جي چهري تي طنزيہ مرڪ
ڪنوار مُنهن ٻيڙو ڪندي
"مُئي ۾ افعال ئي ڪونهي .... ان ڪان تہ ... مان قتل ٿيان ها.."

❊

## انوکو فن

نيري آسمان کي ڪڪرن پنهنجي اڇي لباس سان ڍڪي ڇڏيو هو، چنچل ۽ شوخ هوائون ماڻهن جا انگ ڇهي، پنهنجي مستي ڪرڻ ۾ رڌل هيون. منجهند جي وقت تي شام جو قبضو ٿيڻ وارو هيو. بهار جي پهرياتي موسم ڪنهن خوبصورت محبوبا وانگر دل جي تارن کي ڇيڙي رهي هئي. زندگيءَ جو حسين لمحو اکين ۾ قيد ڪرڻ جهڙو هو.
شهر جي مين چوراهي تي ٽن فقيرن جون صدائون وايو منڊل ۾ گونجڻ لڳن ٿيون. "غريبن جو ....؟" "الله ... الله ئي ..." "مسڪينن جو ...؟
"الله ... الله ئي ..." "ڏي الله" .... "ڏي الله" ....
اڳيون فقير ڇاليهہ سالن جي لڳ ڀڳ، ٻانهن جون ٻانهران ۽ شلوار جا پاچا رسي سان ٻڌل، زمين تي بولاٽيون کائيندو اڳتي وڌي رهيو هو. ٻيو فقير ان جي پويان ٽن ڦيٿن ۽ هڪڙي هينڊل واري سائيڪل جي مٿان پلٿي ڏئي ويهي سائيڪل کي هٿ جي زور سان اڳتي ڌڪي رهيو هو. جيڪو ٻن پيرن ۽ هڪڙي هٿ کان محروم لڳي رهيو هو. ٽيون فقير انهن جي پرسان، سندس پير صحيح سلامت، هڪڙو هٿ ڪپيل ۽ ٻيو هٿ سُڪل نظر اچي رهيو هو، تنهن جا پير زمين جي سيني تي پئجي رهيا ها.
اڳيون فقير سوال ۾ "غريبن جو؟" پويان ٻہ فقير جواب ۾ " الله ... الله ئي ..." چئي رهيا هئا. جنهن بہ ماڻهوءَ کين ڏنو تہ همدردي سبب رييو بہ، سائيڪل واري فقير جي جهوليءَ ۾ وڇايل چادر طرف وڌايا پئي ـ سائيڪل واري فقير جي جهوليءَ ۾ وڇايل چادر تي ڪوڙ سارن پيسن ان ڳالهہ جو ثبوت پئي ڏنو تہ اُهي صبح کان ئي گهران نڪتل آهن.

وقت ٻه فقيرن جي رفتار سان پنهنجي وک وڌائي رهيو هو. رات جي ميرانجهڙي اونده شهر تي پنهنجا پرَ پکيڙڻ لڳي. اهي ٽئي فقير شهر جي هڪڙي سوڙهي گهٽي ۾ داخل ٿي، هڪڙي بند گهر جي دروازي کي ڌڪو ڏيئي اندر گهڙيا.
سڪل ٻانهنَ واري فقير ٻانهن وڌائي اندران در کي ڪڙو ڏيئي چڙهيو.
سائيڪل وارو فقير ڦٽسن سان ڦريل چادر جهوليءَ ۾ ويڙهي، ٻل ڏئي هيٺ لٿو. جنهن جا ٻئي پير ۽ هڪ هٿ سُڪل هيو، زمين تي سمهي هلڻ واري فقير جي ٻانهرن ۽ ڀاڇن کي ٻڌل رسين کي کولڻ لڳو هو. جنهن اتي وچي ٽئين فقير سان چادر مان پئسا ڪڍي ڳڻڻ شروع ڪيو هو.

*

## مُنهن ۾ منڪر .... اندر جو اجرو

منهنجي حالت خراب ٿي رهي هئي، ڇاڪاڻ منهنجي سهيلي چانهه ٺاهڻ لاءِ رڌڻي ۾ هلي وئي هئي ۽ سندس مڙس منهنجي سامهون ڪرسيءَ تي ويهي TV ڏسي رهيو هو. پر آءٌ محسوس ڪري رهي هئس ته سندس نظرون TV تي گهٽ بلڪ، منهنجي چهري ۽ جسم تي وڌيڪ آهن.
منهنجون نگاهون شرم وچان جهڪيل هيون. هٿن کي مهٽيندي سوچيان ٿي. "جيڪڏهن خبر هجي ها ته اڄ آچر آهي ۽ سندس مڙس گهر هوندو ته قطعي نه اچان هان ..! هڪ ته اڄ اڇي ساڙهي پائي آئي هئس ۽ مٿان وري تڪڙ ۾ بريزر پائڻ ٻه وسري ويو. ساڙهيءَ وارو ڪپڙو ٻه گرميءَ جي بنسبت سنهڙو هئڻ ڪري منهنجي سفيد وجود جو هر انگ ٻاهر ليئا پائي رهيو هو. ڳچي ٻه ويڪري....! ڇاتين جو اڀار ٻه ظاهر ..! جنهن تي هن جي ميري نظر گردش ڪري رهي هئي. اي سيءَ جي ٿڌي هوا ۾ ٻه جسم پگهرجندي پائنيم ....!
هن جي گهرواري منهنجي سهيلي آهي، آءٌ هر روز سندس گهر ناهيان ايندي پر ڪڏهن ڪڏهن ..! ۽ هوءَ ٻه اسان جي گهر ايندي آ ۽ خوب ڪچهري ٿيندي آهي..!
هاڻ منهنجي طبيعت بگڙجندي ٿي وئي، پيشانيءَ تي گرميءَ جا ڦڙا ٻه محسوس ڪيم. اهو سڀ ڪجهه ان جي ڪري ٿي رهيو هو، جو هن جون چور نگاهون منهنجي وجود تي هر هر آيون ويون پئي.
پنهنجي سهيليءَ جي اچڻ جي اوسيئڙي ۾ منهنجون نظرون پنهنجين اڀريل ڇاتين تي پيون ته لڄي ٿي ويس، ڇاڪاڻ ته جواني سفيد ڪپڙي مان ڇگيءَ طرح ڏسڻ ۾ پئي آئي ...!
هن طرف ڏٺم ته هو منهنجي ڇاتين طرف چور نگاهن سان ڏسي رهيو هو. اهو سڀ ڪجهه پهريون ڀيرو ٿي رهيو هو. مون تڪڙ ۾ مٿي تان رئو لاهي ڇاتين کي ڍڪيم ته هو مون کي ڏسي چوڻ لڳو.
"ڀيڻ ! پائرن جي سامهون اگهاڙي سر ناهي ويهبو ....!"

*

## گهروڙي ڏنل ٻجي مان نڪتل پيسا

هو گهر جي ورانڊي ۾ کٽ تي ويهي نئين اخبار جون سرخيون پڙهي رهيو هو ۽ سندس ڇهن سالن جو وڏڙو پٽ بار بار ڪائنس پنهنجي اچوڪي ڏينهن جي خرچي پئي گهري. پر پيسا نه هئڻ ڪارڻ هن پنهنجي پٽ جي التجا وارين ڳالهين طرف پنهنجو توجهه نه پئي ڏنو.
وڏي جاکوڙ ڪان پوءِ به ڪو ڪڙتيل نه نڪتو ته پٽنهس جي اکين مان لڙڪن جي برسات شروع ٿي وئي. پر پٽهس جي مٿان جونءِ به نه چُري....!
پٽنهس روئندي روئندي اچي پيءُ جي هٿ ۾ جهليل اخبار کي چڪ ڏني ته اخبار هلڪي چرڙات سان ڦاٽي پئي.
پٽهس ٻجو گهروڙي ڏيندي چيس: "هان .... هيءُ وٺ .... گهٽا اٿئي؟"
پنج ...
پٽنهس تڪڙ ۾ وراڻيو ته ڪمري ۾ پنهنجي ماءُ سان سٽل سندس ننڍي پٽ به پنهنجي سجاڳ هئڻ جو اعلان ڪندي چيو:
"بابا ... مون کي به .....!!"
ننڍڙي پٽ جو اوچتو اهڙو جملو ٻڌي پٽهس جي چهري تي شرمساري اچي وئي.

❊

## دنيا گول آهي

ابتدا واري رستي تي هڪڙي ماڻهوءَ کي بيٺل ڏسي ڪائنس پڇان تو.
"ڪير آهين پائو...؟"
"انتها پسند آهيان....!"
"۽ ابتدا ......؟"
"ان سان منهنجو ڪو به ڳانڍاپو ناهي ...!"
"هن وقت ابتدا واري روڊ تي بيهي ڇا پيا ڪريو ؟"
"پنهنجي انتها واري منزل طرف وڃان پيو...!"
ائين چئي هو هليو ويو.

ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ

هو ابتدا واري روڊ تي بيٺل مليو.
اڳتي وڌي ڪائنس پڇيم.
"ها ... انتها پسند ..! اڄ وري ابتدا واري روڊ تي ڪئين....!؟"
چيائين: "هي دنيا گول آهي...!"

## اڄ جو الميو

گهر ۾ روڄ راڙو
ان گهر منجهان هڪڙو شخص
آلين اکين سان ٻاهر نڪري ٿو
ته واٽ ويندڙ ڳوٺاڻي پڇيس.
"ادا خير ته آهي، ڪير مري ويو آهي ڇا؟
جو گهر منجهان رڙيون اٿي ڪي ٿيون ڇيرن؟"
"ڪير مئو ناهي پر...
ڪوئي پيدا ٿيو آهي......!"
"ٻار پيدا ٿيڻ سان ته گهر ۾ خوشيون ملهايون وينديون آهن، پر هي روئڻ جو آواز...؟"
"پٽ پيدا ٿيو هجي ها ته خوشيون به ملهايون ها .... ڌيءَ جي پيدا ٿيڻ سان......!"
جملو اڌ ۾ ڇڏي اکين مان لڙي آيل لڙڪ اگهي هليو وڃي ٿو.

*

## "گلاب" جو "گل"

ڇهپري همراهه رستي ويندڙ ننڍڙي ڇوڪري کي ڏسي، پاڻ وٽ گهرائي ڪيس ڇئي ٿو:
"نالو ڇا اٿئي؟"
"گل"
"ڪهڙو گل؟"
"گلاب جو..."
ڇوڪري پنهنجي پيءُ جو نالو ٻڌايس.
"گلاب جي گل ۾ ته ڏاڍي خوشبو سمايل هوندي آهي، پر تو مان ته خوشبوءَ جي هبڪار نه ٿي اچي...!"
ڇوڪرو ڪائنس پڇندي ڇويس ٿو:
"ڇاڇا اوهان کي ته نڪ ئي ڪونهي......!!"

**

## اڄ جي پوليس

هر روز جيان اڄ بہ هوٽل جي بينچ تي ويهي هلندڙ فلم مان بور ٿي رهيو هئس. هڪ تہ بور فلم ۽ مٿان وري رش ...! بيزاريءَ وچان نگاهون TV جي نيٽن ڪان هٽائي هوٽل جي اندر ماڻهن جي پوائنٽن عڪسن ۾ ڪپائڻ لڳس. ڪُنڊ واري بينچ تي هڪڙو شخص اڪيلو ويهي، سگريٽ جي تماڪ ۾ چرس ملائي رهيو هو. ڪيسي مان موبائل ڪڍي سندس وڊيو پرڻ لڳس ۽ هو مزي سان تماڪ ۾ چرس ملائي سگريٽ ۾ وجهي پيئي ٿو. سندس وڊيو مڪمل ٿيڻ ڪان پوءِ مان اٿي سندس پرسان اچي ويٺم ۽ موبائل سندس سامهون ڪري ڪيس وڊيو ڏيکارڻ لڳس، جنهن ۾ هو چرس پريو سگريٽ پيئي ٿو. هو خاموشيءَ سان منهنجي چهري ۾ سواليہ نظرون اٽڪائيندي منجهي ٿو پئي. ڪيسي مان هڪڙو ڪارڊ ڪڍي ڪيس ڏيکاريان ٿو تہ همراهہ جون وايون بتال ٿي ويون. لازمي آهي...! پوليس جي سامهون ڏوهہ ڪندي ڪهڙي مجرم جون وايون بتال نہ ٿيندي يون ...؟ داٻي ۾ چوانس ٿو، "ٽاڻي تي هلندين...؟ يا ڳالهہ جو ڳلو هتي ئي ڪپي ڇڏيون ...؟" هو منجهيل، ڳنڀير، اکين ۾ ڊپ جا طويل پاڇا ....! سندس اهڙي ڪيفيت جو ڀرپور فائدو وٺندي ڀيهر مدم آواز ۾ چوانس ٿو. "پنج سؤ ڪڍ .... نہ تہ هل ٿاڻي تي .....!"

"مون وٽ تہ صرف چانهہ جا ڏهہ رپيہ آهن." ٿڙڪندي وراڻي ٿو.

"هل ٿاڻي ...!" اٿندي چوانس ٿو.

"منهنجو هڪ دوست آ، گهر هوٽل جي ڀرسان ئي اٿس. توهان جي موبائل ۾ بيلنس آهي تہ ڪيس ايس ايم ايس ڪيان، هو جهٽ ۾ پيسا ڪٺي ايندو ...!"

"ٺيڪ آ" ڪيس موبائل ڏئي ويهان ٿو.

هو ايس ايم ايس ڪري موبائل واپس ڪري ٿو.

مان خوش...! هو منجهيل...! ڪجهہ وقت ڪان پوءِ بہ پوليس اهلڪار يونيفارم سان هوٽل ۾ اچي مون کي ڳچي کان جهلي چون ٿا. "تنهنجي ايتري جرئت.... جو تون هڪ پوليس واري سان مذاق ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي؟"

هوٽل جي ماڻهن سان گڏوگڏ مان بہ سراپجي ويس، ڇو تہ مان ڪو پوليس وارو ٿورئي هئس؟ ۽ جنهن کي بيوقوف ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم ۽ اهو بہ پوليس وارو نڪري پيو.

۽ پوءِ مون تي چماٽن سان سڄو هوٽل ڀري ٿو پئي .....!!

*

## مهڪيل ادائون

ڪم ڪان ٿڪل ٽٽل گهر موٽيم تہ هن جي چهري تي آيل مرڪ املتاس جي لامن جيان جهومڻ لڳي هئي. اندلني چهرو پسڻ ڪان پوءِ منهنجا ٿڪل جذبا توانا ٿي ويا. چنچلايون ۽ ڪوملتا هن جي چهري تي ائين پئي ٻکيون. جيئن گلاب تي ڪرندڙ شبنمي بوندون.....! هوءَ بہ تہ سونهن سراپا

جي پيڪر هئي. هن هڪ ٻي مٺي مرڪ مون ڪي ارپنا ڪئي. ۽ مان ان جي معصوميت ۽ دلڪشيءَ ۾ رنگجي ويس....!!

ٻي پل ۾ هن جو منهن منهنجي ويڪرين ڇاتين ۾ لڪيل هو. ٻنهي ٻانهن سان منهنجي پاڪر ۾ پريل هئي. ڪيڏو نه سڪون مليل رهيو هو ڄڻ نه جنت ۾ ويٺو آهيان.....!! هن پنهنجو منهن مٿي ڪيو، نيڻن ۾ نيري ندي ليئا پائي رهي هئس....! صنوبر وڻ جي ٽارين جيان مهڪيل چهري ۾ ڪائنات جون ساريون حسناڪيون اپري آيون هيون...!! گلاب جي پنڪڙين نما چپ منهنجي پيشانيءَ تي رکيائين نه تڏڙي لهر منهنجي رڳن ۾ ڊوڙي وئي. پيشانيءَ کان چپن ڪي سفر ڪرائيندي ڳلن تي پهتي نه آءٌ برف جو تراشيل بت بڻجي ويم. اڃانڪ هن پنهنجا چپ منهنجي ڳلن کان ڌار ڪيا ۽ مان ڀڳهرجي پاڻي تي ويم. ڏٺم نه هوءَ انوکي ادا سان مرڪن جا پوپٽ وکيري رهي هئي. اڪ ڀڳائين نه سمجهي ويم نه هوءَ مون مان ڇا تي چاهي! تنهن ڪري ڪيسي مان پنج روپين جو نوٽ ڪڍيم نه ڀڙڪو ڏيئي پيسا ڦري ٻاهر طرف ڊوڙڻ لڳي.

"ڪاڏي تي وڃين....؟" رڙ ڪندي چيم.

"ابا هٽ تان شيءَ وٺي اچهو تي موٽان.....!!"

اهو سڀ لڪاءُ منهنجي گهر واري ٻه ڏسي رهي هئي. منهنجي ويڳاڻپ ۽ ڌيءَ جي چالاڪيءَ تي مرڪن جا نظم سرجڻ لڳي هئي.

❊

## احساس بٽيا رانديڪا

ڪئلينڊر ۾ نظرون
چهري تي مرڪ
فون جي گهنٽي
"هيلو...
"ڇا ؟" دانهن ڪرڻ سان هٿن مان رسيور جو فرش تي ڪرڻ
در کي تاپو، ڪاريڊور ۾ ڊوڙ
لفٽ بند، ڏاڪڻين تان ٽپا
رات جي وڳڙي ۾، ٽيڪسين جي اڻ هوند
هاڻ وي تان لفٽ
ڪالونيءَ جو چولو ڇيهاڙيندي در کي ڌڪو.
قالين تي پيل سندس دوست جو لاش رت سان رڱيل
۽ ٻين دوستن کي اشڪ لاڙيندي ڏسي ٿو.
وکن جو لاش طرف وڌڻ

اکين ۾ اونداهي .... پونءِ تي ڪرڻ
لاش جو اتي چوڻ 'اپريل فول .... اپريل فول'
ٺهڪ .... تاڙا .... هُوڪرا.
هو ڪجهه چڻ لاش. ڊرڪي پيو.
"سمير .... سمير؟"
دوستن جي دانهن
خاموشي!
موت جي بوءِ، خوف جي جبل جي ٽٽڻ جو ڀيانڪ پڙلاءُ
"سمير اٿ ته .... اسان ته اپريل فول ...." لفظن جو نڙيءَ ۾ ڇيڻ
سانتيڪي وجود مٿان دوستن جو ميڙ
ڍهيل چهرن ۾ ڊپ جو پوائنٽو پاڇو
"ڪاشي ... تڪڙ ۾ گاڏي ڪاهي آ.." هڪ دانهن
ڪاشف جو در ڏانهن ڊوڙڻ
هن جو اتي ٻڌا ٺهڪ ڏيئي چوڻ ...
"اپريل فول ٿو ...."
*

## تون ڪٿي آن آزادي

معصوم ٻار.
معصوميت سان اپٿاريل چهرو.
نيڻن ۾ لڙڪ
مسلسل روئڻ.
انڌي سماج جي سامهون.
هو ويڳاڻو ٿي تسلسل سان سڪيون ڀري رهيو هو.
هڪڙو حساس دل انسان هن جي ڀرسان اچي سندس نازڪ ڳلڙن تان لڙڪن جو بار لاهي/ صاف ڪري ٿو ڇڏي.
پوءِ به معصوم جا سڏڪا عرش کي ڏڏي رهيا هئا.
"پٽ تنهنجو نالو ڇا آهي؟"
"آزاد ....!" سڏڪندي.
"پٽ آزاد تون آزاد ڀڪيئڙو آهين! آزاد ڀڪيئڙا سدائين مرڪندا آهن. تنهنجي اکين ۾ لڙڪ ٻنهه نه ٿا ٺهن. تنهنجي روئڻ جو ڪهڙو ڪارڻ آ پٽ..؟"

شفقت وارو هٿ معصوم جي مٿي تي پيو ته سندس سڏڪا ويتر وڌي ويا. اکين مان آبشار وهڻ لڳو هئس.

“پٽ ڇو ٿو روئين؟”

معصوم جا چپ ڦرڪڻ لڳا ٿا. زبان منجهان رتوڇاڻ الفاظ نڪرنس ٿا.

“هتي منهنجي پيڻ .... آزاديءَ کي واڙيو ويو آهي”.

معصوم جي اکين مان سمنڊ پلتجي ٿو پئي.

❈

## سماج

گنيير ....!
مرڪڻ ....!
خاموش
اکين مان نير وهائڻ.
ٻتا ٿهڪ ....!
ڪڏهن موت جيان
ڪڏهن زندگي ....!
تاريڪيءَ ۾
ڏيئو ٻٽجي پوندو هو.
روشنيءَ ۾
الوپ ....! ته ڪڏهن ظاهر ...!
“هي ڪير آ؟ جيڪو هلندڙ وقت جيان متبو تو رهي ..؟!” (ڪيس ل    اڳيتو ڏسندڙ)
“چريو آ ....!”

❈

انٽرنيٽ ايڊيشن: عباس ڪوريجو ويب

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو

www.abbaskorejo.com